
مان هت
جنم نہ
وٺندس!!!
امداد ڪانهيو
نئون نياپو

# مان هت جنم نہ وٺندس

(ڪھاڻيون)

## امداد ڪانهيو

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب جو نالو: مان هِت جنم نہ وٺندس
موضوع : ڪهاڻيون
ڪهاڻيڪار : امداد ڪانهيو
تعداد : هڪ هزار
ڇاپو پهريون : آگسٽ 2013ع
ڇپائيندڙ : نئون نياپو اڪيڊمي،
D-1 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811

مُلهہ : 150 رپيا

# ارپنا

انهن روحن جي نانءُ
جيڪي گناهہ ثوابہ
پاپ ۽ پُڄ کان مٿاهان آهن.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(203)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”مان هت جنم نہ وٺندس“** ناماياري ليکڪ **امداد ڪانھيو** جي ڪھاڻين جو مجموعو آهي.

امداد جڻ ڪھاڻيون لکي نٿو، پر دل جي ڪنھن وساريل، اونداهي ۽ پرانھين ڪُنڊ ۾ پيل بي ساهين ڪھاڻين کي ٿُڦيلي چندي ڦُوڪي اُجاري جڻ ساهُ وجهي عام آڏو آڻي ٿو ۽ هُوءَ تہ بس ائين ئي ڪندو رهي ٿو... ۽ جڻ ان کي تہ بس اُها ئي ڪِرت اچي ٿي... ڇو جو سندس ڪھاڻين ۾ هميشہ اُڃ، گُھر، اڻپورتا جو پاڇول ۽ حسرتن جو پوتاميل پوءِ بہ باقي رهندو آهي...

هي ڪتاب 2013ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امداد ڪانھيو صاحب جا جنھن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ: سنڌي انعام / 7
پنهنجي پاران: امداد ڪانهيو / 9

## ڪهاڻين جي ترتيب

1. گُنهگار /14
2. وڏو ظالم / 20
3. ڪارو رومال / 23
4. پاڻي / 38
5. نو پرابلم / 43
6. بي نڪو / 51
7. وري ايندس مان / 58
8. هيءُ ڪو عيسي تہ ناهي / 68
9. شڪار / 71
10. مان هت جنم نہ وٺندس / 77
11. شانتي نہ آهي / 82
12. گڏھ نواز / 91
13. اڪين جا انجام / 100
14. رهجي ويل اکيون / 106
15. هُوءَ مري وئي / 121
16. خالي هٿ / 129
17. رحمان جي نگري ۾ نہ رهندس / 142
18. گُذري ويل رات جي رهجي ويل لمحي ۾ / 157

# پبلشر جو نوٽ

نئون نياپو تہ پنهنجي ٻُڻ ۾ ئي ڪهاڻين جا رنگ برنگي پکين جا ولر پاڻ سان ساڻ رکي ٿو ۽ جيڪا بہ وِڪ وِڪ هو اڳتي وڌي ٿو، اها بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪهاڻيءَ يا ڪهاڻيڪار جي ساٿ سهڪار سان وڌي ٿو. ۽ هاڻي تہ نئون نياپو بہ اهو چئي سگهي ٿو تہ هن بہ چڱا چوکا ڪهاڻين جا ڪتاب پڌرا ڪري ورتا آهن ۽ اهو سلسلو اڄ بہ پنهنجي وِت وس آهر سُرندو هلي ٿو ۽ نڪورتا جا نئوان رنگ سنڌي ادب جي منڊل ۾ پکڙجندا تا وڃن.

هي ڪتاب : "مان هِت جنم نہ وٺندس" بہ تہ انهيءَ رنگين، ڳُوڙهي ۽ اُتاهين ڳُهر جو پرتوو ئي آهي...

اسان جو امداد جنهن سان دوستيءَ کي تہ هڪ ورهيہ ڪان وڌ زمانو ٿي چُڪو آهي پر اڄ تائين ساڻس ساٿ سلامي رُوبرو ناهيون ٿي سگهيا، اُها تاس ۽ آس اڃان باقي آهي...

مونکي چڱي پر ياد آهي تہ ، ڪهاڻي ڊائجسٽ جي شروعاتي / ڏکين ڏهاڙن ۾ جنهن دوست اڳتي وڌي ڪهاڻي ڊائجسٽ جي وڌيءَ دل سان آجيان ۽ سهائتا ڪئي هُئي، سو بہ تہ اهو اسان جو منڙو دوست امداد ئي تہ هو، جنهن نہ رُڳو ڪهاڻي ڊائجسٽ جي مالي سهائتا (ڪهاڻي ڊائجسٽ جا پرچا خريد ڪري) ڪئي، پر ان سان گڏ و گڏ نون ڪهاڻيڪارن کي بہ ڪهاڻي ڊائجسٽ سان مڪا ميل ڪرايو ۽ اهو سهڪار اڄ بہ ثواب جاريا جيئان جاري آهي..

امداد جي ڪهاڻين بابت مون هميشہ اهو ئي سوچيو آهي، هو تہ ڄڻ ڪهاڻيون لکي نٿو، پر دل جي ڪنهن وساريل، اونداهي ۽ پرانهين ڪُنڊ ۾ پيل بي ساهين ڪهاڻين کي ٽُڪيلي چِندي ڦُوڪي اُجاري ڄڻ ساهُ وجهي عام آڏو آڻي ٿو ۽ هُوءَ تہ بس ائين ئي ڪندو رهي ٿو... ۽ ڄڻ ان کي تہ بس اُها ئي ڪِرت اچي ٿي... ڇو جو سندس ڪهاڻين ۾ هميشہ اُڄ، ڳُهر، اڻپورتا جو پاڇول ۽ حسرتن جو پوتاميل پوءِ بہ باقي رهندو آهي...

منھنجي اھا وڏي خواھش ھئي تہ امداد جو ڪتاب اچي جيئن نقاد ۽ پاٺڪ امداد کي ھڪ ھنڌ پڙھي ۽ پنھنجي راءِ جوڙي سگھن ڇو جو مون ھن کي ھميشہ ڪھاڻين بابت ڏاڍي لُڇ پُڇ واري ڪيفيت ۾ محسوس ڪيو آھي ۽ اڄ ھي ڪتاب جڏھن سھڙجي سموئجي نئون نياپو کي پڌرو ڪرڻ لاءِ مليو آھي تہ ڪير شل نئون نياپو جي سرھائي اچي ڏسي...

ھونءَ بہ نئوان نئوان ڪھاڻيڪار اڀِرندا آھن ۽ انھن کي ميڙي مُٺ ڪرڻ نئون نياپو جي بُنيادي ۽ پُراڻي گُھر آھي...

۽ ھي ڪھاڻي ڪتاب پڙھي پنھنجي راءِ کان آگاھ ڪرڻ نہ وساريندا.

# سنڌي انعام

مهاڳ

# وري ايندس مان

هڪڙا هوندا آهن دنيا جا دستور!!!.
۽ هڪڙا هوندا آهن دل جا دستور.
دستور مڙوئي دستور پر دستور هوندا ضرور آهن.
جيئن دنيا پنهنجا دستور جوڙي وٺندي آهي ائين دل به پنهنجا دستور جوڙي ڇڏيندي آهي پر جيڪا دل ڪي دستور جوڙي نہ سگهندي آهي، اها دل دنيا جي دستورن تي هلندي آهي ۽ دنيا جا دستور ئي قبول ڪري سفر گهاريندي آهي!!.
پر منهنجي دل.........
پر منهنجي دل.......... دنيا جي دستورن کان الڳ ٿلڳ ڪي پنهنجا دستور جوڙي ڇڏيا ۽ مان هميشہ پنهنجي دل جي انهن دستورن هٿان مجبور ئي رهيو آهيان ۽ پنهنجي دل جي دستورن تي ئي هميشہ هلندو رهيو آهيان!!.
دل غفائن ۾ هلايو، هلي پيم مان.
دل ڏسائن ۾ هلايو، هلي پيم مان.
دل خلائن ۾ هلايو، هلي پيم مان.
خواب، رُج، صحرا، سُڃ، سمنڊ، جاڳ، چاندوڪيون، اوٽڻيهون، رستا راهون، پيچرا، سفر.......... ۽ پٽ جو پڌر!!.
هيڏانهن هل.
هوڏانهن هل.
هل تہ هل!!. جيڏانهن پي دل چيو مان هلي پيم.
مون دل جا دستور عزيز رکيا آهن. جا ڪچهريءَ دل ڪي نہ آئڙي اها ڪچهريءَ مان اڌ ۾ ڇڏي هليو ويم، جت ترسي پوڻ، رڪجي وڃڻ تي دل تي اتي مان پهڻ تي پيم، ڏونگر تي پيم، ٽڪر تي پيم، ٽري نہ سگهيم، ڪڪر تي پيم، وسي نہ سگهيم!!.
الاءِ چو هر هر، هر هنڌ مون دل کي ئي ترجيح ڏني آهي ۽ پنهنجي دل جي دستورن تي مان خوش آهيان. ڪنڊا ڪيترا پيرن جي ترين ۾ آهن مون نہ ڳڻيا آهن!!!.
منهنجي دل پنهنجا دستور ڪڏهن جوڙيا؟؟.
ڪهڙي پل؟؟.

ڪھڙي لمحي؟؟.
اھا ڪھڙي گھڙي ھئي جنھن مھل منھنجي دل، دنيا جا دستور ٺُڪرائي پنھنجا دستور ئي ٺاھيا؟؟.
مون کي ڪا سُرت ناھي!. مون کي ڪا ياد بہ نہ آھي تہ اھا گھڙيءَ، اھو پل، اھو لمحو ڪھڙو ھو جو مون غم ماضيءَ دل تي اڪريل ھوندي پي، ياد ھوندي پي، مرڪي مرڪي پئي سدائين پلايو آھي ۽ ھميشہ ائين ئي رھيو آھيان جڻ ڪجھ ياد نہ اٿم ۽ مان اڳتي وڌيو آھيان پر اھو پلاٽڻ، منھنجو جڻ خود ڪان تتاڻ ئي آھي بس........
جو ياد تہ دل ۾ رھجي ئي ويندي آھي ۽ زخم دل تي ابرندا رھندا آھن!!.
جڏھن پي جنھن پل پي مون پنھنجي اندر ۾ پھرين پيج ڏاھ تيندي ڏني ھئي ان لمحي مون دنيا جا دستور ٺُڪرائي ڇڏيا ھا!!!.
مان دل جي دڳ تي لڳي پيو ھئس.
موت ۾ دل چا ڏنو؟، چا ورتو؟، اھو ڪنھن ڪان ڳُجھو ھئڻ نہ گھرجي جو سيڪو ڄاڻي ٿو دل تہ سودائيءَ ئي ھوندي آھي ۽ سودائيءَ ڪان سواءِ دل ڪجھ بہ نہ ھوندي آھي!!.
دل ئي اھا ھستيءَ آھي جيڪا ڪلندڙ وجود کي اٿڪائي، سٽڪائي، لتڪائي ڇڏيندي آھي ۽ ھستيءَ جي مستيءَ ڏُڏڙ ڏُوڙ ڪري ڇڏيندي آھي پر ھستيءَ جي اھا مستيءَ سانڍڻ دل جي دستورن جو ڪم آھي سو مان پنھنجي دل جي دستورن جو مُنڪر نہ آھيان، مان پنھنجي اڳيان پاڻ ڪمزور رھيو آھيان، ائين چوان تہ مان پنھنجي دل آڏو ئي بيوس رھيو آھيان تہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. دل جڏھن بہ ڪي نوعيتون نہ مجيون آھن ۽ دل جگر ڪنھن پيڙاءُ جو شڪار ٿيو آھي تڏھن ڪھاڻي منھنجي موت جو سبب بڻي آھي ۽ مان موتي ڪھاڻي ڏي ئي وريو آھيان، مون جڏھن بہ دنيا جي ڪنھن دستور ڪان منھن موڙيو آھي تڏھن مون ڪا ڪھاڻي لکي آھي.
ڪھاڻي مون فقط دنيا جي دستور کي نڪرائڻ مھل لکي آھي.
ڪھاڻي مون فقط دل جي دستور کي مڃڻ مھل لکي آھي.
باقي ھوئنئن مان تنھا سفر جو ھيراڪ رھيو آھيان، ڪيتر ڪيتر، وک وک مان اڪيلائي سان ھليو آھيان ۽ ھلندو اچان ٿو ۽ ھلندو ايندس.......
مان ڪميٽڊ ليکڪ بہ نہ آھيان ۽ ڪڏھن ڪميٽڊ ليکڪ ٿي بہ نہ سگھندس جو ھڪ تہ دل جا دستور ئي اھڙا اٿم جيڪي ڪڏھن ائين ٿيڻ بہ نہ ڏيندا ۽ ٻيو تہ مان ونديو، ورچيو، ورھايو

پيو آهيان، جيون سمورو بي انت نموني وڪريو پيو آ. ٿانيڪو ڪجهہ بہ نہ آهي، جو پيءِ آهي سو سڀ اڻ ٿانيڪو ئي آهي!!.
جيون سمورو جيئڻ بہ آهي جهڙو بہ آهي پر پڪ اٿم جڏهن بہ دل اندر ذرو بہ ولوڙ وريو ۽ دنيا جي ڪنهن دستور ڪڏهن بہ پاسو واريو تہ مان ڪا ڪهاڻي لکڻ کان رهي نہ سگهندم.
هي سڀ ڪهاڻيون، هنن سيني ڪهاڻين جا ڪردار ڪٿي نہ ڪٿي سچا ضرور آهن، جن جي پيچ ڏاهہ منهنجي اندر ۾ ئي ڪاغذ تي لٿي آهي باقي هونئن تہ مون ڪڏهن مهينن جا مهينا بہ نہ لکيو آهي پر ڪنهن واقعي جي دل مٿان گُذرڻ مهل مان خود واقعي جو ڪردار ٿي پيو آهيان، مان مريم شاهہ ٿي پيو آهيان، مان شانتي ٿي پيو آهيان، مان شميءَ، نقيءَ، عرفان، وڏي رئيسياڻي، ڪلارڪ، پوتار، ڊاڪٽر، مولوءَ........ سڀ جا سڀ مان ٿي پيو هان.
ڪردار ٿي پوڻ کان پوءِ انت ۾، مون سدائين هڪ مُختصر ويهڪ ۾ ئي ڪهاڻي لکي آهي ۽ ائين ئي مون هر ڪهاڻي هر واري لکي آهي!!.
ڪهاڻي لکندي مون محسوس ڪيو آهي تہ اسان جي خوشنصيبيءَ آهي جو اسان سنڌ جي جنت ۾ ڄاوا آهيون.
۽ اسان جي بدنصيبيءَ آهي جو اسان اهڙي وقت ۾ ڄاوا آهيون جو ٻگهڙن کان وڌ اسان کي پٺو چوڪيدارن مان آهي.
ڪوڙ کي سچ تي سرسيءَ ۽ سچ کي ڏوڙ ٿيندي اسان جابجا ڏٺو آهي.
اسان روح جي انيڪ المناڪ حادثن جا عيني گواهہ آهيون!!.
اسان پيڙهيل طبقي جا نچوڙيل ۽ نهوڙيل وجود آهيون، اسان عشق جي الفيءَ وارا، من جي ماتمڪدي ۾، حسرتن جا لاشا کڻڻ وارا فقير منش دل جي دستورن جا مجاور ماڻهو آهيون جيڪي فقط ابوجهہ قوم جي بيوسي جا شاهد آهن!!!.
ڪاش اسان پنهنجي قوم جو آجپو پنهنجي اکين سان هن ئي جيون ۾ ڏسي سگهون............ پر پري پري تائين ٻاگيا ۽ ٻگهڙ واڙي جي وات ونيو ڳٽ جوڙ ۾ تا ڏسجن، سندن هنيل گهات قوم جي هر روح تي هنيل گهات آهي.
دل جا دستور گهلي تا وڃن وري وري ڪنهن ٻي ڏسا ۾...... پر اندر جو اڀڙڪو ڳِهيءَ نٿو سگهجي!!. موٽ ڪائبي ڪهاڻي ڪتاب ڏانهن جتي مان اوهان سان مخاطب آهيان، هن ڪتاب جو نانءُ مون تہ رکيو هو وري ايندس مان.
پر انهي ئي دل جي دستور نهڪر تي سندرو ٻڌو ۽ مان منجهي بيهي رهيم پر دل سودائيءَ کي مان مڃائي نہ سگهيم ۽ موٽ ۾ دل سودائيءَ مون کي ئي مڃائي ورتو.

سو هي ڪتاب وري ايندس مان منجهان مان هت جنم نہ وٺندس تي پيو آهي جو المناڪ حادثا روح تي گهاؤ بنجي لهن ٿا، اهي حادثا روز بروز اسان سين جي آس پاس ڪٿي نہ ڪٿي جنم وٺندا ٿا رهن ۽ اسان گناهگارن ڪي چڏي معصومن ڪي سنگسار ڪري ڇڏيون ٿا ۽ ناحق تيندي ڏسندا رهون ٿا.

ائين هي ڪتاب وري ايندس مان منجهان، مان هت جنم نہ وٺندس بڻيو آهي ۽ هي ڪتاب مون انهن ئي ارواحن کي ارپيو آهي جن کي پنهنجي گُناهہ جي خبر پيي ناهي ۽ جيڪي ڪُن فيڪون ڪان تُرت ئي پوءِ تيغ ترار تي پيا آهن!!.

آخر ۾ مان پنهنجي سيني پيارن جو احسانمند آهيان جن مون بي وڙي تي ور ور پئي انيڪ وڙ ڪيا آهن، مان احسانمند آهيان پياري زيب جو جنهن هن هوڏي ۽ بي رحم وقت جي مصروف گهڙين مان ڪو وقت ڪڍي هن اسڪرپٽ کي پنهنجي مطالعي ۾ آندو ۽ اصلاحي چند چاڻ ڪندي پنهنجي راءِ ڏني ۽ مان رکيو. مان ڪجهہ سڄڻن لاءِ بنهہ اجنبيءَ هيم جو محترم عزيزن سان ڪڏهن ڪا ملاقات تہ نہ رهي هئي پر ڪڏهن ڳالهہ ٻولهہ بہ نہ رهي هئي، پهريون پيرو ئي تعارف ڪرائي مان دوستن جو ڏڳ جهلي بيهي رهيم، ڪشڪول خالي نہ آيو، اهو سندن قرب آهي سو سينيءَ سڄڻن مون سان خوب نڀايو تنهن جا لک لائق. مان پنهنجي ويجهن دوستن کي بہ نٿو وساري سگهان جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح مون لاءِ اتساهہ ئي رهيا آهن.

نہ ڪکر، نہ ڪڪري، نڪي ميگهہ ملهار،
نہ وس نہ واسو، نڪي ڏڻ ڏنار،
ثابت هيا سيد چئي، ويڙهيچا منجهہ ولهار،
آئون انهن جي آڌار، پئي مُرڪان ملير ۾.

هڪ هُوءُ هستي مُرڪي پئي هُن ملير ۾ بيو مان مُرڪان پيو هِن ملير ۾ ٻنهيءَ جي مُرڪ جو آڌار فقط ثابت هُيا سيد چئي جي سِٽ ۾ آ.

اها سِٽ پوئنري ۽ نرگس جو نباهہ آهي، پوپٽ گل کان جدا تي نٿو سگهي ۽ گل پوپٽ ڪان سواءِ جيءُ نٿو سگهي، قرب قائم آهي پوئنري ۽ نرگس جو ۽ اهو ازل کان ابد تائين رهڻو آ، جڏهن پيي نرگس پوئنري جي ديوانگيءَ ڏسي دل جا دستور نہ سمجهي سگهيا آهن تڏهن نرگس هر هر ويچار ڪيو آهي تہ پئونرو ديوانو آهي، مجنون آهي، سودائيءَ آهي، سائيڪو آهي شايد........

پر نہ پئونر ڪي دنيا جا دستور نہ آئڙيا آهن ۽ نرگس دنيا جي دستورن کان ٻاهر نہ نڪتي آ. تضاد فقط دستورن جو آ نہ تہ نہ ئي پئونرو ڏوهي آ نہ ئي نرگس قصور وار!!.
سو نرگس جو پئونر کي ائين ڪوڻ ٻجا بہ آهي ۽ ٻجا نہ بہ آهي تہ پئونر جو اِهو گُمان تہ ڪو نرگس پئونر ٻنان ڪومائجي پوندي، ٽِڙڻ وسري ويندس، ٿڪڻ، ڇڪڻ پُلجي پوندس جي پئونر پتنگ تي پيو ۽ سچ جي روشن ڪرڻ سان چمڪندڙ شمع وانگر نرگس جي هستيءَ تائين پُجندي جلي هلي پيو تہ نرگس ڪومائجي سونهن وڃائي ويهندي جو نرگس جو تعلق پئونر سان گهٽ موسم سان وڌيڪ آهي، نرگس تہ موسم جي محتاج آهي، موسم سان ٽِڙڻ ۽ ڪرڻ نرگس جو منطق آهي باقي پئونري جو واس ونڻ جيڪو رب کي منظور جي ٿلهي آئت آهي سو ٻجا بہ آهي ۽ ٻجا نہ بہ آهي!!.
موسم جي ٽين ڏُر نرگس ۽ پوئنري جي وچ ۾ حائل آهي پر ڪي سبنڌ اٽوٽ هوندا آهن جن کي اکوڙي نہ سگهبو آهي پر دنيا جا دستور جن لاءِ نرگس چيو جيڪو رب کي منظور............
دنيا جا دستور ڪيڏا پي مظبوط چو نہ هُجن پر دل جي دستورن اڳيان ضعيف آهن ۽ پئونر پتنگ ٿيڻ کان مُڙي نٿو سگهي توڙي جو نرگس.........
ڳالهہ اڌوري جيون وانگر اڌوريءَ چڱي آ بس پئونر جڏهن نرگس کي آخري مِنٽي ڏني ۽ ڪن ۾ چيائينس: "وري ايندس مان"، ائين ئي مان پي چوان ٿو هن ڪتاب کان پوءِ پي وري ايندس مان.
ثابت هيا سيد چئي.............
آئون انهن جي آڌار، مرڪان پئي ملير ۾.

امداد ڪانهيو

14 آگسٽ 2013

<u>تجويزن ۽ راين لاءِ</u>

**امداد ڪانهيو**

پوسٽ آفيس 12 ميل، جوٽيجو فارم، تعلقع سنڌڙي،

ضلع ميرپورخاص، سنڌ.

0300-2366746، 0334-2800911، 0345-1330711،

imdadkanhio@gmail.com

# گُنهگار

شهر ۾ جڻ وڻ وڻان لڳي پئي هُئي، هر جڳهه ماڻهن جا ميڙ ۽ انبوهه!، ماڻهن جو درياهه هو جڻ شهر ۾......... چو تہ سُياڻي عيد هُئي.

غريب ۽ مسڪين ماڻهو فُٽ پاٿ تي لڳل جوتن واري رعايتي سيل جي اسٽالن ۽ ريڙهيءَ تي پيل اميرن جي پُراڻن جوتن کي اُٿلائي پُٿلائي ڏسي رهيا ها تہ ڪي وڻي رهيا ها، ڪي بي حال ويچارا واڪ تي وڪامندڙڪپڙي کي بہ حسرت جي نگاهه سان ڏسندا اڳتي وڌندا پئي ويا ۽ ڪنهن ڪنهن حال سارو ورتو بہ پئي.

هُو ريل مان لهي ، جيئن ئي اسٽيشن مان ٻاهر نڪتو تہ ماڻهن جي انبوهه ۾ پاڻ کي گُم ٿيندي محسوس ڪيائين،اڳتي هليو تہ ڪيس ياد آيو تہ گهر سندس پوڙهيءَ ماءُ، وڏي ڀيڻ پرهه ۽ ننڍو ڀاءُ جونجهار سندس اوسيئڙي ۾ هوندا. ماءُ جي مُنهن ۾ آيل گُهنج سندس بي تابي ۾ اجان ٻيڻي گهرا ٿي پيا هوندا،سندس ڀيڻ عيد جي رات ڀاءُ جي اچڻ جي آس ۾ پنهجيون اکيون اوسيئڙي جي ڏڳ لايو ويني هوندي ۽ ننڍڙو جونجهار ڳوٺ جي موڙ وٽ سندس انتظار ۾ هر هر ڦرندو هوندو.

سِڪ سندس من ۾ ڪر موڙڻ لڳي ۽ جلد ڪان جلد گهر پهچڻ لاءِ سندس روح ڦٿڪڻ لڳو. اڳيان مِنائي جي دڪان تي نظر پيس تہ سوچيائين ڀيڻ ۽ ننڍي ڀاءُ لاءِ مِنائي بہ وٺيو وڃان، ڪيس ياد آيو جونجهار کي منائيءَ ڏاڍي وڻندي آهي ۽ هر ڀيري فرمائش بہ ڪندو آهي. مُرڪ سندس لبن کي ٿيڙي ڇڏيو،گهر پهچڻ جي تڪڙ ۾ هن جلد مِنائيءَ وٺڻ تي چاهي، هوءَ منائيءَ جي دڪان ڏانهن وڌيو۽ ٻئي لمحي هڪ ڏِڪي سان پُٺ ڀر روڊ تي ڪري پيو، سندس ٿيلهو اڳتي هليو ويو، جنهن جو پتو ٽُٽي پيو هو.

گڏهہ گاڏيءَ واري جي هڪل تي هو ماڻهن جي هُجوم ۾ واپس اچي ويو، گڏهہ گاڏي وارو رڙندو اڳتي هليو ويو، هي ڪپڙا ڇنڊي اُٿيو ۽ ٿيلهو کُلي پٽي کي ٽُنل سِري وڻان ڪُنڊي ۾ چڪي ڳنڍ ڏنائين ۽ ٿيلهو وري ڪُلهي ۾ لڙڪائي منائيءَ جي دُڪان ۾ گهڙي پيو، جتي گهٽي رش ڪيس پريشان ڪرڻ لڳي، ڪائونٽر تي ٿي ڄڻا ماڻهن ۾ پورا نہ پئجي رهيا ها ۽ هن کي گهر پهچڻ جي جلدي هئي، ڪا دير هو ماڻهن جي قطار ۾ اڳتي پوئتي ٿيندو رهيو ۽ نيٺ منائيءَ جو ڊبو هٿ ۾ ڪري ڏِڪجي ٻاهر نڪتو.

ٽانگن وارن جون هڪلون: ”او ڀائي...... او صاحب....... او ادا ٽورو پاسي........!“، رڪشا وارن جي ڦٽ ڦٽ ۽ اوچتيون بريڪون، هر شيءِ ڪي جڻ سِر جي هجي، سُياڻي عيد نہ هُئي جڻ ڪو طوفان ٽي آيو، سينيءَ ڪي ڀج ڀجان.......!! هن محسوس ڪيو جڻ اڄ سارو جهان ليٽ آهي!!.

هن کي مِنائيءَ جي ڪري دير ٿي وئي هئي، اها ليٽ ڪڍڻ لاءِ بس اسٽينڊ تائين هن رڪشا ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو، رڪشا واري کي اشارو ڏنائين اهو ٽِندڻ وانگي سندس پر ۾ کِسڪي آيو، هو ڪرايو طيءَ ڪري رڪشا ۾ ويهي رهيو ۽ رڪشا زرڙاٽ ڪري ڀڄڻ لڳو.

هن جي نظر منائيءَ جي ڊبي تي پئي ۽ سندس چپن تي خوشي جي مُرڪ تري آئي ۽ ڪئي يادون سندس ذهن ۾ جاڳي پيون، رڪشا تہ شهر جي روڊن ۾ گهٽين مان ڀڄندو رهيو پر هي رڪشا ۾ موجود نہ هو جڻ ڳوٺ هو، رڪشا واري جي ڊونڊاڙ تي هن جي خيالن جا طلسم ٽُٽي پيا، هن هڪ نظر رڪشا واري تي وِڌي پوءِ پئسا ڪڍي رڪشا واري کي ڏنائين ۽ هيٺ لٿو.

”ياءُ هڪ ڳالهہ تہ ٻُڌاءِ؟“ ، رڪشا واري چيس ۽ هي ٻيهي رهيو، رڪشا واري ٽوڪ واري انداز ۾ چيس:”ياءُ ايترو ڳم سُم لڳو پيو آهين، پوئتي ڊُبئي ڇڏي آيو آهين ڇا؟“

ٿڌو ساهہ ڀري چيائين: ”دوست منهنجي دُبئي تہ منهنجو گهر آهي ، جتي وڃي رهيو آهيان.“

رڪشا وارو سندس مطلب نہ سمجهي سگهيو ۽ پڇيائين: ”گهڻو عرصو ٻاهر هُئين ڇا؟“

هن وري اُڪير مان چيو: ”سِڪ واري لاءِ ٻہ مهينا ئي جڻ ڪي صديون هونديون آهن!.“

رڪشا وارو ڳالهہ نہ سمجهندي مُنهن ڪوجهو ڪيو ۽ ٻِئي پل پئسا وني ڦرڙاٽ ڪندو اکِتي وڌي ويو ۽ هي اچي بس ۾ چڙهيو، ڪجهہ دير ڪان پوءِ بس ٽانگن، رڪشائن، گڏهہ گاڏن، موٽرسائيڪلن ۽ سائيڪل وارن ڪان پاڻ بچائيندي شهر مان نڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳي، عيد جو موقعو هو،سڄي بس ڪِچا ڪِچ ڀريل هئي، رش سبب ننڍن ٻارن جا رانيات ها، بس ۾ ماڻهوءَ ائين سٽيل هئا جڻ واپارين ٽرڪ ۾ ٻڪريون واڙي ڇڏيون هُجن!!.

هن ڪي پُنئين دروازي اڳيان ٻن واري سيٽ تي هڪ واقفڪار وٽان جڳهہ ملي وئي هُئي سو هي ٽيلهو پيرن ڀر ڪري ويهي رهيو هو. بس جي ڦيٿن ڦرڻ سان هن جو ذهن بہ ڦرڻ لڳو هو، هو خلق کان بي نياز ٿي سوچڻ لڳو، ڪيس ياد آيو پوڙهيءَ ماءُ جو چهرو جنهن ۾ وقت جي دز لهي آئي هئي، زندگي ڏکن جون ڪئي ريکائون سندس مُنهن تي عيان ڪري ڇڏيون هُيون، هن ڪي پنهنجي ماءُ جو مُنهن ڪنهن مسيحا جو چهرو لڳو، هن کي پنهنجي ماءُ جي مٽي جا اچا وار ياد اچي ويا تڏهن هن ٽيلهي جي زنجير کولي اندر هٿ هنيو، مينديءَ کي هٿ لائي پڪ ڪيائين تہ پئي آهي، زنجير بند ڪري پوئتي سيٽ کي ٽيڪ ڏئي هڪ وڏو ساهہ کنيائين تہ ڪيس آرام اچڻ لڳو ۽ هن من ئي من ۾ مُرڪي ڏنو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ پرهہ کي چيڙائيندو، پرهہ کائنس ٻہ سال وڏي هئي پر عادتون سڀ ٻارن جهڙيون اٿس، هڪڙي ئي ڀيڻ آهي هن کي سو هن بہ ڪڏهن هن جي مُنهن تي ڏُک کي اچڻ نہ ڏنو آهي، سوچيائين پرهہ کان ميندي‌ءَ لڪائيندو، ڪيس چوندو مون کان وِسري وئي آهي، پرهہ چوندي، "سُياڻي عيد آهي، سڀ سهيليون هٿ ميندي‌ءَ رتا ڪنديون ۽ مان..............؟؟"، مان چوندس بابا وسري وئي، سياڻي وٺي ايندس ۽ هوءَ ڪاوڙجي سُڏڪي پوندي ۽ پوءِ مان ڪيس ميندي‌ءَ ڏئي پرچائيندس ۽ چوندس، "ڇري ٻارڙن کان ٻي ڀيٽون ڪو وسرنديون آهن ڇا!!؟؟"

سچ پرهہ جڏهن نوان ڪپڙا ۽ چوڙيون ڏسندي تہ ٻهڪي پوندي ۽ واقعي منهنجي ڀيڻ پرهہ جڏهن نوان ڪپڙا پهريندي تہ اپسرا لڳندي، آهي بہ تہ سياويڪ ۽ سباجهڙيءَ............ منهنجي پرهہ تہ واقعي پرهہ جو روپ آهي ۽ جونجهار.......!!، اهو تہ ڏاڍو ارڏو ۽ هنيل آهي، سڄو ڏينهن ڪيچل، ڪُڏ ڪُڏان، ڪنهن ٻي حرڪت کان مُڙي نٿو، تنهن کي بہ هي ڪپڙا سهڻا لڳندا ۽ هي جوگر ڏسندو تہ خوش ٿي پوندو، موڙ وٽ ايندو تہ ڳرانڙي پائي ڪيس سيني سان لائيندس، يڪو گهر تائين هيٺ لهڻ نہ ڏيندومانس، هڪ پل بہ ڇاتيءَ کان نہ ڇنندس ۽ سُياڻي شهر گُهمائڻ بہ وٺي ويندومانس، گاڏيون موٽرون ڏسندو تہ خوش ٿي پوندو، دل تي گُهمائيندس پنهنجي يار کي مان ۽ جونجهار کي رانديڪا ٻي وٺي ڏيندس، ڪيس بسڪيٽ، ٽافيون..............."

بس چنگهندي چنگهندي بيني تہ هن جي خيالن جو سلسلو ٽُٽي پيو پر هي پروڙي نہ سگهيو تہ ننڍا ڀيڻ ۽ ڀاءُ سندس ابي امان جايا آهن يا سندس ئي اولاد!!.

هي حقيقت جي دنيا ۾ اچي ويو، جونجهار جي سِڪ سندس سينو ڦاڙڻ لڳي ۽ گهر جلدي پهچڻ لاءِ وري تڙپڻ لڳو، بس ۾ بيٺل ماڻهو هوريان هوريان لهڻ لڳا، هن ٻاهر ڏٺو تہ

واهہ وهي پيو، هن کي پڪ پئجي وئي تہ چونڪي وارا سپاهيءَ چيڪ ڪرڻ بهاني عيد اوڳاڙي ڪندا، هن ٿڌو ساهہ ڀري اڳتي ڏٺو، بس ڊرائيور ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو ٻئي پل هن جي نظر اڳيئن دروازي مان چڙهندڙ هڪ سپاهيءَ تي پئي، جنهن جي وات ۾ پان ۽ اکين تي ڪارن شيشن واري عينڪ چڙهيل هئي ۽ ٽوپيءَ شايد هيٺ لاهي آيو هو، سندس پوليس واري ڪاري شرٽ بہ پينٽ ڪان ٻاهر نڪتل هئي، سپاهي مُسافرن کي اکيون ڦاڙي ڦاڙي ڏسندو پوئتي وڌي رهيو هو.

سپاهيءَ شڪاري نگاهن سان تڪيندو اچي پُٺين سيٽ تي بيٺو، ڪا گهڙي آخري لائين ۾ وينلن کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ ٿُنل شيشي واري دريءُ مان پان ٻاهر ٿُڪي هڪ همراهہ سان سخت لهجي ۾ مُخاطب ٿيو:"نالو ڇا اٿئي؟".

"سائين فقير مُحمد." ، همراهہ چيس.

"ڪارڊ ڏيکار"، سپاهيءَ چيس،

فقير محمد ڪيسي مان ٻٽونءَ ڪڍيو، جنهن جو ٻاهريون ڪور بلڪل سوني رنگ وانگر چِلڪٽوهو ڄڻ ڪنهن ڪار يا موٽرسائيڪل جا ڪاغذ هجن، فقير محمد پاڻ جهڙي پنهنجي سادڙي ٻٽونءَ کي کولي ان منجهان ڪارڊ ڪڍي سپاهيءَ کي ڏنو، جيڪو ڪارڊ کي اُٿلائڻ پُٿلائڻ لڳو.

هن جي نظر فقيرمحمد تي پئي، هن اندازو ڪيو تہ فقيرمحمد پنجاهہ پنجونجاهہ جي لڳ ڀڳ هوندو، هن ڏٺو تہ ان سپاهيءَ جي اڳيان فقير محمد جا هٿ ڏڪي رهيا ها، هوءَ بلڪل سادڙو لڳي رهيو هو ۽ سندس مٿي تي ٻڌل اڇي پٽڪي مان سندس لئونڻن جون اڇيون چُڳون ليئا پائي رهيون هُيون، سندس وڏي وڪريل اڇي ۽ ڳاڙهيءَ ڏاڙهيءَ سندس فقيراڻي طبيعت جو تاثر ڏئي رهي هئي، سندس هٿ ضرور ڏڪي رهيا هئا پر چهري تي اطمينان ۽ لبن تي مُسڪراهٽ ڦُٽل هئس، هن کي الاءِ ڇو فقيرمحمد جي سادڙائپ وڻڻ لڳي.

"نشو ڪندو آهين.........!!؟" ، سپاهيءَ فقيرمحمد ڪان پُڇيو.

فقيرمحمد کلي پيو ۽ چيائين: "سائين!، سادڙا ماڻهو آهيون ڪوڙ ڪونهي، مڙئي ڪڏهن ڪڏهن، جي ملي ٿو تہ وزم هٽي ٽا وٺون."

هن کي فقيرمحمد جي سچائيءَ جو انداز پسند آيو پر سپاهيءَ ڪاندارجي پيو ڄڻ ڪا وڏي اسمگلنگ جهلي ورتي هئائين، سپاهيءَ ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو: "ڪيسي ۾ ڇا اٿئي؟؟"

“ٻيو سائين ڪجهه بہ ڪونهي، سواءِ هن جي............... رستي سان هڪ دوست مليو سو اُن ذري ڏئي ڇڏي بابا!” ، فقيرمحمد ڪُوئي جي ڦونگڙي جيتري هڪ ڪاري ڳوڙهي ٻڻونءَ جي ٻنيءَ مان ڪڍي سپاهيءَ کي ڏيندي چيو.

سپاهيءَ اها ڳوڙهي وني فقيرمحمد ڏانهن ڏٺو، جيڪو هڪ معصوم ٻار جيئان مُرڪي رهيو هو، اهڙي فرمانبردار ٻار جيئان جيڪو ڪُوڙ هڻڻ کان تنائيندو هُجي ۽ غلطي تسليم ڪرڻ فرمانبرداري سمجهندو هجي.

ٻئي لمحي سپاهيءَ جي زوردار ٺڦڙ فقيرمحمد جي اڇي ڳاڙهيءَ ڏاڙهيءَ واري مُنهن ۾ نا تي وئي ۽ فقير محمد جو اڇو پٽڪو پيرن ۾ ڪري پيو، بس ۾ وينل سڀ ماڻهو سپاهيءَ کي اچرج منجهان تڪڻ لڳا. فقيرمحمد جو چهرو ڪاوڙ منجهان ڳاڙهو ٿي ويو، ڪنهن بہ ڪُجهہ نہ ڪُڇيو، سپاهيءَ گار ڏيندي ڪيس وري مُڪ هڻي ڪڍي ۽ فقيرمحمد کي بس مان هيٺ لاهڻ لڳو: “لهہ هيٺ سوئر جا................”

هن کان برداشت نہ ٿيو، هي ٽپ ڏئي پنهنجي جڳهہ تان اٿيو ۽ سپاهيءَ کي چيائين: “ڪجهہ حياءُ ڪر!،توکان عمر ۾ وڏو آهي، توکان ڪجهہ لڪايو تہ نہ اٿس ۽ ڪهڙو هي وڪڻڻ لاءِ ونيو پيو وڃي، جيڪي سرعام وڪڻن ٿا، انهن جو تہ نالو ئي ڪونہ ٿا وٺو.”

“هان تہ تون هن جو ساٿيءَ آهين.” ، سپاهيءَ هن جي ڳالهہ ڪٽيندي هن کي چيو ۽ فقيرمحمد مان هٿ ڪڍي هن ڏانهن وڌيو ۽ ٻئي لمحي هڪ زوردار چماٽ هن جي ڳِل تي ڪِنوڻ وانگر ڪِنوي وئي.

هن کي الائي ڇا ٿيو جوهن بہ نہ ڪئي هم نہ تم، ٻاڪر وجهي سپاهيءَ کي مٿان ڪري سيٽ تي سٽيائين تہ سپاهيءَ کان دانهن نڪري وئي، هن بہ تي ٺُڏا سپاهيءَ کي هڻي ڪڍيا، ايستائين ٻيا ڪجهہ سپاهيءَ بس ۾ چڙهي آيا، تن هن کي وڪوڙي ورتو ۽ ڪِهلي ڪٽي هن کي هيٺ لاٿائون.

فقيرمحمد جي ڪڇ ۾ پٽڪو هو ۽ بس دانهون ڪندي وڃڻ لڳي، هن ۽ فقيرمحمد تي سڀ سپاهيءَ وري پيا، جيئن ڪتل تي مکيون!!، هن جو مٿيون چپ چيرجي پيو هو، چپ ۽ نڪ مان ڳڙندڙ رت هن جي قاتل ڳلي کان هيٺ دامن تي ڳاڙها ڳاڙها نشان ناهي رهيو هو.

ٽاڻي جي وِراندي واري دريءَ جي ڳِرل ۾ سنگهر ٻڌل هئي ۽ سنگهر جو ٻيو سِرو هٿ ڪڙيءَ ۾ ۽ هٿ ڪڙيءَ ۾ هن جا هٿ سوگها هئا. وائرليس سيٽ ۾ مُبهم آوازڦتڪڻ لڳو: “مرڪزي عيدگاهہ ۾ نمازين جي حفاظت لاءِ پوليس جو جٿو موڪليو..........”

هڪ اي ايس آءِ ۽ ڪجھہ سپاهيءَ قتل موبائل ۾ چڙهي روانا ٿي ويا.

ٻاهر ڪُرسي تي وڏو مُنشي مٽي ڪي مينڌيءَ هٿي اُس ۾ نوڙهہ سُڪائي رهيو هو، مينڌيءَ جو خالي پئڪيٽ مُنشي جي پيرن ۾ مروڙيو پيو هو ۽ منائيءَ جو خالي ڏٻو پريان نَنڍڙا ڳُلر چٽي رهيا ها، ان ماں منائي تہ رات ئي سپاهين چٽي ڇڏي هئي.

۽ هن جي ذهن ۾ جونجهار جي ڳِرانڙيءَ، پِرهہ جون يادون ۽ پوڙهي ماءُ جي اوسيئڙي واري پريشاني ڪنهن پُراٽي سي ڊي جيئان جهٽڪا ڏيڻ لڳي.

* * * * * * * * * * * *

# وڏو ظالم

نڪ تي هٿ رکندي چيائين: “آهين تہ کهڙو ڪارو بي شڪلو.”، فخر مان ڪنڌ مٽي ڪري چيومانس: “مون کي خوشي آهي مان سنڌ جو وارث آهيان.”

پڙڪي اُٿيو جڻ سندس زخم تي آڱر رکي ڇڏي هُجيم، اچرج مان پُڇيائين: “سو ڪيئن؟؟”

شوخيءَ مان چيومانس: “ڪولهيءَ ۽ ڪڇيءَ سنڌ جا اصلوڪا رهواسي آهن.”

ڏند ڪرٽيندي چيائين: “تُنهنجا حق مان ڪائيندس!.”

مُرڪي پيس، چيم: “ان ڪان سواءِ سڄي جمار تو ٻيو ڪيو بہ ڇا آهي؟؟ تون جابر آهين، ظالم آهين، توکي ناحق ٻانءِ پئجي ويو آهي.”

پيٽ ڦوڪجي پيس، گنج تي هٿ گُهمائيندي چيائين: “تون سڪٽا نعرا هڻندو رهہ، تنهنجي مال متاع ۽ ڪمائي تي منهنجي اک آهي، جنهن کي مال غنيمت سمجهي مان ڪائيندو رهندس، پل تون مون کي جابر ۽ ظالم پيو چئو.”

ٺڏو ساهہ ڀري چيم: “تو ڪان وڏو ظالم تہ مان آهيان.” ، چرڪي پيو، گُهنڊ هٽي ڏسڻ لڳو، چپن جي ڪُليل چمنيءَ ڳنڍجي پيس، ناسون ڦوندجي ويس، نيٺ چئي ڏنائين: “نہ توکان وڏو ظالم مان آهيان.”

“نہ..........!!، وڏو ظالم مان آهيان.”

“ڪيئن تون وڏو ظالم آهين؟؟”

“بس مان توکان وڏو ظالم آهيان.”

چڙنديءَ چيائين: “اڙي بدبخت.......... ڪارا شيدي، منحوس............... هي توهان کي چڙوچڙ ڪنهن ڪيو آهي؟”،

ٽِڙي جو پيو تہ وِقلڻ لڳو،ڪن رکي چاتيءَ تي هٿ هڻندي چيائين: “مون ڪيو آهي. اڙي هي نوڪرين تي ڪنهن جو قبضو آهي؟، منهنجو آهي، هي توهان جي شهرن ۽ ڳوٺن جا سرڪاري نيڪا ڪير تو ڪٽي؟ ۽ اتي جا ليبر ڪمائيندي آهي سا ڪٽان تي اچي؟، توکي خبر آهي تہ مان مقامي ماڻهن کي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏيندو آهيان. اڙي بُڏاءِ لُوسي.......... هي توهان جو پاٽي ڪنهن بند ڪيو آهي؟، هي توهان جون ٻنيون ڪير پيو ويران بڻائي؟، هي سڀ ظُلم مان ئي تہ ڪيان پيو........!!”

هُن وڏي ظالم هُجڻ لاءِ نوس دليل ڏنا تہ چيومانس: “مان سڀ ڄاڻان ٿو، بيشڪ تون سچو آهين ۽ ظالم آهين پر پوءِ بہ توکان وڌو ظالم مان آهيان.”

ڪاوڙ ۾ مصفا ڳاڙهو ٿي ويو، حُقي جو نڙ پرتي ڦٽو ڪندي چيائين: ”اڙي توهان جي ڪراچي تي ڪنهن جو قبضو آهي؟، ٻُڌاءِ منهنجو آهي نہ؟”

“هائو برابر...........”

“حڪومت جي اهم عهدن تي ڪنهن جو قبضو آهي؟، منهنجو آهي نہ!!؟.”

“هائو.....................”

“توهان جو هر سال فصل ڪير ڪنيو وڃي؟”.

“بيشڪ تون..........”

“اڙي ٻُڌاءِ نيٽيا............. سدائين پير جو روپ ڌاري اڇيو توکي ڪير ٺڳيو وڃي؟”،

“برحق تون............”

“بيو تہ نهيو اهو ٻُڌاءِ توهان جي پيرن، اوليائن هي يٽ شاهہ، لال شهباز ۽ ٻين درگاهن تي ڪنهن جو قبضو؟”.

“تنهنجو..................”

ڪنڌ مٿي ڪٽي چيائين: “۽ هي تنهنجي سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ جو مان زوري آباد ٿي ويو آهيان، ڪٿي چڪ چار جي نالي سان تہ، ڪٿي چڪ چوڏنهن جي نالي سان، ڪٿي کهڙو فام تہ ڪٿي کهڙي نالي سان..... ٻُڌاءِ تون آهين ائين منهنجي وطن ۾ آباد؟؟”

مان هن کي ڏسندو رهيم ۽ هُوءَ ظُلم جا دليل ڏيندو رهيو، هن ڪن رکي چيو: “هت مان پاٽي وهندو آهيان ۽ تون ڏسندو آهين، هت تنهنجي وطن ۾تنهنجو پاٽي منهنجي زمين کي سيراب ڪندو آهي، مان هر سال فصل ڪٽندو آهيان ۽ تنهنجو فصل سڙيو وڃي، تنهنجي وطن ۾ تنهنجي بنيءَ منهنجي فارم سان گڏ هڪڙي ئي واٽر تي........ پوءِ؟؟، ايڏا ظُلم ڪيان ٿو مان توسان تہ بہ نٿو مڃين!!، هاڻ ٻُڌاءِ ڪير وڏو ظالم آهي؟”

“بيشڪ هڙئي ڳالهيون تهنجيون دُرست........!!” ، چيومانس: “تون طرح طرح جا ظُلم ڪندو آهين، تون وڏا توڙي ننڍا سڀ ظُلم مون سان ڪندو اچين، مُنهنجا حاڪم ۽ حُڪمران، هي ليڊر ۽ اڳواڻ سڀ تو خريد ڪري ورتا آهن، سڀ تو وٽ وڪاميل آهن، تو ڪابہ گنجائش نہ ڇڏي آهي پر تڏهن بہ توکان وڌيڪ مها ظالم مان آهيان.”

ويڙهي ڏڪي جيئان تڪڙ لڳو جڻ سندس بدن تي پيٽرول هاري تيلي ڏني هُئم. ڪائنس برداشت نہ ٿيو، اڳتي وڌي آيو، ڳلي مان جهليندي چيائين: “اڙي آفريڪا جا ڪارا شيدي........!!”

“ٻُڌاءِ ڪيئن تون مون کان وڌو ظالم آهين؟؟”

مون اطمينان سان هن کي ڏٺو ۽ ٿڌو ساهہ کڻي چيومانس: “هي تنهنجا هٿ منهنجي ڳلي ۾ آهن، مان خاموش آهيان پر جي منهنجا هٿ ائين تنهنجي ڳلي ۾ هجن تہ؟”

رڙ ڪندي چيائين: “ڳالهہ نہ ٺاهہ پهريان منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏي.”

“تنهنجي ئي تہ ڳالهہ ٻڌايان پيو توکي،” ، چيومانس: “ٻُڌاءِ پوءِ ڇا ڪرين ها؟؟”

“مان ٺونشا هڻي هينئر تائين توکي ٺيڪ ڪري ڇڏيان ها.”، چيائين.

چيم: “دُرست آهيان نہ مان ڏس ڪيڏو وڏو ظالم آهيان مان!!.”

نہ سمجهيو تہ رڙ ڪندي چيائين: “ڪيئن آهين وڏو ظالم تون؟، هينئر بہ مان توتي حاوي آهيان ڏس.”

ظُلم جو نئون گُر ڄاڻڻ لاءِ سندس بيتابيءَ پل اپل وڌي رهي هئي ۽ هُوءَ مرڻ مارڻ لاءِ تيار هو، مون ٿڌو ساهہ پري ڪيس چيو: “مان توکان وڏو ظالم مان آهيان....................!!، جو مُنهجا هٿ تنهجي ڳلي ۾ نہ آهن.”

ڪن رکي چيومانس: “مان ٻنان احتجاج جي هر وقت تنهنجو ظُلم برداشت ڪندو رهيو آهيان ۽ هميشہ خاموش رهندو آيو آهيان.............

..............مان ئي وڏو ظالم آهيان!!.”

* * * * * * * * * * *

# ڪارو رومال

هيل ڀي بهار جي ٻئين هفتي ۾ آئي، شايد هر سال بهار جا پهريان ڏينهن پيڪن لاءِ مخصوص ڪيا اٿس.

اڄ چوٿون سال اٿس وئي ۽ انهن چئن سالن ۾ صرف چار ڀيرا ئي تہ آئي آهي ۽ اُهي بہ بهار جي پهرين ڏينهن ۾!!!.

جڏهن اجان مس نِم جي ڪُتل تارين تي گهاٽا ساوا ڇهچ پن نڪري اچن ٿا، چوٽيون مس ڪچڙا گئونچ جهلين ٿيون، قسمين قسمين وڻ ٻوٽا ساوڪ سندو نفيس ويس اجان مس ئي ڍڪي ٿو تہ بهار ۾ تڏهن هن جي بہ آمد ٿئي ٿي!!!

مان ڪيس تڪيندو ئي رهيس ۽ هُو اچي پر ۾ ويٺي، سوچڻ لڳم چار سال پهريان بہ ائين ئي بي حجاب هوندي هُئي ۽ اڄ بہ بلڪل ائين ئي لاغرض......!!.

مون کي ماٺ ڏسي چيائين: "شام جا پنج ٿيا آهن."

چيم: "زندگي جا پنج ٿيا آهن."

"ڇا.............؟؟؟."

"نہ نہ........"، کن رکي چيم: "گنج ٿيا آهن."

مُرڪي چيائين: "اجان جيئرو آهين؟."

مون وٽ اهڙا ڪي بہ لفظ نہ ها جيڪي جواب ۾ ڪيس چوان ها، شايد مون کان سڀ لفظ رُسي ويا ها!!، ماٺ ڏسي کُلهي تي ڌڪ هڻندي چيائين: "او بُتِ........ اجان جيئين پيو؟."

الاءِ چو مُرڪ جي اُداس مِينا سُڪل چپن تي لنويءَ وئي هُيم، بس ايترو وراڻي سگهيم تہ: "روز مري مري بس مِڙئي جيئان پيو."

مُنهنجي شڪايت ڪيس نہ وڻي تہ لاتعلق ٿيندي چيائين: "چو ٿو مرين؟."

"بس نصيب ۾ لمحي لمحي جو مرڻ مليو آ تہ ڇا ڪيان؟"، چيم: "خير تون ٻُڌا ڪڏهن آئي آهين؟"

"ڪالهہ ئي تہ......................"

پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي هڪ اونهو ساهہ کنيائين جڻ من هلڪو ٿي پيو هجيس، نظرون منهنجي چهري تان هٽائي هيٺ فرش کي تڪڻ لڳي،

ٿُتل فرش کي جانچيندي چيومانس: ”مون کي يقين آهي تنهنجو جيون ائين نہ هوندو.“

هن ڪا بہ ورندي نہ ڏني تڏهن چيم: ”يقينن تون منهنجي زندگي جي باري ۾ سوچي رهي آهين، اها تہ بلڪل ائين ئي لڪير لڪير تي لڪير جي فقير تي وئي آهي، هنڌان هنڌان ڦاٽي ۽ اُڌڙي............“

هن چهرو مٿي ڪنيو ۽ منهنجي اکين ۾ ڏسڻ لڳي پائينم منهنجي شڪايت جام بي وقتي آهي، لُڙجي وڃڻ ڪان پوءِ بچي پوڻ جي آس ئي کهڙي!!!.

مان مُنجهيل هيم، مُنجهي پيم، هُوءَ اُداس هُئي مون ڪيس گهٽو نراس نہ پئي ڪرڻ چاهيو................ مون کي ياد آيو اهو ڏينهن جنهن ڏينهن مون هُن کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو!!. ان ڏينهن سندس ڀاڄائيءَ ملي هُئي، جنهن مُرڪي پُڇيو هو: ”مانجهيءَ اجان چڙو پيو گهمين؟.“

سندس ڀاڄائي کي خبر هُئي تہ ڪُنوارو ئي آهيان جو هڪ ئي پاڙي ۾ رهون ٿا پر هُن اهو پڪ ڪرڻ لاءِ ئي شايد پُڇيو هو تہ ڪنهن جي وارن جا ونگ پيل اٿم يا نہ!!!، مون هڪ نظر هن کي ڏٺو هو ۽ شرارت مان سندس ڀاڄائي کي چيو هئم: ”ها چڙو آهيان صفا ڪورو...........!!!.“، حُجائتو تہ هيم ئي مان سو چئي ڏنم ۽ هي جو ڀاڄائي سان گڏ هُئي مون کي گهوريندي پر پرو تي بيني هُئي جو مان سندس ڀاڄائي سان ٿي ڳالهايم، ها مون اُن ئي ڏينهن ڪيس پهريون ڀيرو ڏٺو هو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ سندس ڀاڄائيءَ ڪان ڪنهن ڏينهن تي پُڇيو هيم: ”هي ڇوڪري ڪير آهي؟.“

چيوهيائين: ”منهنجي ننڍان آهي.“

”اڳي تہ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو اٿمانس هتي!؟.“، پُڇڻ تي ٻُڌايو هئائين: ”يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي ڪري پنهنجي چاچي وٽ حيدرآباد رهي ٿي، موڪلون گُذارڻ آئي آهي.“

مان وڌيڪ پُڇي نہ سگهيم نہ ئي ڪُجهہ ڪُڇي سگهيم، تڏهن سندس ڀاڄائي پاڻهين ئي چيو: ”سندس چاچو ڪيس ڏاڍو پيائينس ٿو، چوي ٿو دل آويز تہ مُنهنجي ڌيءَ آهي.“، ڪن رکي چوڻ لڳي: ”پنهجي پُٽ منصور جي نالي ڪيو وتي هِن کي.“

مان ٻُڌي هليو ويو هيس، چار پنج ڏينهن مان ساڻس مليس ئي نہ چو تہ مان پنهجين رولاڪين ۾ گُم هئس هميشہ وانگي ڪڏهن هِتي ڪڏهن هُتي ۽ ٻِيو تہ مون ڪنهن اهڙي حادثي سان مُنهن اجان ڏٺو ئي نہ هو جو جنهن ۾ چار اکيون ٽڪر ڪائي دل زخمي ڪري

ويٺيون هُجن، سو مان پنهنجي جهان ۾ ئي جوڳي هئس بي ڪا سُرت ئي نہ هُئي جو اها ملاقات عام رواجي ئي هُئي پر.................

پر هڪ ڏينهن مان ۽ منهنجو دوست اشرف وچي رهيا هئاسين تہ اچانڪ هُوءَ الاءِ ڪٿان آئي ۽ اچي سامهون بيٺي، چيائين: "ڪالهہ ڪيڏانهن ويو هُئين؟."

دنگ رهجي ويس سندس اهڙي سوال تي مان ۽ اشرف حيراني مان ڪنهن پل مون کي تہ ڪنهن پل هُن کي وات ڦاڙي ڏسندو رهيو، ان کان اڳي جو مان ڪجهہ چوانس يڪدم چيائين: "ها بُڌاءِ ڪيڏانهن ويو هُئين ڪالهہ؟؟"

مان کُچان ڪا پِت کُچي، چپن کي واسينگ ويڙهي ويم، مان پنڊ پهڻ ٿي پيو هُئم، اشرف تہ چڻ ڪوما ۾ ئي هليو ويو، حيرت مان اکيون کُليل ئي رهجي ويون، تڏهن هُن وري چيو: "بُڌاءِ.................. ڪالهہ، ٽيون ڏينهن، چوٿون ڏينهن ڪٿي هُئين؟ هيترا سارا ڏينهن يڪا..............!!"، مان پنهنجي چپن تان چُپ جو ڇپرو اٿاري نہ سگهيس تڏهن هُن چيو: "شام جو مون سان ملجانءِ....... مان انتظار ڪنديس ضرور اچجان."

اسان هن کي ڏسندا رهياسين ۽ هُوءَ هلي وئي، اشرف اجان سڪتي ۾ هو تہ مان پيو ششدر هُيم، سوچن سان لڙندي جهڳڙندي ڏينهن تہ گُذري ويو ۽ شام پيو آئي پر شام جو مان وچي نہ سگهيس تہ ٻئي ڏينهن هُوءَ گهر اچي وئي، امان رڌڻي ۾ هئي، ادا آفس وچي چُڪو هو، مان ٻاهر نڪرڻ جي تيارين ۾ هئس تہ ڪنن ۾آواز ٻُريو، امان سان ڪوئي مُخاطب هيو پر ٻئي لمحي هُو ڪمري ۾ هلي آئي ۽ گهورڻ لڳي!!.

عجيب ڇوڪري آ!!، سوچيم ڪٿي پيي وڙهيو ٿي پوي، هلان ڪريو ٿي ڏي!!، مان هُن کي ڏسي رهيو هئم ۽ سوچي رهيو هئم، نہ هن ڳالهايو، نہ مون ڳالهايو، پل ئي گُذريا تہ اسان ٻنهيءَ جي ڳالهائڻ کان اڳ امان آئي ۽ چيائين: "پُٽ ويهہ."، ۽ هُو ويهي رهي، امان ويچاري اڻ پڙهيل ۽ هو يونيورسٽي جي شاگرد سو امان مون مُنجهيل پُٽ جي موڳي ماءُ هُئي پر سيپتا سانديندي امان چيو هو: "مان چانهہ ناهي ٿي اچان، اوهان ويهو جيسين مان چانهہ ڪٽي اچان."

امان پُنين پيرن تي موٽي وئي، امان جو نڪرڻ ۽ هُوءَ مون تي ڪڙڪي پئي: "بُڌاءِ ڪالهہ ڪيڏانهن ويو هُئين؟، توکي چيو هيم شام ضرور اچجان پوءِ ڇو نہ آئين؟؟؟."

مان خاموش جهڙي ديوار، تڏهن وري وسي پئي: "بُڌاءِ نہ گونگو آهين ڇا؟، بُڌاءِ مون کي؟ بُڌاءِ.............."

خاموشي جيڪا مان ٽوڙي نہ سگهيس تڏهن ڪن رکي پاڻ ئي جواب ڏيڻ لڳي: “ها وڏو ماڻهوءَ آهين تون....... تو کي ڪهڙي پرواهہ ڪنهن جي...... توکي ڪهڙي غرض ڪنهن جي.................”

طعنا تہ رواجي عورت وارا ها جو منهنجي خاموشي تي سندس جڏهن ڪو وس نہ هليو تہ هُوءَ بيوس تي پئي پر مان بُزدل هُئم، سوچيم تي، ايتري bold چوڪريءَ ڪتابن ۾ پڙهي ضرور هئم پر ڏٺي نہ هئم ۽ سو بس وات ڦاڙي ڪيس رُڳو تڪي ئي رهيو هئس ۽ هو ڪي لمحا سانوڻ ٻٽي رهي نيٺ ساهہ جائيتو ڪري مون آخر چئي ڏنومانس: “چا مون سان محبت اٿئي؟”

مُنهنجو سڌو سوال ۽ ٻئي پل ڪنڌ جُهڪائي چڙيو هئائين، سوچيم جيترو وسي تي اوترو ٿمي بہ تي، چيومانس: “مِس محبت ڪرڻ سئولي تہ ناهي ۽ نہ ئي راند ڪا.”، هن منهنجي اکين ۾ ڏنو چيومانس: “رشتا رکڻ آسان آهن نِباهڻ ڏُکيا آهن.”

ڪي پل هو چُپ رهي ۽ پوءِ چيائين: “اهي تجربا توکي هوندا مون کي خبر ناهي. منهنجي من جو ميت تہ تون آهين، توسان ئي نِينهن آهي ۽ نِينهن منهنجو شِينهن آهي سا مون کي جاڻ آهي ۽ توسان نِيائيندس ايتري بہ پڪ آهي.”

سندس نيڻن جا ساگر گهرا ها، سندس سونهن سرس هُئي پر مان سوچن ۾ بُزدل هيم..............

“توکان پوءِ هاڻ مون لاءِ هر شيءَ بي معنيٰ آهي.”، هُن چيو.

چيم: “چا هڪ ڏينهن جي سوچ کي بقا هوندي آهي؟”.

“منهنجو توسان ازلي رشتو آهي.”.

“تو اهو اڄ تي سوچين!!!.”

“تون جُڳن کان منهنجو آهين.” چيائين: “مون اهو سوچيو ناهي............... منهنجي دل توکي چاهيو آهي.”

“دل تہ دوکيباز آهي!!.”، چيم: “رڻ ۾ رُلائيندي آهي.”

“دل تہ عبادتگاهہ آهي.......... دڳ لائيندي آهي”، چيائين.

مون هار تي ڪاڏي، “توکان وسري ويندس.”، چيم.

چيائينءَ: “اهو ناممڪن آهي پنهنجو وجود وسرندو ناهي!.”، مون هار ڪاڏي ۽ هُوءَ ڪٿي وئي، چاهت ۾ اها منهنجي پهرين هار هُئي.

گهٽا ڏينهن پوءِ هڪ ڏينهن اداس لمحن ۾ چيائين: "مانجهيءَ....... مون کي ڪڏهن پيي اڪيلو نہ ڇڏجانءِ."

"وجود تون آهين."، چيومانس: "ان جو سايو مان آهيان."

"مانجهيءَ مان عمر پر توسان گڏ رهڻ تي چاهيان."

چيم: "رشتا ٽوڙڻ لاءِ نہ ڳنڍيا آهن."

مُرڪي چيائين: " ها پر.............."

"ها پر ڇا دل آويز؟؟."

"پر........... شروعات مون ڪئي آهي، پهريان ڇڏيندين تون مانجهيءَ."

ملڻ کان پوءِ ڇڏڻ، ڳنڍجڻ کان پوءِ وڇڙڻ واري سندس ان بي وقتي ڳالهہ تي مان ڪجهہ تعجب ۾ پئجي ويم پر چيوهيومانس: "ڳنڍيو تو آ ٽوڙيندين بہ تون."

"پهريان تون..........."

"نہ پهريان تون..............."، چيم.

"نيڪ آ پلا اهو تہ وقت ٻڌائيندو!."، چيائين: "ڪير تو وفادار نڪري."

"شادي جو ڇا سوچيو اٿئي؟"

سندس ان سوال تي ڇرڪ ڀري مان جڻ جاڳي پيم، مان هن جي پر ۾ هُيم، هن جي اڳيان هيم پر مان تہ ڳُذري ويل ورهين ۾ غرق ٿي پيو هئم تڏهن هُن وري پُڇيو: "شادي جو ڇا سوچيو اٿئي؟"

چيم: "تو اهو پر بہ پُڇيو هو مون کان!!."

"ها........... پر بہ اهو ئي جواب ڏنو هو تو مون کي."

دل سُڏڪي پئي، ڪُجي ڪجهہ نہ سگهيم، هُن جو اسرار اڄ وڏي ويو هو، منهنجي اقرار جي اميد ئي نہ هُئي ڪا، مون هن ڏي ڏٺو ۽ هُن اکيون مون تان هٽائي ديوارون تي تکيون، منهنجو ڪمرو مون وانگر ئي وکري وکري ويو هو ۽ اڄ تہ امان پيي گهر نہ هُئي ورهيہ ٿيا جو وڏو ياءُ جدا ٿيو، امان اڄ ياءُ وارن ڏانهن وئي هُئي ملڻ، مون هُن جو چهرو تي ڇتايو، نهار جي سٽ سهي نہ سگهي اٿي بيٺي ڇئي مان ڇانهہ تي ناهي اڇان ايسين سوچي وٺ ۽ مون کي ٻُڌا، مان مُرڪي پيم ۽ هوءُ رڏٽي ۾ وئي هلي، رڏٽي ڏانهن ويندي مون فرش تي سندس سينڊل جي ٽڪ ٽڪ ٻُڌي مون کي اهو ڏينهن ياد آيو جنهن ڏينهن اتفاقن هوءُ مون سان شهر جي بازار ۾ گڏجي وئي هُئي، ڇانهہ جو چيو هيومانس انڪار نہ

ڪري سگهي ۽ شاهي بازار ۾ مون سان گڏ گڏ هلندي سندس سينڊل جي ٺڪ ٺڪ ڪا رڌم ٿي پيدا ڪئي.

ان ئي ڏينهن هُن ٻُڌايو هو تہ سندس چاچو ڪيس وٺڻ آيو هو ۽ هِن حيدرآباد وڃڻ کان انڪار ڪندي چاچي کي صاف چيو هو: "مان هاڻ هتي ئي رهندس"، سندس چاچي جي مٿس هڪ نہ هلي ۽ هن وڌيڪ پڙهڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو.

مان حيران ٿي پيم، ڪيس گهڻو ئي سمجهايم پڙهائي مڪمل ڪر پر هُن جي نہ ڪي نو ڪوٽ جا پڪا بند اچي ويا ۽ هُن پڙهڻ تان پنهنجو ارواح ئي ڪٽي ڇڏيو، منهنجيون سڀ سمجهاڻيون هوا ۾ هتوراڙيون ثابت ٿيون ۽ بس هُوءَ رُڳو مُرڪن جا گُلاب تُحفي ۾ ڏيندي وئي.

اُن ئي ڏينهن ڪيفي فراز جي ڪُنڊ واري ٽيبل کان اڳيئن ٽيبل تي بيرو ٻہ چانهہ جا ڪوپ ۽ ڪجهہ پيٽِيز رکي ويو، دل آويز منهنجي سامهون ويٺي هئي ۽ پر واري لائن جي پاسي واري ٽيبل جي آمهون سامهون ٻہ اجنبي ويٺا هيا، سي رکي رکي اسان کي تڪي رهيا ها، تن جون نظرون جڏهن مون کي ڇڏي دل آويز کي وڌيڪ تڪڻ لڳيون، تڏهن دِل کين هڪ نظر ڏٺو تہ هلڪي آواز ۾ مون کي چيائين: "ڇا هنن کي ڪا تڪليف آهي؟."

مُرڪي چيم: "مان کو طبيب ناهيان!!."

هن تعجب مان کي گهڙيون مون کي ڏٺو تہ مون تائيد ڪئي: "ها دل........... مان کو نيم حڪيم بہ نہ آهيان."

"شايد هنن ڪڏهن ڪا مائي نہ ڏٺي آهي يائنيان ٿي."، بيزاريءَ مان چيائين تہ چيم: "ها هنن سدائين جِن ڏٺا آهن."، هُوءَ مُرڪي پئي ۽ ديوار ڏانهن مُنهن ڪري پاسيرو ٿي ويني، مُنهن جو ڪابو پاسو اک کان ويندي ڪاڏيءَ تائين پنهنجي ڳاڙهي رئي سان ڍڪي ڇڏيائين.

"شايد منهنجو توسان ويهڻ هنن کي وڻي نٿو."، ڪن رکي چيائين.

مُرڪي چيم: "تون خوبصورت آهين تو کي ڏسڻ چاهين ٿا ۽ شايد مان ڪوجهو آهيان هنن کي نہ پيو وڻان!!."

"نہ ائين ڪونهي اصل ۾ هي پنهنجي فيملي سان گڏ ائين چانهہ پِيئڻ کان قاصر آهن تڏهن ئي............"

"تڏهن ئي مون کي تنهنجي قابل نہ پيا سمجهن."، مون سندس ڳالهہ ڪٽي ورتي: "ڏسن پيا تہ حورون ڪيئن عذاب ڏينديون آهن."، دل آويز معنيٰ خيز نظرن سان مون کي

ڏسڻ لڳي پر هُوءَ چانهه پي چڪا ها، شايد اجان ڪجهه دير ويهڻ ها پر اسان ٻروچ ماڻهوءَ هوٽلن تي ائين ماين کي ڪونہ سهون سو ڪين نہ وٽيو ۽ هُوءَ اٿي ويا، ڳنڀير لهجي ۾ دل آويز کي چيم: ”دِل هڪ ڳالهہ مڃيندينءَ؟؟.“

”ها چئو..............“

”ايٽري بي باڪ نہ ٿيندي ڪر.“

”ڇو ڀلا؟؟.“

چيم: ”سُڻو نٿو لڳي، تنهنجي ايٽري بي باڪي ۾ ٻنان رڪ رڪاءَ جي ڪري..........“

منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيائين: ”تون مون کي ڄاڻين ٿو ۽ ها مون کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ بہ آهي، مون کي توسان مُحبت آهي ماں اِهو ڄاڻان ٿي.“

”پر دل....................“

”پر ٻر جي ڪا خبر ناهي مون کي، مون کي پاڻ مٿائڻ نٿو اچي.“، وري ڳالهہ ڪٽي ورتائين.

پيٽِيز جا ذرڙا چپن کي چنبڙيءَ پيا هئس ۽ ڪاري رومال سان پنهنجا چپ اُگهڻ لڳي، هٿ اڳتي وڌايم تہ ڏئي ڇڏيائين، چيم: ”ڪٿان ورتو اٿئي؟.“

”پاڻ ئي ناهيو اٿم.“

مُرڪندي مذاق ۾ چيومانس: ”مون کي هي رومال ڪڏهن لُڙڪ اگهڻ جي ڪم ايندو!!.“، هُوءَ مون کي گهورڻ لڳي، ڄڻ ڪجهه نہ سمجهي هُجي.

چانهه جا ڪپ ڪٽي ڪمري ۾ داخل ٿي، ساڳي ٽڪ ٽڪ فرش تي گونجي وئي، ماڻهوءَ بدلجي ويندا آهن، سياءُ لقاءُ ۽ حالتون بدلجي وينديون آهن تہ وقت پڻ بدلجي ئي ويندو آهي نہ بدلبو آهي تہ عشق نہ بدلبو آهي، چاهہ نہ بدلبو آهي ۽ يادگيريون نہ بدلبيون آهن، اُهي ساز ۽ آواز، لمحا ۽ لقاءُ دل تي نقش ٿي ويندا آهن، جيون تي نقش ٿي ويندا آهن.

هُن ويهڻ کان پوءِ مون کي پاڻ ڏي تڪيندو ڏسي وري چيو: ”مون توکان ڪجهه پُڇيو آهي مانجهيءَ!“

لنوائيندي چيومانس: ”ڇڏ انهيءَ قصي کي................ هاڻ تہ اها ڳالهہ پُراڻي ٿي پئي آهہ.“

”نہ توکي اڄ ٻُڌائڻو ئي پوندو.“، ضد ڪندي چيائين.

“چو پلا ضروري آهي چا؟؟.”
“ها نہ............................”
“مان زنگجي پيو آهيان دل آويز.”، چيومانس: “جيون ڏنگجي پيو آهي تہ هر آس زنگجي ڏنگجي، دنگجي وئي آهي.”
“نہ مون کي جواب ڪپي اڄ.”، فيصلي تي لهي آئي هُوءَ: “ٻُڌاءِ چو نہ ڪيئي اجان؟؟”
هُن مجبور ڪري ورتو تہ مان شڪايت ڪان رهي نٿي سگهيس، چيم: “نہ ڪائي منهنجي تي ۽ نہ ئي مان ڪنهن جو ٿيس بس!.”
مون چانهہ جو ڪپ ڪٽي ورتو پر هُوءُ ديوار تي لڳل صليب جي پورٽريٽ کي تڪڻ لڳي، ڪا گهڙي ان کي ڏسندي رهي، محسوس ٿيم شايد درد جو ڪاتو تي لڳائي پر اُمالڪ پڇيائين: “ماڻهن کي ٻُڌائڻ تو چاهين تہ مون تو سان بيوفائي ڪئي آ.”
“ماڻهن کي معلوم آهي”، چيم: “ماڻهن ڪان لڪل نہ آهي ڪجهہ پيو!!.”، اهو ٻُڌي اندر اڌ تي پيا، هوءُ هيٺر وڏجي پئي مان گهٽو اڳ وڏجي پيس، بس هوءُ بہ چُپ هئي، مان بہ چُپ هئم، مان ڪُفر جا ٻُت پڇي نہ سگهيو هئس، مان خاموش رهيو هئس، مان خاموش هئس سو مان چئي بہ چا تي سگهيس!!.
خِلا هُئي ڪانہ، ڪمري جي ڇت هئي، مون ڪمري جي ڇت نہ گهوري، مون هن جو چهرو نہ ڏٺو، مون ٽُٽل فرش کي تي جانچيو ۽ هُن سپ سپ چانهہ پئي پيتي پر چانهہ جو ڪپ منهنجي هٿ ۾ رهجي ويو.
هُن چانهہ تي پيتي مان لهر لهر لُڙهندو ويس سوچيم مان ڪيئن نہ ڇهن مهينن تائين سندس ساهہ جي تند ٻڌيو رهيس، جي ڪيڏانهن ويندو هئس تہ ڪيئن نہ گهڙيءَ گهڙيءَ جو حساب وٺندي هُئي، صبح جي روانگي ۽ شام جي آمد، سڄو ريڪارڊ هُن وٽ موجود هوندو هو مُنهنجو!!!. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن مون کيس چيو هو: “دل آويز مان امان ۽ ادا کي تنهنجي مائٽن ڏي موڪليان هاڻ؟.”
چيو هُئائين: “چو.........؟؟.” ۽ مان ڇڻ ڇرڪي پيو هئم.
“مان توکي تنهنجي مائٽن ڪان گهُرڻ چاهيان تو هاڻ............”
مُرڪي پئي، چيائين: “تورو ترس.”، ۽ پوءِ ان ئي ملاقات پُڄاڻان وئي هُئي تہ پهريون پيرو مهينو پورو ظاهر نہ تي هُئي.
مون کي تمام گهٽي حيرت تي، ملڻ ڪان پوءِ ڊِگهي وڇوٽي اِها ئي پهرين هُئي، محسوس ٿيم امان کي موڪلڻ واري ڳالهہ ڪري مون غلطي ڪهڙي ڪئي؟ چو دل آويز

ائين پري رهڻ لڳي آ؟. مان ڪُجھ سمجهي نہ سگهيس، مان هُن کان سواءِ تڙپيءَ رهيو هئس چو تہ هُن ئي وڏا پرم آچيا ها مون کي، اُهي ئي پرم پجي پُري رهيا ها هاڻ پر هُوءَ نہ ملي، مان گهران نڪتس تہ ڪنهن ڏينهن گهٽيءَ ۾ ئي ملي، چيائين: "مانجهيءَ مان هفتي لاءِ حيدرآباد وڃي رهي آهيان."، دل چيو تہ چوانس نہ وڃ پر چئي نہ سگهيس ۽ هُوءَ شام جو ئي هلي وئي، مون کي ڪجھ سمجھ ۾ ئي نہ آيو، موڳي ماءُ جو مُنجهيل پُٽ هئس، دل آويز رابطي مان ڪٽجڻ کان پوءِ ائين اچانڪ حيدرآباد هلي وئي، ايندڙ هفتو پوائتو محسوس ٿيڻ لڳو هُئم، صدي وانگيان هفتو گذاريم پر هفتو ڏکهو ٿي پيو، ڏينهن، ڏينهن کي جنم ڏيندو آ ائين ست ڏينهن ستن مان وڌي پندرنهن ڏينهن ٿي پيا پر دل آويز جي ڪا خبر ئي نہ پئي!!!.

ڪا چريائي ڪرڻ ئي وارو هئس تہ خبر پيم هُوءَ آئي آهي، پِن ڏينهن تائين نہ ملي، سوچيم گهر ايندي پر گهر بہ نہ آئي، رستي ۾ گس ويندي سندس ياجائي ملي، پُڇيم: "دل آويز ڪٿي آ ڏسجي نٿي!؟"

چيائين: "هيئنر ئي تہ تو ڏانهن آئي آ."

مان سوچڻ لڳس مون ڏانهن آئي آ؟. مون ڏي تہ نہ آئي آهي. ڪيڏانهن وئي هوندي؟، انهن ئي خيالن ۾ گِهٽيءَ منجهان مان وڃي رهيو هئس تہ دل آويز پر واري گهر مان نڪتي، مون کي ڏسي چرڪي پئي ۽ پوءِ کلندي چيائين: "ڪٿي گُم آهين مانجهيءَ؟."

مُنهن تي ڦڪاڻ لهي آئي هئم، موت جي مانار چائنجي وئي، مرندي چيم: "غفائن ۾ گُم آهيان اوهان ملو ئي نٿا!!."، ٺهڪ سندس لبن جي قيد مان آزاد ٿي پيو هو، چيائين: "نہ اهڙي ڳالھ نہ آهي ڪجھ واندڪائي ئي نہ هُئي."

"اڄ هتي................"

ڳالھ ڪٽيندي چيائين: "ٺورو ڪم هو مُعين جي پيڻ ۾."، پل رکي چيائين: "هيئنر مون کي جلدي آهي مانجهيءَ توسان مان پوءِ ملندس."، ۽ هُوءَ هلي وئي.

مان کيس تڪيندو ئي رهيس، سوچيو هئم ڪائنس پُڇندس هفتي بدران پندرنهن ڏينهن چو لاٿئي؟، ڇا منهنجي ياد ڪونہ آيئي؟. ڇا مان توکان...........

* * * * * *

"چانھ ٿڌي ٿي وئي آهي"، مان چرڪي پيس جڏهن هُن چيو: "گرم ڪري اچان؟"

“نہ نہ نيڪ آ........”، مون پاڻ سنڀالي ورتو ۽ ٽڏي تي ويل چانهہ هڪ ڏُڪ ۾ ئي پي ويم. هُن پنهنجا هٿ، هٿ جون ترين ۽ هٿن جا وڏيل نُنهن ۽ آڱريون تي جانچيون، مون کي پنهنجي زرد وجود جو احساس هو، تڏهن هُن سڏ ڪيو: “مانجهيءَ.....................”

ان ڪان اڳي جو مان ڪجهہ جواب ڏيان ڪن رکي پاڻ ئي.چيائين: “هڪ ڳالهہ مجيندينءَ؟.”

“ها چو نہ............. چئو...”

“شادي ڪري ڇڏ.”

چيم: “ڪجهہ وجودن جي نصيب ۾ نامڪمل ئي رهڻ لکيل هوندو آ، اها ئي انهن جي perfection هوندي جو هُوءَ پنهنجي وجود جي وڇايل اڌ جي، تڙپ واري واسنا ۾ حياتي گهارين باقي مڪمل وجود جو پرتوو، شادي ۾ تلاش ڪرڻ اجايو آهي ۽.....”

“۽ چا.......؟؟”

“۽ منهنجا خواب پيي تہ مري ويا آهن، هاڻ مان انهيءَ تصور ڪان بہ پري پري تو رهان دل آويز........... اهو ناممڪن آهي.”

“نہ مجيندينءَ؟”

“مجڻ ڪان تہ تو بہ ڪجهہ نہ مجيو هو دل آويز!”، چوندي مان رُڪجي ويس، امان اچي وئي هُئي، شايد ٻاهر شام جا پاچا بہ لڙي ويا ها، امان ڪيس ڪيڪاري حال احوال وٺڻ ويهي رهي، مان ساٽن گڏ وينل هوندي بہ ساٽن گڏ ويهي نہ سگهيس، مان دربدر هيم، مان دربدر ئي رهيم، مان وري سوچن ۾ دربدر تي پٽڪي پيم، ياد آئي اها شام جنهن شام ۾ رياض مليو هو ۽ تنهن ٽوڪ هئني هُئي تہ اندر ڪائجي ويو هُئم پر ڪُجي ڪجهہ بہ نہ سگهيم جو خاموشي منهنجي تحت الشعور ۾ ئي مون کي سدا عزيز هُئي، چيائين: “يار مانجهيءَ اڄڪلهہ تو واري دل معين جي گهر ڏاڍي ايندي ويندي آ ۽ اهو بہ انهي مهل جڏهن مُعين گهر هجي..........!!”، مان ڪيس ٽڪيندو رهيم جڻ مان سماج جي فطرت ٽڪيندو هُجان!!، هن ڪن رکي چيو: “چا توتان ناز گهٽ تي پيا اٿس يا دِل بي دِل تي پئي آ؟؟.”

من لوڻ هو پروڻ ڪري ڇڏيائين، دل چيو وڙهي پوانس پر الاءِ چو ڪيس پٽر اڪين سان بي بُت بنجي ڏسندو ئي رهيس، اُن ڪان اڳ جو ڪجهہ تي پوي ها ان ڏينهن مان اتان اُٿي هليو آيس، رستي تان پئي آيس من ئي من ۾ وچڙندو.........، خالي دٻن ۽ بوتلن وانگر نوڪرون ڪائيندو.

اُھو ڏينھن ائين ئي رُلندو رھيو ھئس، سوچ ويھڻ ئي نہ پئي ڏئي، دل آويز جو ھفتي جو چوڻ ۽ پندرنھن ڏينھن لاءِ، اچڻ ڪان پوءِ يڪو مون سان نہ ملڻ ۽ مُعين جي باري ۾ تيندڙ سندس ڳالھيون ٻُڌي ھِينيانءُ ئي سڙي رک ٿي ويو، سوچيم منھنجي دِل بي دِل نہ ھوندي، بي وفا نہ ھوندي.

انھن ئي ڏينھن ۾ ھڪ ڏينھن پاڙي جي دڪان اڳيان وينو ھئس تہ اشرف آيو جنھن چيو: "يار ھي چا آھي؟؟."

چرڪي پيس، چيم: "چا ٿيو آ؟."

چيائين: "ايڏي ويساھ گھاتيءَ!!؟؟."

چيم: "ڦاٽ تہ سھي.......... آخر ٿيو چا آھي!؟."

"چا تون دل آويز سان ڪاوڙيو آھين؟؟."

چيم: "نہ تہ.........."

"تہ پوءِ دل آويز مُعين سان گڏ چو؟؟."، ڳالھ اڌ ۾ ڪائي ويو، پُڇيم: "چا مُعين سان گڏ ٻُڌاءِ؟."

"نھيو يار ڪجھ نہ آھي، مون ائين ئي مذاق پئي ڪيو!."، مون کي سڀ خبر ھئي پر اشرف الاءِ چا سوچي ڳالھ مٽائي ويو ۽ مان خيالن جي صحرا ۾ ڀٽڪندو ئي رھيس، عجيب بي چينيءَ من تي واسو ڪري وئي، مون کي ڪنھن بہ ڳالھ تي اعتبار نٿي آيو بس رُڳو من ھيو جو دُڪندو پئي ويو، گھاءُ ايندا ٿي ويا بڙچين وانگي ۽ من جي پار، پار تيندا ٿي ويا.

مُعين ۽ سندس عشق مشھور ٿي چڪو ھو انھن ئي ڏينھن ۾ پر دل ڪا ڳالھ مڃي ئي نہ چوي جيسين نہ دل آويز سان روبرو ملندم تيسين سڀ ڪوڙ آھي ڪجھ نہ مڃندم سو مون کي ڪنھن جي بہ ڳالھ تي اعتبار نٿي آيو.

مان روز دل آويز سان ملڻ جا وجھ ڳولڻ لڳس پر دل آويز تہ مون کان پري پري ئي رھڻ لڳي، جڏھن بہ مون تي نظر پوندي ھئس تہ ڪِسڪي ويندي ھئي جھٽ، مون کي سندس اھا ڪناره ڪُشي سمجھ ۾ نہ آئي، ھڪ ڏينھن اوچتو ئي ملي، ڪائنس پُڇيم: "دِل چا ٿيو اٿئي؟، چو مون کان ناراض آھين چا جو ايتريون وچوٿيون رکڻ لڳي آھين."

"ناراض ۽ توکان؟، نہ نہ......."، چيائين: "اصل ۾ فرصت ئي نہ ملي، ڪجھ گھر جا ڪم............"

“اڃي تہ ايڏا گهر جا ڪم نہ ڪندي هُئين؟؟”، سندس ڳالھ ڪٽي ورتم تہ بيزاري چيائين: “پر هاڻ وڏي ويا آهن ۽ ڪرٽا تا پون.”

“خبر ناهي ماڻهوءَ چا چا چوندا تا وتن.”، چيم: “مان چاهيان ٿو تہ هاڻ جلد امان کي اوهان جي گهر موڪليان دل.”، ڇرڪي پئي، تڪڙو چيائين: “نہ نہ........ في الحال نہ مانجهيءَ.”

“چو دل آويز في الحال چو نہ؟.”

“پهريان گهر وارن کي راضي تہ ڪريان مان پوءِ.”، خبر هئم اهو بهانو آ، تڏهن چيومانس: “پوءِ امان کي ڪڏهن موڪليان؟.”

پريان مُعين تي آيو، اُن کي جو ايندي ڏٺائين تہ بس ايترو ئي چيائين: “پاڻهين ٻُڌائيندسانءِ”، ۽ وڃڻ لڳي، چيم: “دل بيھ تہ......”

اتان ئي چيائين: “دير ٿي ٿئي پئي.”

“اڃ تہ ڪڏهن ائين نہ چيو اٿئي.”، ڪجھ نہ ڪچيائين تہ چيم: “بيھ تہ سهي اجان ڪجھ چوڻو اٿم.....”

مُعين ويجهو اچي چُڪو هو سو ورندي بہ نہ ڏنائين ۽ وئي هلي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ خبر پيم تہ دل آويز حيدرآباد وئي آهي، اندر کي جڻ ڪوڙھ لڳي پيو، اڃ تہ ڪڏهن بہ دل آويز بنان ٻُڌائڻ جي ڪيڏانهن ڪونہ وئي آهي پر هينئر....................

جذبا سپ يجي پُري پورا پورا تي ڪري پيا، وکري ويا، ٽُڪرا ٽُڪرا تي ٽِڙي پکڙي پيا ۽ مان مات ڪائيندو ويس پل اپل.......................!!!.

جنهن ڏينهن دل آويز حيدرآباد وئي هئي تہ ان جي ٻئي ڏينهن مُعين بہ حيدرآباد نڪتو هو ۽ ان ئي شام ٽُڪن جا مُنهن کُلي پيا ها، مان سپ ڪجھ ٻُڌي رهيو هئس پر بوڙن وانگر لامحسوس ظاهري ۽ اندر ۾ چڪناچور. ڪو چئي رهيو هو: “مجنون ڏانهن هيل ڏُڪار وري پيو آهي.”، پر واري جملو پورو ڪيو: “سانوڻ ور ساجن تو وڃي!.”، ڪنهن تہ چيو: “ليليٰ تہ وئي پيڪين گُهمڻ.”، تہ ٻئي چيو: “اڙي نہ يار....!، ليليٰ جو اصل عشق مجنون غريب سان نہ آهي، ليليٰ ڏنار مجنون کي نہ، ليليٰ تہ مالدار مجنون کي تي چاهي.”، تہ رهيل هڪ ڄڻي باھ ڪڍي: “اڙي لک لعنت هجئي مجنون.......!!، تون تہ ليليٰ کي بہ ريجهائي نہ سگهئين.”، ڪنهن COVER ڏنو: “ادا عشق نہ پُڇي ذات، ۽ هونئن پي ذات تي ڏات تورئي آهي جو وهي سو لهي.” ۽ پوءِ وڏا وڏا ٺهڪ............ ٺهڪ جيڪي مون کي خوفائتا ۽ پوائتا محسوس ٿيڻ لڳا ها.

مان چاهڻ جي باوجود بہ ڪجھ نہ ڪري سگھيو هئس، بيحد مذاق اڏايو ويو هو منهنجو، دل اندر ئي اندر انيڪ حادثن جو شڪار ٿي ڪري پئي هئي، ٻئي پل مون کي پنهنجا سارا خواب لولا لنگڙا ٿي ٻي ساخين تي رڙهندي محسوس ٿيا ها، منهنجو زخمي من ڏبجي رهيو هو سور جي تهن هينان، ويران حياتيءَ مون کي تصور ۾ ڍهندي محسوس ٿيڻ لڳي.

چند ڏينهن کان پوءِ اشرف اچي ٻڌايو: "مانجهيءَ مُعين آيو اٿئي حيدرآباد مان، تون اُلڪو نہ ڪر سُياڻي تنهنجي ليليٰ دل آويز بہ اچي ويندي."، دوست جي آٽت ۾ بہ طنز جو خنجر ويڙهيل هو، من کي ڀنيڙ وڪوڙي ويا پر سچ ٿيو ٻئي ڏينهن دل آويز اچي وئي ۽ ملڻ ويو مانس پر نہ مِلي.

خبرون ٻُڌندو هئس، سندس جون ۽ مُعين جون.........!!، دل ۾ ماچيس دُکي پوندا ها. دل آويز هاڻ مون کان گهڻو ٽٽائڻ لڳي، مان روز سندس در تان خالي اچڻ لڳس ۽ لمحي لمحي الوپ ٿيڻ لڳو هئس.

"فاصلا جڏهن وڌڻ لڳندا آهن تڏهن حدون مقرر ڪري نہ سگهبيون آهن." ۽ پوءِ ائين فاصلا بي انتها ٿي پيا.

مون هر هر فاصلا مِٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن وڌائڻ جي........ جڏهن بہ پوءِ ملي هڪ ڌاريي فرد وانگر ئي ملي ۽ مان اوپرائپ جو احساس ئي ڪٽي موٽيس هر واري، وچوٿيون ايتريون تہ وڌيون جو هُو هڪ ڏينهن نيٺ مُعين جي مُحبت ۾ پاڳل ڏسجڻ لڳي، سوين ٺٺولين منهنجو من تہ چيريءَ ڇڏيو هو پر هن جي اڱڻ تي بہ پهچڻ لڳيون هيون پکين جي ولرن وانگر ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ مُعين جي شادي جا ڏينهن ٻڌجي ويا.

سوچيم يقينن مون ۾ ئي ڪا کوٽ آهي، تڏهن ئي تہ مُعين کي دل آويز پسند ڪيو، باقي مان چو ساڙ ڪاوان؟، جي هاڻي دل آويز کي مُعين وڻي ٿو تہ ٺيڪ آ، مون ۾ خاميون ڪوڙ هونديون........... پر مون کي تہ دل آويز ئي وڻي ٿي، مون کي تہ دل آويز سان ئي مُحبت......................

"مانجهيءَ............. جاڳين ٿو؟؟."، هُن جي چوڙين جي ڪڙڪي کان پهرين امان پُڇيو.

"ها امان.............. جاڳان پيو!."، من ملول هو، مون وراڻي ڏني امان کي پر منهنجو آواز منهنجي ٻِڙيءَ مان نہ جڻ پاتال مان پيهي آيو چو تہ نراس روح جو نراس آواز ئي نڪتو.

“مان چانهہ ناهي اچان؟”، امان کي مان جڻ تڪل لڳم، مُنهنجي موڳي ماءُ کي کھڙي خبر تہ سندس مان مُنجهيل پُٽ تڪل نہ هُئس منهنجو روح چُور چُور هو!!.

“ها امان چانهہ پيار.”، مون کوڙي مُرڪ مُرڪندي چيو پر دل آويز سان گڏ امان پيي منهنجي مُرڪ پروڙي ورتي جو ڪوڪلو کلڻ پيي پڌرو هوندو آهي.

“ها اجھو آيس............”، امان اٿي بيٺي پر دل آويز امان کي روڪي ورتو، مون ڏانهن مُنهن ڪري چيائين: “مان هلان ٿي مانجهيءَ............!.”

مون تہ خاموشي سان نڪاح ڪيو هو، نہ ڳالهيم تڪيندو ئي رهيم بس!.

“تون منهنجو چيو نہ مڃيندو آهين مانجهيءَ”، ٿڌو ساهہ کڻي چيائين: “مان هاڻ ڪڏهن بہ نہ ايندس.”

مُرڪي پيم، پُڇيومانس: “ايندڙ بهار ۾ بہ نہ؟؟.”

“نہ............”، هن مختصر جواب ڏنو.

ڪيس چوڻ چاهيم پر الاءِ جو چئي نہ سگھيس: “هميشہ وچڻ جي لاءِ ئي تہ آئي آهين. ڪڏهن پيار ڪري وئي آهين، ڪڏهن ڏار ڪري وئي آهين تہ ڪڏهن چار ڪري وئي آهين................۽ بس رُڳو مون کان ويندي ئي رهي آهين!!.”

هُوءَ منهنجي اڳيان بيٺي هُئي ان پل پر مون کي ياد آ مُعين جي شادي کان ڪي ڏهہ ڪن ڏينهن پوءِ ئي مون امان کي چيو هو:“امان مان دل آويز سان شاديءَ ڪندم.”، امان چِرڪي پئي هُئي، ان کان اڳ جو امان ڪو جواب ڏئي ها پاڙي واري ماسيءَ جنان جو آواز آيو هو: “آئي ڪو آهي گھر ۾؟؟.”

“اچ اچ ماسيءَ اندر اچ.”، امان ئي پليڪار ڪئي هئس، ماسي جنان اندر هلي آئي ۽ ساهہ پٽڻ کان پوءِ چيائين: “ادي مائي ساران جي ڌيءُ دل آويز جي شادي جو سڏ................”

منهنجي هٿن مان پين ڪونہ ڪري هئي منهنجي هٿن مان هانءُ ڪري پيو هو جيڪو ماسي جنان نہ ڏٺو هو پر امان کان لِڪي نہ سگھيو هو. تنهجي شادي جا ڏينهن ٻڌجي پيا ها امان جي ٻُڙيءَ مان صرف ايترو نڪتو هو: “ماسيءَ ڪنهن سان پئي شادي ٿيس؟”

“آئي ادي چوڪريءَ جو ماروٽ آهي چوڪرو، ڏاڍي پاڻ ۾ محبت ٿا ڪن چوڪرو چوڪريءَ تہ!!.”

مون پاڻ کي مُنتشر ٿيندي پائنيو ۽ امان اچرج ۾ پئجي وئي، مان سگريٽ جو چلا چلا دونهون ٻڌجي ان پل ارد گرد تحليل ٿي پيس، امان الاءِ ڪھڙي سوچ کان پوءِ ماسيءَ

جنان ڪان پُڇي ئي ورتو: “ماسي ڇوڪريءَ بہ پلا ڇوڪري کي پسند ڪري ٿي؟”، امان جي اک مون ۾ هئي، جنهن جو مان مطلب سمجهي پئي سگهيس.

ماسيءَ هڙ ڪٽيندي چيو: “هائو اديءَ ڇوڪريءَ پاڻ ئي تہ ماءُ کي چيو آهي تہ ماروٽ سان شادي ڪندس.،”

۽ ٻئي پل منهنجي هٿن مان جڻ زندگي جي ڏور ڪري پئي هئي. منهنجا خواب ڇچرجي ڦٽڪڻ لڳا ها ۽ منهنجون سوچون عذاب جي تتل ريت ۾ پٽڪڻ لڳيون هيون، ڪي ڪاريهر ها جي اندر ئي اندر ڏنگي رهيا ها ۽ سمورا خواب هڪ وار ٻيهر ڪاٺا لغڙ ٿي پيا ها، گهوماٽيون منهنجي دماغ نہ ڪاڏيون هيون، گهوماٽيون منهنجي سپنن ڪاڏيون هيون، خلا ۾ واچوڙا ها، واچوڙن ۾ مان هئس............

خاموش ڏسي وري چيائين: “هلان ٿي مان.”

ڪُجهہ تہ مون لاءِ ڪُفر هو، مان بہ ڪُجي ئي نہ سگهيس، ماضيءَ وانگر ڪيس روڪڻ چاهيم پر روڪي بہ نہ سگهيس، دل وري ڦٽڪڻ لڳي ۽ هُوءَ پُنيرو پئي وئي، منهنجي نگاهہ سندس ويندڙ وجود سان ٽڪرائي ٽڙپڻ لڳي ۽ هُوءَ در لنگهي وئي، “هميشہ وانگيان آخري لئوڻٺو بہ نہ هنيائين.”، سدائين وانگر اها آس من ۾ ڪر ڪٽي بيٺي تہ شايد هن پيري بيهي هُوءَ پوئتي ڏسندي پر نہ هُو ائين ئي در لنگهي وئي ۽ منهنجون نظرون در جي ٽاڪن کي ٽڪينديون ئي رهيون. ڪا مهل ائين ڏسڻ جي ڪري در جا ٽاڪ ڏُنڌلا لڳڻ لڳا ۽ ٻاهريون منظر پيي ڪوهيڙي ۾ ٻُڏل ڀاسجڻ لڳو، ڪابي هٿ جي آڱوٺي ۽ ٻن آڱرين سان ٻنهيءَ اکين کي زور ڏئي سندس وڃڻ جو نهوڙيندڙ منظر وِسارڻ لڳس پر هر هر اکين ۾ هن جو وڃڻ ڦرڻ لڳو.

مان ڪائي دير اتي ائين ئي ٻيو رهيم، امان جي سڏ تي جڏهن خيالن جا پڪيءَ پڙڪو ڏئي اڏامي ويا، تڏهن ڏٺم امان ماني لاءِ سڏي رهي هئي، منهنجي نظر سامهون لٽڪيل گهڙيال ۾ ڦاسي پئي جيڪو رات جي ڏهن جو هوڪو ڏئي رهيو هو، پيشانيءَ پُسيل محسوس ٿيم، ڪيسيءَ مان سندس ڏنل ڪارو رومال ڪڍي مُنهن خُشڪ ڪيم ۽ اُٿندي دل ۾ چيم: “مان تنهائي جو هيراڪ ٿي پيو آهيان، مان ايامن ڪان اڪيلائيءَ جو همسفر آهيان دل آويز........ ۽ مون کي پڪ آهي تہ تون ايندڙ بهار ۾ منهنجا ڪمزور حال ڏسڻ ضرور ايندين.”

* * * * * * * * * * * *

# پاٽي

ان ويل ڏاڍيءَ اجڙيل حالت هُئم، بُک نساهوڪري ڇڏيو هو. اڪيون ڏرا ڏنل، منهن سڪل، چپ خشڪ ۽ جسم جو سمورو ماس سڪڙجي هڏن کي چنبڙيل، وڪريل چيڙهالا وار، لٽا ليڙون ليڙونءَ گدلا........ وهنجڻ تہ پري جي ڳالھ آهي پيئڻ لاءِ پاٽي بہ مس پئي مليو..... ڪيترن ڏينهن کان گرھ بہ نڙيءَ کان نہ لٿو هو!!!.

ائين نہ هو تہ ڪجھ کائڻ لاءِ ۽ پيٽ پالڻ لاءِ ڪجھ ڪيو ئي نہ هيم، “جيئڻ ڪاڻ جيڏيون ، وڏا وس ڪيام.”

ڪيئي جتن ڪيم، وس ڪيم، حيلا هلايم تہ من ڪجھ ڪمائي پيٽ پري سگهان، پيٽ جي دوزخ کي ٻارڻ ڏيان، ڪو پراڻو پاتل ئي سهي، ڪٽل ڪپڙن جو جوڙو پناڻ جي دڪان تان سستي اگھ تي وٺان پر ڪجھ بہ نہ ڪري سگهيس. سڀ حيلا بيڪار، سڀ ڪوششون بي سود، سڀ جتن ٽٽن ساهن ۾ بدلجندڙ ۽ ٿڌا ساھ ڳرندڙءِ نستي ٿيندڙ وجود اندر سرد ٿيندڙ!!

اهڙيءَ خراب حالت ۾ مون هڪ وار پنهنجي ڪُٽل واپاري جي ٽجوڙي جهڙي ويران ڪيسي کي ڦلهوريو، پر اُتي بہ ڪاريءَ وارا ڪک هئا.

سامهون ٻاڪڙا هوٽل کي حسرت سان ڏسڻ لڳس ۽ ٻئي پل خيال آيم تہ شايد هوٽل ۾ ڪو ڄاڻ سُڃاڻ وارو ملي وڃي ۽ ڪجھ کائڻ جو بلو ٿئي، سو ٻاڪڙا هوٽل اندر ڏوڪي ويس پر هوٽل اندر گهڙڻ ڪانپوءِ منهنجي اُن خيال کي جهڙوڪر پر لڳي ويا ۽ مُنهنجو گُمان تہ گُمان ئي رهيو!!.

هوٽل سڄو ڀريو پيو هو، ڪٿي پي ويهڻ جي جاءِ نہ هُئي. هوٽل جي وچ ۾ بيهي سڄي ماحول جو جائزو وٺڻ لڳس تہ من ڪٿي ڪو سُڃاڻو ملي....... ٻيو نہ تہ چانھ ڍُڪ پي بُک کي ڊيپوٽيشن تي موڪليان پر آسائتيون اکيون نراس ٿي ويون. سڀ ڏاريا مون کي نہ صرف اوپرين پر عجيب نظرن سان نهاري رهيا هئا، مون سيني جي اڪين ۾ ڪائي وڃڻ جهڙي حوس کان سواءِ پاڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ ڏٺو، مون کي لڳو اهي سڀ مون کي ڳڙڪائي ويندا!!.

مون بہ سيني کي ڏنو اٽڪنو ڪري ڇڏيو ۽ پاٽي پيئڻ جي غرض سان اڳتي وڌيس تہ ڪُنڊ ۾ هڪ ٽيبل تي هِڪ ڪُرسي خالي ڏٺم. مان سواءِ ڪُجھ سوچڻ جي اڳتي وڌي وڃي اُنهيءَ ڪُرسي تي ويهي رهيس. ڪُرسي جي اُترئين پاسي هڪ ڪارو ڪِٺ راڪاس جيڏو

ويٺل شخص ٻُچان جهڙين اُگهاڙين نظرن سان مون ڪي تڪڻ لڳو. مان پنهنجو پاڻ کي هُن جي اڳيان ڪک پن، جيتامڙو محسوس ڪرڻ لڳس. ڪارو قدآور شخص مون کي ڏسي مُڇون وٽڻ لڳو. سوچيم سندس ئي آهن وٺي يا پٽي!!، منهنجو ڇا؟.

باقي ٻُک چانهه جي ڪوپ تي ٻه ريزڪي موڪل تي وڃي سگهي ٿي تہ پاڻيءَ جي ٻن گلاسن تي ننڍي موڪل تي ڇو نہ ٿي وڃي سگهي!!

مون ڪاري ڪوجهي ٽيبل پارٽنر کان لنوائيندي ٽيبل تي پيل جڳ مان گلاس ۾ پاڻي پريو. گلاس پرڻ کان پوءِ مون گلاس کڻڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايو ئي مس تہ سامهون ويٺل شخص گلاس تي هٿ رکي ڇڏيو. مان اچرج مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هو ڪي گهڙيون مون کي جاچيندو رهيو ۽ پوءِ گلاس کڻي پاڻي پي ڇڏيائين، مون ماٺ ۾ ئي ڇڱائي سمجهي، خبر هيم تہ هن جي هڪ گلاس پاڻي پيئڻ سان پاڻي کُٽندو ڪونہ......... باقي پهريان هُو پوءِ مان پي پاڻي پي وٺندس!!.

هُن ڏڙام سان گلاس ٽيبل تي وهائي ڪڍيو، مان ڇرڪي پيس ۽ هو مُرڪڻ لڳو. پنهنجا حواس جائيتا ڪري مون وري گلاس ۾ پاڻي پريو ۽ هن پيري بہ هُن گلاس مون کان پهرين کڻي ورتو!!.

سوچيم تہ صبر ڪرڻ وارن سان گڏ الله آهي ۽ مان صبر ڪري ويس، هُن وري ڏڙام سان گلاس ٽيبل تي ٺهڪايو، مون کان وري هلڪو ڇرڪ نڪتو.

ڪجھ گهڙين کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي گلاس ۾ وري پاڻي پريم پر اڳ وانگر هِن پيري بہ هُو اڳرائي ڪري ويو ۽ مون "مِني بہ ماٺ، مُني بہ ماٺ" کي ڇگُو سمجهيو......... هُن وري ڏڙام سان گلاس کي ٽيبل تي هٽي ڪڍيو پر مان هن پيري ڪونہ ڇرڪيس، مون کي خبر پئجي وئي تہ هو ائين ئي ڪندو ۽ مون وري گلاس پريو ۽ هُن وري پيتو!!!.

اهڙيءَ طرح مون لاڳيتا ڇهہ گلاس پريا ۽ هوءَ انتهائي بي شرمائي سان منهنجا پريل اُهي ڇهہ ئي گلاس پاڻي جا پي ويو ۽ خوشي منجهان خالي گلاس زور سان ٽيبل تي سٽيندو رهيو.

انهيءَ دوران مون هُن کي ڪجھ بہ نہ چيو، سوچڻ لڳس تہ باقي جڳ ۾  هڪ گلاس جيترو پاڻي مس بچيو آهي، جيڪر هن پيري بہ گلاس مان پريندس تہ وري بہ هي پي ويندو ۽ آئون ڪجھ بہ نہ ڪري سگهندس ڇو تہ مان هن راڪاس نُما آفت کي خواب ۾ بہ پُڇي نٿو سگهان!!.

چار ڪائي ٻہ هٽڻ بدران مُرڳو ڏهہ ئي ڪائيندس............ ڪو طريقو؟؟
ها هڪ اٽڪل آهي جيڪر هي گلاس ۾ پاڻي پري تہ هن وانگر مان پريل گلاس ڪائنس اڳ ۾ ڪٽي وٺندس ۽ پوءِ تڪڙ ۾ پاڻي ڏوڪي هوٽل مان ٻاهر پڇي ويندس، جتي هي راڪاس مون کي نہ پُڄي سگهي!!.
مون سوچيو انهي سان مان ٻُڪ کي بہ چڪر ڏئي وٺندس ۽ اگر هن پيري بہ گلاس مون پريو تہ پاڻي هِي پي ويندو ۽ هُو هوٽل وارو لالو پناڻ ماني نہ کائڻ يا چانهہ نہ پيئڻ جي ڪري شايد ٺلهو پاڻي بہ نہ ڏيندو!!.
مان مسلسل سوچي رهيو هئم ڇا تہ يزيدي رواج پئجي ويو آهي جو پيئڻ لاءِ چڙو پاڻي بہ نٿو ملي...... مان اهو سوچي رهيو هئس تہ سامهون وينل جبل جيڏي ڏِڳ مڙس، پنهنجي ساڄي هٿ جي سِگار جهڙي ٿُلهي اشهد آنگر مُنهنجي ساڄي اک ۾ کٽي ٺُنبي.
منهنجيون اکيون اڳي ئي ٻُک جي ڪري ڏرا ڏئي ويون هيون، مٿان وري هن جي آنگر ٺُنبڻ جي ڪري ويتر منهنجي اک اندر پيهي وئي. ساڄي اک کي کِنوڻ جو چمڪات نظر آيو ۽ هڪ تجلو اک مان نڪري هوريان هوريان وسامي ٺڏو ٿي ويو، سامهون نظر ايندڙ چوڏنهن ئي طبق مون کي روشن لڳا، مٿي کي چڪر اچي ويو، ڳِيت نِڙيءَ ۾ ڦاسي پيم، اک مان پاڻي بہ نہ نڪتو، پاڻي هجي تہ نڪري ها!!.
ڪجهہ گهڙين ڪان پوءِ نظر لوڏا لمڪا ڪائيندي ڦٿڪڻ لڳي، هر شيءَ جي وچ ۾ ڳاڙهو دائرو نظر اچڻ لڳو جڻ سج اک ۾ لهي آيو هجي، پهريون پيرو رڙ ڪري راڪاس جيڏي شخص کي چيم: ”ڇا ٿو ڪرين!؟؟“
”او............ تہ تون ڳالهائين بہ ٿو!“، هِن هيبتناڪ آدميءَ بيپرواهي مان چيو.
چيم: ”ڇا مان توکي گونگو ٿو نظر اچان؟“
وڏي آرام سان چيائين: ”ڳهٽ ۾ ڳهٽ هاٽي نہ....!!!“
چڙ وني ويم: ”ڇا ايتري دير تو مون کي گونگو پئي سمجهيو؟“
”نہ صرف گونگو پر ٻوڙو ۽ انڌو بہ!!“، هن وري بہ مزي سان بي پرواهيءَ مان چيو.
پڇرندي چيومانس: ”هي جو مون يڪا سارا ڇهہ گلاس پاڻيءَ جا صحيح سلامت تُنهنجي اڳيان پريا ۽ هڪ ڦُڙو بہ هيٺ هارجڻ نہ ڏنم تہ ڇا تڏهن بہ تو کي مان انڌو لڳي رهيو هئس واهہ!؟“
”ها تڏهن بہ تون مون کي انڌو ئي لڳو هُئين!“، هن اطمينان سان چيو: ”۽ ها اُهي ڇهہ ئي گلاس تنهنجي سامهون مان ئي پي ويس.“

مان ڪي گهڙيون ڪجھ بہ ڪُڇيس ڪين بس سندس مُنهن تڪيندو رهيس، پاڻ ڏانهن مون کي تڪيندو ڏسي هُن مُرڪيو، مون ڪاوڙ منجهان ڪيس چيو: "ظالم.......!! مُنهنجي اک ڪڏي ڇڏيئي!".

"اِهوئي تہ مان چاهيان ٿو......... باقي اِهو آخري ڪم رهيل آهي مُنهنجو."

مان چرڪي پيس، حيرانيءَ مان پُڇيومانس: "ڇا مطلب؟؟"

"مطلب وري ڇا؟، مان تنهنجي مٿان بينو آهيان، هاڻ مان چاهيان ٿو تنهنجي اک ڪڍي ڇڏيان!!.".

هن جون ڳالهيون مون لاءِ حيران ڪندڙ هيون، ڪا بہ ڳالھ نٿي آئڙيم. هو منهنجي سامهون وينو هو ۽ چئي رهيو هو "مان تنهنجي مٿان بينو آهيان"، خار مان چيومانس: "تون منهنجي سامهون وينو آهين."

مُسڪرائي چيائين: "نہ.........مان تنهنجي مٿان وينو آهيان."

"مٿان وينو آهين!!؟؟"، "پُڇيم: "ڪيئن؟"

مُڇ وٺيندي چيائين: "تون ڏڪڻ ۾ وينو آهين، مان اُتر ۾ وينو آهيان......... سو مان تنهنجي مٿان وينو آهيان."

"ها اهو تہ صحيح آهي پر تون منهنجي اک ڪيڻ ڇو ٿو چاهين؟؟"

پير تي هٿ هڻندي چيائين: "مان تنهنجو ويري جو آهيان!"، مون حيرانيءَ مان ڪيس ڏٺو ۽ هُن چيو: "مون تنهنجي زُبان وڍي ڇڏي آهي، تنهنجي ڪنن ۾ شيهو پلٽائي ڇڏيو اٿم، هاڻ تنهنجي اک ڪڍي ڇڏيندس مان." هو جذباتي ٿي پيو، مون وات ڪولي زور سان ڪٽي " آ " ڪئي: "ڏس منهنجي زبان منهنجي وات ۾ پئي آهي!"، مان وات پٽي پنهنجي زبان لڙڪائي هُن کي ڏيکاڻ لڳم پر هُن نہ مڃيو، چئي مون کي نٿي نظر اچي!!.

"تنهنجي زبان تنهنجي وات ۾ هُجي ها تہ تون اُنهيءَ مهل ئي رڙ ڪرين ها، جنهن مهل مون تنهنجا لاڳيتا ڇھ گلاس پاڻيءَ جا پيتا!!."، هُن چيو.

چيم: "اهو تہ مون صبر ڪيو هو."

"صبر.........هونئن!!، کهڙو صبر؟، اها تہ تنهنجي بيوسي هئي."

"نہ منهنجي ڪا بيوسي نہ هئي......."، مون ڇڻ احتجاج ڪيو.

"نہ صرف تنهنجي بيوسي پر........... پر بيوسيءَ جي بہ حد....... انتها!!"، ۽ هن هڪ پيانڪ ٺهڪ ڏنو، جنهن سان منهنجو هانءُ ڏڪي ويو.

منهنجو رت ٺهڪي پيو هو، پاڻ کي سامت ۾ آڻي پُڇيومانس: "اها ڳالھ آهي؟؟"

چيائين: “ها بلڪل اها ڳالھ آهي.”

“پوءِ ڏس!”، مون ڪيس چئلينج ڪيو، هو اکيون قاڙي مون ڪي ڏسڻ لڳو، مون جڳ ڏانهن هٿ وڌايو تہ جيئن جڳ ۾ بچيل پاڻي گلاس ۾ وجهي پي وجان ۽ ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريان تہ مان ڪمزور نہ آهيان، بيوس ناهيان، مان لاچار ناهيان، مان پنهنجي ويري کي مُنهن ڏئي سگهان ٿو، مان پنهنجو حق وٺي سگهان ٿو!!.

مون پنهنجي نبل وجود جي سموري سگھہ ۽ قوت گڏ ڪري ورتي ۽ مضبوط ارادن سان مون پنهنجو ٿڪل هٿ جڳ ڏانهن وڌايو، اُن کان اڳي جو منهنجو هڏائون هٿ جڳ ۾ پوي، هن ديوقامت جڳ کي نيلهو ڏئي ڇڏيو ۽ جڳ ٽيبل تي پاسيرو ٿي ڪري پيو، جڳ ۾ موجود بچيل سمورو پاڻي ٽيبل تي هارجي ويو، هن ٽيبل کي پاڻ ڏانهن لهوارو ڪيو، ٽيبل تان پاڻي سِيرون ڪندو، وٽ ڪائيندوهن جي مينڊيءَ لڳل داڦوڙن پيرن تي هارجڻ لڳو.

هُن جي چالاڪيءَ تي مان بيوسيءَ جي عالم ۾ ڪيس نهارڻ لڳس، هن هڪ وڏو خوفناڪ ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين: “آهين نہ تون بيوس!!؟؟”

مان آس ۽ نراس جي وچ ۾ ٽنگجي هن کي نهاريندو رهجي ويم، هن چيو: “تنهنجو هن پاڻيءَ تي ڪو بہ حق نہ هو ۽ نہ آهي. تو لاءِ پاڻيءَ آهي ئي ڪونہ.”

مان ڪجھ بہ نہ ڪچي سگھيم، هن طنزيہ چيو: “هڪ تہ پاڻي جي ڏاڍي ڪوٽ آهي ۽ مٿان وري تون پاڻي رُڳو زيان ئي تہ ڪندو آهين ۽ اُهو بہ گھٽو............ هيءَ پاڻي تہ منهنجو هو ۽ منهنجو آهي!!!”.

۽ پوءِ هن جو خوفناڪ ٺهڪ ٻريو ۽ فتح جي احساس ۾ هو لاڳيتا وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو ويو، مان اچرج مان ڪيس ڏسندو رهيم، هُو ٺهڪ ڏيندو رهيو پر اوچتو سندس ٺهڪ اڌ ۾ ڪپجي پيا، حد کان وڌ پيتل پاڻي سندس پيٽ ۾ وٽ وجهي ڇڏيو هو ۽ چرين وانگر ٺهڪن ڏيڻ ۾ دوڏا ٻاهر نڪري آيس، ٻئي پل ٽيبل تي ڦهڪو اچي ڪيائين ۽ ڪُليل وات مان پيتل پاڻي گڙ گڙ ڪندو وهندو ويس.

* * * * * * * * * * *

# نوپرابلم

اهو ڪو اوچتو عمل نہ هو ۽ نہ ئي ڪو حادثو!
اها باقائده سوچيل سمجهيل حرڪت هئي ۽ منصوبابندي واري اها سموري حرڪت اصل ڳچيءَ ۾ پئجي ويئي. ها انهيءَ کي اتفاق بہ نٿو چئي سگهجي ۽ نہ ئي ڪا غلطي!، انهيءَ کي غلطي سمجهڻ تہ اصل بيوقوفي آهي، ها اها هڪ سوچيل حرڪت ئي هئي، شايد ويچاريل ۽ غور ڪيل.
افسوس جو آخر ۾ اسان کي هٿ ئي ملٽا پئجي ويا، خود کي جام پشيمان تہ پريشان بہ ٿيڻو پيو ۽ ڳڌ خلق جي کِل کي روڪڻ نہ صرف مشڪل پر بيحد ناممڪن ٿي پيو.
هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن مان ۽ منهنجو يار سونو روز هڪ ڪهاڻي لنڪدا هئاسين، سونو ديني حجم جو پُٽ آهي، جيڪو اسان جو پاڙيسريءَ آهي ۽ مُنهنجو يار!!.
منهنجي يار سوني جو اصل نالو سونا خان آهي پر جيتامڙو هئڻ ڪري سيني سندس نانءُ بہ گهٽائي ڇڏيو آهي، سونا خان بجاءِ سيڪو ڪيس سونو ئي سڏيندو آهي.
انهن ڏينهن ۾ سونو ۽ مان روز هڪ نہ هڪ ڪوڙي ڪهاڻي لکندا هئاسين ۽ شام جو وري هڪٻئي کي پڙهي ٻُڌائيندا هئاسين ۽ پوءِ هڪٻئي جي ڪهاڻي مان چُڪون ڪيندا هئاسين. عينڪ ڪان سواءِ نظر تنقيدي ٿي نہ سگهندي هئي سو سومار مواليءَ جي پيگل شيشي واري عينڪ جيڪا هوءَ پنهنجي سيراندي ڪان رکي سُمهندو هو سا چورائي ڪڏهن سونو تہ ڪڏهن مان اها عينڪ پنهنجي نڪ ۽ ڪنن کي چنبڙائي تنقيدي نظر انهن ڪوڙين ڪهاڻين تي وجهندا هاسين ۽ پوءِ چُڪون دُرست ڪندي ڪندي آخر ۾ وجي هڪٻئي جون ڪهاڻيون رد ڪندا هئاسين، اصل نهڻ جي تہ ڪا گنجائش هُئي ئي ڪانہ!.
مان ڪيئن ٿي هن جي واهہ واهہ ڪري سگهيس تہ سونو ڪيئن ٿي مون کي پلو چئي سگهيو!؟ اهو تہ ڪنهن امڪان ۾ ئي نہ هو ۽ نہ ئي ٻنهي کي گوارا پيو!.
خير اهو قصو گهٽا ڏينهن ائين ئي هلندو رهيو پر اسان مطمئن ئي نہ ٿي سگهياسين ۽ هڪٻئي جي چير ڦاڙ ڪندا رهياسين پر وڙهياسين ڪڏهن بہ ڪو نہ!!.
هڪ ڏينهن الاءِ ڇا ٿيو، منهنجي يار سوني کي الاءِ ڪهڙو ريچڪ چڙهيو، دشمن جي طبيعت الاءِ انهيءَ ڏينهن ناساز هئي يا ڪا ٻليءَ سندس گس اڳيان مٽي وئي هئي يا تہ مرڳو تقدير اسان ٻنهي تي اچي مهربان ٿي هئي جو سوني انهي ڏينهن منهنجي ڪوڙي

ڪهاڻي ٻُڌڻ ڪان پوءِ نہ صرف ڪيس ڪهاڻي مجيو هو پر تعريف جا قصيدا ڳائڻ ۾ پلتا هڻڻ لڳو هو.

مان تہ ششدر ٿي ٿي پيم، سندس اهڙو حال ڏسي اصل وائڙو ٿي ٿي پيس، سمجهہ ۾ ئي نہ آيم تہ سونو ڪڏهن راڳي بڻيو آ!!.

متيون ئي مُنجهائي ڇڏيون اڄ تہ سوني صفا...... پهريان تہ مون ڪي ڪو اعتبار نہ آيو سندس ڪنهن بہ ڳالهہ پلتي، دوهيڙي تي پر پوءِ سوچيم اهڙو ويل مان بہ نہ آهيان، گذريل ڪئي سالن ڪان ڪوڙيون ڪهاڻيون لکندو پيو اچان، ٿي سگهي ٿو هيل هٽي وڃي هنڌ ڪيو هجيم متان ۽ هن جيتامڙي سوني جي رُڏ مغز ۾ بہ ڪا ڳالهہ مس وڃي ويڻي هجي!!.

منهنجي ڇاتيءَ چويهہ مان ڇائيتاليهہ انچ ٿي وئي ۽ لڙڪيل ڪنڌ سِڌو ٿي ويم، ڏنم تہ هڪ لمحي لاءِ جڻ سونو جيئن هيڊو ٿي پيو هجي، منهنجي مُنهن تي خوشي ڏسي سندس مُنهن دونهاتجي ويو چو تہ يار هو نہ پنهنجو اصلي پڳ مٽ!!.

ها سو جڻ ڪي ڪارا ڪوهيڙا سوني جي مُنهن تي ايندا ۽ ويندا هجن، بحرحال ڪجهہ گهڙين جي خاموشي ڪان پوءِ سوني پڇري پنهنجي ڪهاڻي ڪڍي ۽ پڙهڻ شروع ٿي ويو، مان ڌيان ڏئي ٻُڌڻ لڳس پر خبر تنهن مهل پئي جڏهن سوني منهنجو ڪُلهو لوڏيندي چيو: "اڙي ڏيڏر!!، ڏي خبر منهنجي ڪهاڻي ڪيئن آهي؟."

ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان؟، مون تہ ڪجهہ ٻُڌو ئي نہ!!، مون تہ ديوار سان ڪن لڳائي ڌيان سان سوني جي ڪوڙي ڪهاڻي ٻُڌندي پئي سوچيو تہ: "هاڻ مان وڏو ڪهاڻيڪار ٿي ويو آهيان، ها صفا وڏو ياري پرڪم ڪهاڻيڪار!!، جيئن ڪاڇو نڙگهٽ، فراق محبوب وصال يا نرگس شميم بي پرواهہ، نہ انهي ڪان وڌيڪ سُنو گُلو گُمشده جهڙو، خريف ٽُوتاري جهڙو، اڙي نہ نہ...... انهن جهڙو نہ، انهن سيني ڪان وڌيڪ سُنو ها ڪريم پالڪ جهڙو، نہ انهي ڪان بہ وڌيڪ پلا جُنيد واشديو جهڙو نہ نہ پلا تفريق لنگهيو جهڙو يا ڪمون ڪڪر جهڙو يا...... نہ نہ هنن سيني ڪان وڌيڪ، ها هنن سيني ڪان وڌيڪ سهڻو، سُنو ۽ پُختو !!.

مون تہ اهو پئي سوچيو سو ڪهڙي راءِ ڏيان ها؟، دل ۾ خيال ڪيم، سوني ڪي اهو چئي پنهنجي جان ڇڏايان تہ: "تنهنجي ڪهاڻي بنهہ فرسوده آهي"، پر وري سوچيم تہ سونو پُڇندو اهو ڪيئن؟ تہ پوءِ ڇا چوندس؟، ۽ هونئن بہ ڪنهن سان بدديانتي نہ ڪرڻ گهرجي، سوني منهنجي ڪهاڻي جي تعريف ڪئي آهي، مون کي بہ سندس ڪهاڻي جي تعريف ڪرڻ گهرجي!!.

جيڪر نہ تہ هو ٻيهر ڪڏهن بہ منهنجي ڪنهن ڪهاڻي جي تعريف نہ ڪندو، مُرڪو ڳالهہ ئي ڪِڇيءَ ۾ پئجي ويندي، سو دشمني نہ ڪٽڻ گهرجي ۽ مون سوچ سمجهہ کان ڪم وٺندي انهيءَ ڏينهن دل کولي سوني جي ڪوڙي ڪهاڻي جي ڪوڙي تعريف ڪئي، مان راڳي نہ هئس، مون پلٽا نہ هنيا، مون اُلٽا سُلٽا تعريف جا بندل جوڙيا ۽ سڀ جا سڀ سوني مٿان اهي ٽوڙيا.

۽ انهي ڏينهن کان پوءِ اسان ٻنهي ۾ هڪ اڻ چيو معاهدو ٿي پيو جيڪو ٻنان طيءَ ٿيل هو ٻنهي وچ ۾. اسان ان ڏينهن هڪٻئي کي نہ صرف باقائده ڪهاڻيڪار طور تسليم ڪيو پر پنهنجا پنهنجا تخلص بہ چونديا سين، سونو سِرڻ ٿي پيو تہ مان ڏيڏر ڏائنڻ ٿي پيس، انهي خوشي ۾ سوني چانهہ گهُرائي مان پاپا وٺي آيس ۽ پوءِ پهريون ڀيرو اسان گڏجي چانهہ پيتي ۽ پاپا ڪاڌا ۽ کِلي خوش ٿياسين نہ تہ اسان روز هڪٻئي کي پنهنجيون ڪوڙيون ڪهاڻيون ٻُڌائي ۽ اهي رد ڪري، دڙڪا دهمان ڏئي هليا ويندا هئاسين.

اهو ڏينهن انقلابي ڏينهن هو، ان ڏينهن کان پوءِ روز سونو سِرڻ منهنجي ڪهاڻي ۽ قلم تي پلٽا هڻي ڪري پوندو هو تہ مان سندس ذات ۽ بات جي ساراهہ ڪندي چنگي دير تائين پيو ٿان ٿان ڪندو هئس، پر ماڻهوءَ.........

ماڻهو وڏا بد ديانت آهن هن دنيا جا! ڪنهن کي سهن ئي ڪون اصل!! پنهنجي مُنهن ماڻهوءَ مون کي چوندا ها تہ سونو توتي کِلون ٿو ڪري، چوي ٿو تہ: “اهو واڳڻ مُنهون، کوهہ جو ڏيڏر، انهيءَ کي ڪهڙي خبر جهان جي، سدائين لباڙ ٿو هڻي، ڪڏهن ٻاهر نڪتو هجي تہ دنيا جي ڪا خبر هجيس، هليو آ ڏيڏر ڪهاڻيڪار ٿيڻ!!. ڀاڻ کي ڪو وڏو اديب ٿو سمجهي ڏيڏر ڪٿان جو..........”

۽ مان ماڻهن کي چوندو هئس تہ: “اهو جيتامڙو ٽِندڻ!!، اهو وري ڪهڙي باغ جي موري آ؟، اڃيس ٿو الف آڱونو ۽ پُٽ ڀاڻ کي سمجهي ٿو ڪمون ڪڪر.........!!، اهو ڪُٻو ڪاڻ ڪُتو بہ پنهنجي نظر ۾ وڏيءَ بلا ٿيو گهمي، بيوقوف آهي چا منهنجي اڳيان؟”.

هڪ ڏينهن سوني سِرڻ پنهنجي تعريف ٻُڌڻ کان پوءِ جڏهن منهنجي ساراهہ تي پلٽا پائي پلٽي ويو هليو تہ انهيءَ مهل گُلو گُمشده مون کي چيو: “توهان ٻئي مُنهن تي هڪٻئي جي سُني تعريف ڪري وٺندا آهيو ۽ پر پُٺ ڪِلا پُڻ چو!!؟”.

“اسان جي ٻيو ڪو تعريف نٿو ڪري تہ مجبورن ٿورئي اسان هڪٻئي جي تعريف ڪريون ٿا.”، چيومانس: “اها ئي مفاهمت آهي، اها ئي جمهوريت آهي.”

گُلو گُمشدهہ چيو: “مون کي ڪجهہ سمجهہ نٿو اچي!.”

“اها ئي پلي ڳالهہ آ جو توکي ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي.”، چيومانس: “پنهنجي هاٿي جيڏي هن ننڍڙي دماغ تي وڏيڪ زور نہ ڏي، ميڄالو ٻاهر نڪري ايندئي!”

“پر ڏيڏر...............”، هن احتجاج ڪيو.

“گُمشدهہ آهين، گُمشدهہ رهہ، مان وڏيڪ ٿان ٿان نٿو ڪرڻ چاهيان.”، چڙٻ ڏيندي چيومانس: “پنهنجي ڪل مان نہ نڪر، نہ ئي اجايو نقاد ٿيڻ جي ڪوشش ڪر!!”، ڪن رکي چيومانس: “هي وڏيون ڳالهيون آهن عالمي ليول جون، تنهنجي هاٿي جيڏي مٿي ۾ نہ گهڙي سگهنديون، تون پنهنجي هيڏي وڏي مٿي ۾ موجود پنهنجو ننڍڙو دماغ شانت رک.”

گُلو گُمشدهہ مُنهن ڪوجهو ڪري ويو هليو پر اسان جي اها روز جي گڏجاڻي گهٽڻ ڪي مشڪوڪ نظر اچڻ لڳي، پاڙي جي ڪامريڊ تہ ڳالهہ ئي هُلائي ڇڏي تہ: “هي صدر بُش جا خاص ايجنٽ آهن. هنن جي ڪچهريءَ ۽ ملاقات خلاف تڪڙو ايڪشن ڪٽڻ ئي ڪپي!!.”

راڄ واري رئيس جو ڪمدار تہ چوندو گُهمي: “مون کي سڀ خبر آ، مون کي سڀ خبر آ........!!، هي چورا جيڪا سازش گهڙين پيا مون کي سڀ خبر آ.”

“اڙي ڏيڏر.......!، ڏي خبر”، سوني مون کان پُڇيو: “ڪمدار کي ڪهڙي خبر آ؟ ۽ پاڻ ڪهڙيءَ سازش گهڙيون پيا؟؟.”

“يار سِرڻ!، ڪُڪڙ جا پر ڪُتل چوزا...........!!.”، چيم: “خبر تہ ٻيلي مون کي بہ ناهي تہ پاڻ ڪهڙيءَ سازش گهڙي رهيا آهيون!!.”

هوءَ وات پٽي مون کي تڪڻ لڳو، ڪي گهڙيون مان پيي ڪيس چرپٽن وانگر ڏسندو رهيس ۽ پوءِ ڪن رکي رازداريءَ مان پُڇيومانس: “توکي خبر هُجي تہ يار مون کي بہ ٻُڌاءِ؟.”

چيائين: “ٻيلي خبر تہ مون کي بہ ناهي!!.”

“پوءِ ڪمدار کي خبر هوندي ان کان پڇجي؟؟.”، چيم.

“ها ڏيڏر...........” سوني سِرڻ چيو: “ڪمدار کي تہ خبر هوندي هوءَ تہ چوندو جو گُهمي مون کي سڀ خبر آ.”

۽ انهن ڏينهن ۾ راڄ جي رئيس نہ صرف اسان جي منوءَ مواليءَ واري هوٽل تي ويهڻ تي پابنديءَ هٽي ڇڏي پر ڪٿي بہ اسان جي گڏجڻ کي قانوني ڏوهہ قرار ڏنو ۽ اسان جي هڪ مان ٻن جي ميڙ ٿيڻ تي قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو پر اسان بہ هئاسين نڪ جا پڪا، مُڙڻ وارن مان تہ نہ هئاسين نہ........... هڪڙا ڪهاڻيڪار ۽ ٻيو ٽيون ٻُزدل، اهو ڪوڙو اسان تي لڳو ئي نٿي، نہ ئي اهو اسان جي وڙ وٽان پيي هو ۽ نہ ئي وري اسان اِهو مڃڻ لاءِ تيار

پي هُئاسين ﭘيو تہ وري اسان هڪٻئي جا عاشق محبوب ٿورئي هئاسين جو اسان کي ڪارو ڪاري جو بہ ڪو ڊپ هُجي ها.

اسان بس نرجائي سان ملندا رهياسين، روز واريءَ چانهہ جي اڏ ڪوپ نہ صرف اسان جي دوستيءَ کي مضبوط بڻايو پر دوستيءَ جو دائرو وسيع ڪندي ٻن ميمبرن مان وڌائي ٽن ميمبرن تائين پُجائي، اسان جي مُشڪلاتن ۾ انيڪ پريشانين جو اضافو ڪري ڇڏيو.

ٿيو هيئن جو تر جو جهونو اڌ پڙهيل خفتي شاعر استاد آڙيڪاپ اسان جي سنگت ۾ جبري طور تي اچي شامل ٿي ويو. استاد جو اصل نالو تہ ڪو ﭘيو هو شايد پر آڙيڪاپ جي تخلص سان مشهور آهي، چون ٿا جوانيءَ ۾ شاهہ ڪاريگر هو پر اِها خبر ڪونهي تہ الاءِ ڇا جو ڪاريگر هو!!، اهو چوڻ وارا چون ٿا سوني نہ چيو آهي ، نہ ئي مان ﭘيو چوان، ها تہ ڳالهہ پئي هلي استاد آڙيڪاپ جي، سو ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن اسان جي ڪهاڻي ۽ ڪچهريءَ روز جي معمول مطابق هلي رهي هئي، ڳُلو گُمشده لکي لکي اسان کي ڏسي رهيو هو تہ استاد محترم تشريف فرما ٿيو، جيڪو روز پريان تاش کيڏڻ واري منڊليءَ کان اسان کي تڪيندو هو پر اڄ اچي نڪاءُ ڪيائين، استاد محترم ويهڻ کان پوءِ فرمايو: ”اوهان مون کي سڃاڻيندا هوندؤ؟“

سوني ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي، مون ڪو بہ جواب نہ ڏنو، دل ۾ چيم: ”هائو ٻيلي....... ڪهڙو انگليند کان آيو آهين.“، ڏٺم تہ استاد نظرن ۾ چئي رهيو هو: ”وڏو ڪو بدتميز آهين!!.“، استاد تہ آخر استاد هو نہ، مون کي خاموش ڏسي چيائين: ”تون شايد مون کي نٿو سُڃاڻين تہ مان ڪير آهيان!!.“

راڪاس ڪونہ آهين نڪو ڄِن ڀوت.......... اهو خيال ڪندي چيومانس: ”سُڃاڻيان ٿو استاد.............“

منهنجي ڳالهہ کي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪندي سوني کي چيائين: ”اوهان جي ڪهاڻين جي سُس پُس روز ٻُڌندو آهيان، الاءِ چو دل چاهيو اوهان کي ٿوري سکيا ڏجي.“

”اوهان شاعر آهيو.“، چيم: ”ڪهاڻي جي سکيا ڪيئن ڏيندؤ؟.“

استاد آڙيڪاپ هڪ گِهوريءَ نگاهہ مون تي وڌي ۽ ائين ڏٺائين مون کي ڄڻ منهنجو مُنهن ٺُپ نہ وٽيو هُجيس، مان خاموش ٿي ويس تہ چوڻ لڳو: ”توکي خبر ناهي تہ مان ڇا آهيان.............!!!.“

دل ۾ چيم: ”گهٽ ۾ گهٽ ايٽم بم تہ ناهين نہ ئي ڊينگي وائرس!!“،

هُن ڪُرڙيون اکيون ڪري مون کي بيهر ڏنو ۽ پوءِ ڳالهه شروع ڪندي چيائين:
“گهٽا ماڪوڙي مُنهان اديب مون کان ائين وڙن ويندا آهن جيئن تر جي صوبيدار کان سوا مڻ ڪپهه جا چورا!.”۽ سونو مون کي تڪڻ لڳو ۽ مان استاد آڙيڪاپ جون ڳالهيون دوڏا ڦاڙي ۽ ڪن ڪولي ٻُڌڻ لڳو هئس ان ڏينهن.

ان کان پوءِ ائين روز باقائدگي سان استاد اسان جي سِکيا لاءِ اچڻ لڳو ۽ منهنجي ۽ سوني جي چانهه واري روزمره جي بجيٽ ۾ ڪجهه واڌارو ٿي پيو، استاد نہ روز گهٽو ٽٽو پاڻ ڳالهائي جي مان ۽ سونو ڳالهايون تہ اسان جي ڳالهه اڪثر ڪٽيندي۽ چوي: “توهان ڪالهوڪا ٻار......!!، توهان کي خبر ئي ڪهڙي؟، زماني ۾ هليا هجو تہ اوهان کي ڪنهن ڳالهه جي ڪا پروڙ هجي.......... اسان هي وار اجا ٺلهو ڪاڙهي ۾ تہ نہ ڪيا آهن.”

بحرحال استاد آڙيڪاپ اسان ٻنهيءَ دوستن کي بيزار ئي ڪري وڌو پر اسان هميشہ پنهنجي ڳالهه تي ئي ڌيان ڏنو چو تہ اسان کي خبر هئي تہ سڀ واندا اسان کي واندو سمجهي اسان جي ادبي رستا روڪ ٽا ڪن!!.

پوءِ جڏهن اسان جام ڪوڙيون ڪهاڻيون لکي ٻوريون ڀري ورتيون تہ اسان اچانک سوچيو چو نہ انهن کي ڇپرائي عوام جي اکين آڏو آڻيون!!.

اسان ٻنهي يڪراءِ فيصلي طور پنهنجيون ڪهاڻيون هر مهيني مختلف رسالن ڏانهن موڪلڻ لڳاسين ۽ هڪٻئي اڳيان انيڪ دعوائون ڪرڻ لڳاسين.

سونو چوڻ لڳو: “اڙي ڏيڏر تنهنجو ڪجهه ٿيٽو ناهي!.”۽ چيم: “ماٺ گوگڙُو تنهنجي ڪهاڻي بہ تو وانگر رديءَ آهي.”

پنج سال گذري ويا پر اسان ٻنهيءَ مان ڪنهن جي بہ ڪا ڪوڙي ڪهاڻيءَ ڪنهن بہ رسالي ۾ ڪانہ ڇپي ۽ هر واري پنهنجي واري جو انتظار هو، ٽپال آفيس وارن سان اسان جي ايڏي تہ اُٿ ويهه وڌي جو دوستيءَ ۾ انهيءَ دؤران سوني کي ٽپال کاتي ۾ ٽپاليءَ جي نوڪري بہ ملي وئي پر اسان ٻنهيءَ مان ڪنهن جي بہ ڪا ڪهاڻي ڪنهن رسالي ۾ نہ ڇپي.

هڪ ڏينهن مون ۽ سوني صلاح ڪئي تہ چو نہ حيدرآباد هلجي ۽ ڪا خبر چار ونجي ۽ پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي هلي ڳولجي تہ نيٺ اهي پاڻ واريون ڪهاڻيون آخر وڃن ڪيڏانهن ٿيون!!؟.

اسان پندرنهن ڏينهن منوءَ مواليءَ واري هوٽل کي الوداع چئي ڪجهه چانهه جا پئسا بچائي باقي پئسا پٽي سٽي هڪ ڏينهن حيدرآباد لاءِ نڪري ئي پياسين.

جڏهن بس حيدرآباد اچي پهتي ۽ مسافر لهڻ لڳا تہ منهنجي يار سوني وڏو هانءُ تي هٿ هڻي چيو: "اي حيدرآباد اداس نہ ٿيءُ..........!!، تنهنجا والي وارث پهچي ويا آهن."، مون هڪ نظر ڪيس ڏنو ۽ پوءِ ماڻهن جي پيڙ ڪي جاچڻ لڳس.

اسان بس مان لهي انهيءَ ڏينهن مِڙني رسالن جي آفيسن جا چڪر هنيا اتي اسان ڪي ڪٿي بہ پنهنجي ڪا ڪوڙي ڪهاڻيءَ ڪانہ لڀيءَ، دل ۾ چيم: "مان ڏيڏر ناهيان مان سنڌي ڪهاڻيڪار آهيان، ۽ هي منهنجو يار سونو بہ تہ گهٽ ناهي، فلسفو سندس مٿي ۾ لتاڙي لتاڙي پريل آهي، هي بہ ڪهاڻيڪار ئي آهي"، پر اسان ڪي ڪنهن مُنهن ئي نہ ڏنو، اتي اسان ڪي ٻيا بہ جام ڪهاڻيڪار مليا اُهي بہ پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ڳولڻ آيا ها، سڀ پريشان ۽ حيران ها، ڪنهن ڪي بہ پنهنجي ڪهاڻي ڪانہ پئي لڀي، سيڪو هِت هُت پئي ڀڳو، هر ڪنهن پنهنجي ڪهاڻي جي پارت پئي ڪئي، ايڏي وٽ وڻان ڏسي سوني جو هانءُ ڪچو ٿي پيو، ذري تي اُلٽي ڪري ڪِن تي ڪيو هُئائين پر وقتائتي سينيءَ ۾ تريءَ هڻيءَ مون سندس ساهہ سُڌير ڪري ورتو پر اتي پوءِ بہ ساهہ جڻ مُنجهيو پئي ۽ گهُٽ ٻوسٽ ۾ وڏيڪ روح نہ چاهيو تہ ڪا ڪهاڻي جي ڳولا ڪجي!!!.

۽ اسان حيدرآباد جي گهٽين ۾ نڪري آياسين، ڪنهن بُڪ اسٽال تان سوني ڪو ادبي مئگزين خريد ڪيو ۽ مون ڪي ٻانهن ۾ ڇُهنڊڙيءَ هڻندي چيائين: "جسٽ نو پرابلم.........!!، اڙي يار ڏيڏر..........!!، ڪو مسئلو آهي ڇا؟؟"،

هوءَ جڻ پنهنجي مُنهن تي ڳالهائو، ڪن رکي وري چوڻ لڳو: "ڪو مسئلو ناهي ڏيڏر!!، انجواءِ يار، زندگي جو هر پل ماڻ."، مون ڪيس هڪ نظر ڏسي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو، پائنيم ساڳيو وقلڻ وارو دؤرو پيو اٿس، اجهو تو پلٽا هڻي سُرت وجائي پر هن وري ڇُهنڊڙي هڻندي چيو: "اڙي يار.........!!، تون بہ صفا ڪو ڇسو آهين."

چيم: "ڪا پرواهہ ناهي."، ۽ هڪ ٻئي بُڪ اسٽال ڏانهن ڪِسڪي وياسين، مُختلف رسالا ڏسندي خبر تڏهن پئي، جڏهن بُڪ اسٽال جي مالڪ جا ٻئي هٿ منهنجي يار سوني جي ڳِچيءَ ۾ ها ۽ هو چئي رهيو هو: "اڙي چوري ٿو ڪرين...................."

سونو سندس گرفت ۾ قابوءَ هوندي پي پنهنجي صفائي ۾ چيو: "ڪهڙيءَ چوريءَ؟، هي رسالو تہ مون ٻئي اسٽال تان ورتو آهي."

"اڙي چوريءَ مٿان وري سينہ زوريءَ!!."

"اڙي يار ڏيڏر تون ئي ٻُڌائينس تہ هي رسالو پاڻ ڪٿان خريد ڪيو آهي؟"، ان ڪان اڳي جو مان ڪجهہ ڳالهايان، هُن ٻولي مٽ بگهڙن جي قوم واري بُڪ سيلر، سوني ڪي

هڪ اڌ تڪڙي لپاٽ وهائي ڪيدي ۽ مئگزين ڦري ٻين رسالن سان گڏ رکي ڪيس ڏِکو ڏئي ڦُٽ پاڻ تان هيٺ لاهي ڇڏيائين، رونشي تي مِڙي آيل ماڻهوءَ حقارت مان نهارڻ لڳا، ميڙ منجهان ڪنهن ڪروڌي چيو: "شرم نٿو اچئي؟، ڏينهن ڏٺي جو چوريءَ تو ڪرين اها بہ ڪتابن جي!!."

مان خوف منجهان ڪجھ بہ ڳالهائي نہ سگهيس، صفا ششدر ٿي پيم، مان ڪجھ بہ نہ ڪري سگهيو هُئس، مان ڪائنر هُئم، پنهنجو پاڻ کي نہ صرف ڪائنر پر بُزدل ۽ بيوفا پُڻ سمجهڻ لڳس، منهنجي مُنهن تي پنج لڳي ويھ منٽ ئي وڃي ويا، سونو الاءِ ڇا سوچي رهيو هو، الاءِ اهو تہ منهنجي من ۾ خوف پرجي ويو آهي يا مان سندس ڪابہ مدد نہ ڪري سگهڻ جي ندامت واري احساس ۾ ورتل آهيان.

بحرحال هن الاءِ ڇا سمجهيو پر ڇُهنڊڙيءَ هٽندي چيائين: "اڙي يار ڏيڏر جست نو پرابلم!!."

مان حيرانيءَ مان وات پٽي هن کي نهاريندو ئي رهجي ويم پر وري هن کن رکي پاڻ ئي چيو: "ڪا پرواھ آهي ڇا؟؟."

مون هڪ نظر ڪيس ڏٺو ۽ ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيم، ڇاتم ٿي دُڪان واري کي پڪ هئي سوني ڪا چوري نہ ڪئي آهي پر هن..........

مون هڪ ٿڌي آھ ڀري ۽ سونو هڪ وڏو ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو: "ها حيدرآباد..........!، تنهنجا وارث اچي ويا آهن.........."

.................. ۽ .....................۽ مار ڪائي وڃي بہ رهيا آهن."

* * * * * * * * * * * *

# بي نڪو

هو سڌو مون ڏانهن آيو، اچي منهنجي ڳِٽڙ مان جهليائين ۽ ٻہ ٽي ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين. ڪي پل مون کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ساڳين قدمن تي موٽي ويو.
مون سندس انهيءَ عمل تي ڪا بہ رڙ نہ ڪئي، ڪا دانهن ڪا ڪُوڪ نہ ڪئي، نہ ڪجھ ڪُڇيس ۽ نہ ئي ڪُجھ ڪيم. ڪو احتجاج، ڪو ردعمل، ڪا مزاحمت، ڪو جواب............ ڪجھ بہ نہ!!!.
بس مان خاموش رهيس.
ٻئي ڏينهن مون پاڻي پيئڻ لاءِ جڳ منجهان گلاس اجان ڀريو ئي مس هو تہ هو اچي پهتو. انهيءَ کان اڳي جو ڀريل گلاس مان پنهنجي چپن تي چاڙهيان ها، هُن سٽ ڏئي منهنجي هٿن مان گلاس ڦُريو. سندس نگاهہ جڳ تي پئي ۽ جڳ ڀي کسي ورتائين، ٻہ ٽي ڀيرا مُنهن تي هڻي باقي پاڻي چمپل پاتل پنهنجن ٻي ڊولن پيرن تي هاري ڇڏيائين.
منهنجي اکين ۾ ڪروڌ لهي آيو، مون نفرت ڀري نگاهہ سندس وجود تي وڌي تہ منهنجو ڪروڌ، منهنجي اکين مان نڪري سُڪڙجي سُسي ختم ٿي ويو.
ڪجھ ڪرڻ کان اڳي مون سوچي ورتو هو تہ هي راڪاس نُما ديو ۽ مان ٻُڪ ۾ پاهہ تيل هڏائون ڀڃرو!!، سندس اڱيان جيتامڙو!!، هِن جي تہ معمولي ڌونڌاڙ بہ سهي نہ سگهندس!!.
هو مون کي يڪسوئيءَ سان اجان بہ ڏسي رهيو هو، مون ڳِيٽ ڏئي خُشڪ نِڙيءَ مان خُشڪ ٿُڪ ڀٽي زمين تي ٿُو ڪئي ۽ ڪاوڙ منجهان مُنهن ڦيري ڀريرو تي ٻينس پر ان عمل منجها هن کي ڇُوڇڙيءَ وني وئي، هن وري سٽ ڏئي مون کي مُنهنجي ڳِٽڙ مان جهليو ۽ چار پنج لپاٽون لاڳيتيون وهائي ڪڍيائين ۽ پوءِ ردعمل ڏسڻ لاءِ منهنجي مُنهن ۾ تڪڻ لڳو.
مون ڪجھ سوچي ڪو بہ ردعمل نہ ڪيو، مان ماٺ ڪيو پٽ ٽيو ٻينو رهيس، مون هڪ لفظ بہ نہ ڪُڇيو، مون وري بہ ڪا مزاحمت نہ ڪئي، مون ڄاتو تي خاموش رهڻ سان ئي في الحال جان ڇُٽي ويندي پر ڪجھ ڪرڻ سان گهٽو ڪجھ ملي سگهي ٿو، جنهن جي ڪاٺڻ جي سگھ مون ۾ نہ هئي ۽ جيڪا مان ساري بہ نہ پيو سگهان، سو مون ڪجھ بہ نہ ڪيو، نہ ڪا دانهن نہ ڪُوڪ، نہ سُڏڪو نہ لُڙڪ، نہ رڙ نہ ريهہ................
بس خاموشي...........!!.

هو ڪي پل مون کي جاچيندو رهيو ۽ پوءِ نڙاڪ ڪندو هليو ويو، مون وڏو ساهه کنيو پر اندر ۾ وڍ پئجي ويم، ياد آيو تہ ڪافي وقت کان مون ڪجهہ نہ کاڌو آهي ۽ جي کاڌو آهي تہ اُهو جيڪو هُو ڪارائي پيو وجي!!.

"باقي ٻيو ڇا کاوان؟؟"، تڪليف ۾ مون پنهنجو پاڻ سان تي ڳالهايو: "اڃان ڪجهہ کائڻ جي ڪوشش تو ڪريان تو تہ هي راڪاس پهچي تو وجي ۽ ڪجهہ ٻي کائڻ نٿو ڏئي بلڪ پاڻ اهڙو ڪجهہ ڪارائي تو وجي جيڪو کائڻ منهنجي مجبوري ۽ بيوسي آهي........ سو نہ چاهيندي بہ مون کي اُهو کائڻو تو پوي!!."

انين ڏينهن مون هن کي ڏاڍو ڳوليو، جڏهن هو مون کٽي بہ نہ مليو تڏهن مس وجي سُک جو ساهه کنيم ۽ هڪ نويڪلي جاءِ ڏسي اُتي پنهنجن پُراڻن ميرن ڪپڙن جي ڦاٽل کيسي منجهان سُڪل ماني ڪڍيم ۽ چڪي چڪي زوري اُن مان هڪ گِرهہ پٽيم، اڃان گرهہ پٽو ئي هئم تہ پٺيان کنهن لامارو ڏنو ٻئي پل ڏٺم تہ منهنجا ٻئي هٿ خالي ها.......... نہ هٿ ۾ گرهہ هو ۽ نہ باقي ماني!!.

پوئتي مُڙيس تہ هو بيٺو هو، سندس هٿ ۾ مون واري سُڪل ماني هئي، مان ڇرڪي پيس ۽ انتهائي بيوسي، لاچاري ۽ افسرده نگاهن سان مون کيس ڏٺو، هن بنان کنهن تاثر ڏيڻ جي ۽ دير ڪرڻ جي منهنجي سُڪل ماني پريان پيل ميونسپالٽيءَ واري ڪچري_دان ۾ وجي وڌي ۽ وري مون ڏانهن لنگهي آيو، ايندي ئي بنان کنهن دير جي مون کي پنهنجو زرخريد غلام سمجهي ڳِتڙ مان جهلي ڪجهہ لپاٽون وهائي ڪڍيائين، جيڪي مان ڳٽي نہ سگهيس ڇو تہ منهنجي اکين آڏو تروِرا اچي ويا، چئو طرف مون کي اوندهہ ئي اوندهہ نظر اچڻ لڳي ۽ دماغ ۾ زوزات ٿيو ۽ مٿو ڦرڻ لڳو، مون پنهنجو پاڻ کي ڊِرڪندي محسوس ڪيوءِ مون کي لڳو تہ دنيا جهان جي هر شيءِ ٻُڏي گُم تي رهي آهي!!.

انهيءَ حالت ۾ ڪجهہ لمحن کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ هر شيءِ لوڏا لمڪا پئي کائي. اُن ويل احتجاج تہ پري پر مون کي پنهنجو پاڻ سنڀالڻ بہ تمام مُشڪل پئي لڳو. ڪا دانهن رڙ ڪرڻ بجاءِ مان پاڻ کي سهيڙڻ لڳس، اکيون کوليم تہ هو منهنجي اڳيان ٽيڙون کائي رهيو هو، ڪي پل تہ هو ائين ٽيڙون کائيندو رهيو ۽ پوءِ هن جا ٽيڙ گهٽجندا ويا، تان جو هو سڌو سنئون بيهي رهيو، تنهن پل مون محسوس ڪيو تہ اصل ۾ هو ٽيڙون ڪونہ کائي رهيو هو پر منهنجو مٿو ڦري رهيو هو!!.

مان بي يقينيءَ جي عالم ۾ ڪيس ڏسي رهيو هئس تہ ڪٿي هو اجان پنهنجو پروگرام جاري تہ نہ رکندو..... پر نہ...... هوءَ مون کي سامت ۾ ايندو ڏسي، پُنين پيرن تي ڏرتيءَ جي ڇاتيءَ مٿان ڏونڪا وڄائيندو هليو ويو ۽ مان گوڏن تي هٿ ڏئي هيٺ ويهي رهيس.

مان سوچڻ لڳس تہ آخر ڪيستائين مان ٻُک ۽ اُڃ مرندس!!؟؟

هي راڪاس مون کي ڪجهہ بہ کائڻ ۽ پيئڻ نہ ڏيندو آخر ڪيستائين............!!؟؟

هي تہ مون کي ڪجهہ بہ کائڻ نہ ڏيندو، هي پاڻ هضم ڪندو ويندو ۽ مان تہ مُفت ۾ مري ويندس!!.

مان سوچڻ لڳس تہ مون کي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي...... ڇا ڪرڻ گهرجي؟، پاڻ کان پُڇيم، جواب آيو...... بغاوت...........!!!، ها مون کي بغاوت ڪرڻ گهرجي، مون کي ساڻس وڙهڻ گهرجي نہ تہ مان ٻُک ۾ پاهہ تي مري ويندس، ختم ٿي ويندس........

پر مان هن سان ڪيئن وڙهندس؟، هُو تہ طاقت ۾ مون کان گهڻو زور آهي، منهنجا هڏ گُڏ اٿو ڪري ڇڏيندو، مون کي تہ هڪڙي ئي سٽ سان نپوڙي ڇڏيندو......... ها هوءَ مون کي مارڻ ئي تہ چاهي ٿو!.

۽ مون بهرحال فيصلو ڪري ورتو تہ مان ساڻس وڙهندس، ڀلي هو مون کان طاقتور ۽ وڏيڪ مضبوط آهي. مون کي هو ماريندو تہ هونئن ئي، سو ائين ٻُک وِگهي مرڻ کان تہ بهتر آهي تہ ساڻس وڙهي مران!!.

اِهو سوچي مان اُٿي کڙو ٿيس، انهيءَ پل مون پاڻ کي نوبنو پائيو، مون پنهنجين رڳن ۾ جميل رت کي گرم ٿي گردش ڪندي محسوس ڪيو، مون ڏٺو منهنجين سُکل ٻانهُن ۾ ٻل اچي ويو آهي!!.

مان سندس ڳولا ۾ نڪرڻ وارو ئي هئس تہ چاچو دينوءَ، رمون، لالو ۽ رُستم اچي پهتا. ڏنم تہ سيني جا مُنهن لٿا پيا ها، ليڙون ليڙون ميرا ڪپڙا، چيڙهالا وار سين جا، مُرجهايل مُنهن، اکيون ڏرا ڏنل، سُکل جڻ هڏائوان پڃرا، پاهہ تيل سڀ ۽ پيڙهيل!!.

مان حيرت ۾ پئجي ويس، اجان ڪجهہ ڏينهن پهريان ئي تہ هي سمورا خوش باش ۽ نوبنا هئا. هنن کي هي اوچتو ڇا ٿيو!!؟؟، هنن جي زندگي تہ ڏاڍي پُرسُڪون ۽ خوشحال هئي ۽ اچانڪ هنن کي ڇا ٿيو جو سڀ ڇيتاڙيل ۽ ڇٻاڙيل پيا ڏسجن!!.

مون ڪائڻ تعجب مان پڇيو: "توهان سيني کي هي ڇا ٿيو آهي؟، توهان جو هي حال آخر ڪنهن ڪيو آ؟"

چاچي ديِنوءَ ڳِيت ڏئي پنهنجي زبان آلي ڪئي ۽ پوءِ ڪِنجهندي ڪِنجهندي چيائين: "پنهنجي شڪل ٻہ تہ ڏس!"

"ڇو؟، ڇا ٿيو آهي منهنجي شڪل کي؟"، حيرانيءَ مان پُڇيم.

"جا اسان جي مُنهن تي رونق وسي پئي"، چيائين: "سا بهار تنهنجي مُنهن تي ٻہ ڏاڍا رنگ لايو بيٺي آهي!!."

چيم: "منهنجي ڪڍ تہ هڪ راڪاس پئجي ويو آهي!!، ڪُجھ ڏينهن کان هُوءَ راڪاس مون کي ڇُرڻ ئي نٿو ڏئي ۽ نہ ئي ڪُجھ ڪرڻ تو ڏئي!!."

"انهيءَ آفت تہ اسان سان بہ ساڳيا ويل وهايا آهن."، رمون چيو.

چيم: "هن جو پاڻ سان ڪو وير آهي ڇا ؟ "

"ڇڙو پاڻ سان ئي آهي بس."، سين گڏجي چيو،

"ڇو ڀلا؟؟"، تعجب مان پُڇيم: "ڇو صرف پاڻ سان ئي وير اٿس؟"

"ٻگهڙن جو ساٿاريءَ آهي انهيءَ ڪري!!."

"پوءِ؟"، پُڇيم.

"پوءِ ڇا؟"

پوءِ پاڻ کي هُن سان وڙهڻ گهُرجي."، چيم: "پاڻ کي هُن سان مُنهن ڏيڻ گهُرجي."

"اهو تہ جوکم جو ڪم آهي!"، چاچي ديِنوءَ چيو.

"پاڻ کي پنهنجي بقا لاءِ جوکم کڻڻو ئي پوندو."، چيم.

"پاڻ هُن سان پوري نہ پونداسين."، رُستم چيو: "ٻگهڙ هُن جا پرجهلا آهن."

"ڀلي ڪُجھ بہ هُجي."، چيم: "ماں ماٺ کان مزاحمت کي ترجيح ڏيندس، ماں مُفت ۾ مري وڃڻ کان پنهنجي حق لاءِ وڙهي مرڻ کي اوليت ڏيندس."، هُوءَ سيئي اکيون ڦاڙي مون کي ڏسڻ لڳا، مون چيو: "ماں هُن سان وڙهندس........ ها ماں هُن سان وڙهندس پنهنجي حق لاءِ!!."

"تون نِبل ۽ ڪمزور......"، رمون رُڪائي مان چيو: "هُوءَ ٻلا جيڏو....."

"ماں هُن سان وڙهندس."، مون ڇڻ فيصلو ڏنو.

"هُوءَ سگهو آهي............ پاڻ سيني کان ڳرو آهي، ماري ڇڏيندو!!."

"ماري تہ هونئن ئي ڇڏيندو!"، چيم: "پوءِ ڇو نہ ساٽس وِڙهي مرون؟."

چاچو ديِنوءَ، رمون، لالو ۽ رُستم هڪٻئي کي ڏسڻ لڳا ۽ انهيءَ حالت ۾ ڪجھ دير کان پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا.

“مون فيصلو ڪري ورتو آهي تہ مرڻو هوندئن ئي آهي، مان ٻُڪ مري ڪونہ مرندس، مان ساڙس وڙهي مرندس!!.”، ايترو چئي مون سندن مُنهن ۾ نهاريو پر هوءَ سيئي اجان بہ ڪنڌ هيٺ ڪريو وينا ها، پر مون وقت وڃائڻ نٿي چاهيو سو وڏيڪ سوچڻ ۽ ڪين همٿائڻ بجاءِ مان اُٿان روانو ٿيس. اجان مون بہ ٿي قدم مس ڪنيا تہ چاچي دينوءَ پُنيان سڏ ڪيو، مان بيهي رهيس، هُوءَ سيئي بہ قدم اڳتي وڌي آيا هئا، چاچي دينوءَ چيو: “اسان ۾ اسان جا ٻچا هاٽي ٻُڪ ڪونہ مرندا، اسان آجپي لاءِ وڙهنداسين، اسان ڪي نڪ پنهنجو آهي، اسان پنهنجي نڪ مان ئي ساهہ ڪٽنداسين، پنهنجو گِرهہ اسان ڪنهن ڪي ڪٽڻ ڪونہ ڏينداسين، ها اسان ٻُڪ ڪونہ مرنداسين، اسان هُن سان پنهنجي آجپي جي جنگ وڙهي پوءِ ئي مرنداسين.”

“ها......... ها......... اسان پنهنجي روزي ٻئي ڪي ڦُرڻ ڪونہ ڏينداسين، ان ڪان اڳي جو ڪوئي اسان ڪان اسان جو گِرهہ ڪسي بي حال ڪري وجهي اسان هُن سان وڙهنداسين.”، سيني گڏجي چيو.

مون پاڻ جهڙن مروڙيل وجودن کي، پاڻ سان ڏسي سرهو ٿي پيس، خوشي ٿيم تہ منهنجي ڳالهہ سين جي سمجهہ ۾ آئي، مان پاڻ ۾ اٿاهہ طاقت محسوس ڪرڻ لڳم ۽ پوءِ ساٿي ساڻ ڪري سندس ڳولا ۾ نڪري پيم، ڳوليندي ڳوليندي شام ٿي وئي پر هو نہ مليو، جڏهن شام جو بيزار ٿي واپسيءَ مهل اسان وڏيري جي اوطاق جي پرسان پئي لنگهياسين تہ هوءَ انهيءَ ويل اُتي اسان کي ويٺل نظر آيو. انهيءَ ويل هوءَ ڏاڍو پرسڪون پئي لڳو، مون هڪ نظر پنهنجي ساٿين تي وڌي، مون کي پنهنجا ساٿيءَ جوش ۾ جليل نظر آيا ۽ پوءِ اسان سيئي گڏجي اڳتي وڌياسين، تان جو سيئي وڃي هُن جي مُنهن سامهون بيناسين.

اسان سيني کي گڏ ڏسي هو هِڪ پل وائڙو ٿي ويو ۽ لڳو جڻ سندس حواس خطا ٿي پيا هجن، توڙي جو هو اڪيلو هو، اسان سيني ڪان سگهو هو!!.

پر ڪجهہ دير ڪان پوءِ هُو اطمينان منجهہ ڏسڻ ۾ آيو، هن جي سامت ۾ اچڻ ڪان پوءِ مون پنهنجن ساٿين ڏانهن ڏٺو، جيڪي هن جو اطمينان ڏسي وائڙا ٿيڻ لڳا، ان ڪان اڳي جو مان پنهنجن ساٿين کي ڪا همت ڏياريان، هن پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ۽ ٽيبل تي پيل ڪاڌي جي پليٽ ڪٽي رمونءَ ڏي سڌي ڪيائين، رمون گهٽن ڏينهن ڪان وٺي ڪجهہ ڪونہ ڪاڌو هو سو ڪاڌو ڏسي سندس بغاوت ۾ ئي بغاوت پئجي وئي، سندس جُنون ڪمزور ٿي پيو، رمونءَ خالي پيٽ جي ست سهي نہ سگهيو سو بنان ڪجهہ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ۽

اسان ڏي ڏسڻ جي ڪيس پنهنجو مُحسن سمجهي دير ئي نہ ڪيائين، ست ڏئي ڪائنس پليٽ ڦُريائين ۽ وني پوئين پير پڳو.

اهو اسان جي گُمان ۾ بہ نہ هو، اسان اچرج منجهان رمونءَ کي پجندي ڏسي رهيا هئاسين تہ هن ڪيئن ويرم ئي ڪانہ ڪئي، اسان اجان رمونءَ جا پويان پير ڏسي ئي رهيا هُئاسين تہ هُن پنهنجي ڪيسيءَ ۾ هٿ هٽي ڳاڙهن نوٽن جي دستي ڪڍي ۽ اُها لالوءَ ڏانهن وڌايائين. لالوءَ هڪ نظر مون کي ۽ چاچي دينوءَ کي ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري جهٽ هٽي سندس هٿن مان دستي ڦُريائين ۽ هُوءُ بہ پوئين پيرن تي مِينهن واءُ تي ويو.

اهو لقاءُ ڏسي مان جلي ويس، لالچي دوستن کي چڙوچڙ ٿيندي ڏسي مون پنهنجو پاڻ کي ڪمزور ڪرڻ نہ پئي چاهيو، هو تہ مُرڪي رهيو هو پر منهنجي اندر ۾ وڏيڪ ڪروڌ پرجي ويو، مان سينو ساهي سندس سامهون تي بيٺس، چاچو دينوءَ منهنجي ساڄي ۽ رُستم منهنجي کاٻي ڪنهن جبل جيئان اُڀا تي بيهي رهيا، اسان ٽنهي جي نگاهن ۾ نفرت ڏسي هوءَ ڪا گهڙيءَ سوچيندو رهيو ۽ پوءِ اوچتو چاچي دينوءَ کي مُڪ وهائي ڪڍيائين!!.

چاچي دينوءَ کي جو اندازي ڪان وڏيڪ زبري مُڪ لڳي، تہ چاچو تہ وجي ڦيري پائي ڍير ٿيو پر رُستم تہ پنهنجن پيرن تي ڪٽي ائين زور رکيو چڻ پڙ ۾ هو ئي ڪونہ!!.

اها حالت ڏسي مون نہ ڪئي هم نہ تم، سندس مُنهن ۾ نونشو وهائي ڪڍيم، هو ڪا دير باڪڙجي پيو.

ان ڪان اڳي جو هو سامت ۾ اچي منهنجا چتا چوڙي، مون بہ هٿائي مُڪ ناهي سندس متي ۾ وهائي ڪڍي، ڦباٽتي ڏڪ سبب هُوءَ پاڻ سنيالي نہ سگهيو، سندس پير ٿڙيا ۽ هُوءَ پنهنجي وزني وجود سميت گوڏن پر ڌرتيءَ تي اچي ڏو تي ڪريو، انهيءَ حالت ۾ ڪيس هڪ وڏيڪ نونشو وهائي ڪڍيم پر ان ڪان پوءِ هُن جو بي ڊولو ڳرو هٿ منهنجي ڳِتڙ ۾ پئجي ويو!!.

هُن ٻئي هٿ سان مون کي مُنهن ۾ نڪ واري مُڪ وهائي ڪڍي، تيز روشنيءَ جو چمڪو مُنهنجي اکين مان گذري ويو ۽ لمحي لاءِ مون کي اِندلٺ جا ست رنگ نظر آيا، مون کي پنهنجا چپ، ڄاڙيءَ ۽ ڳلو گرم ۽ آلا لڳا پر مون همت ڪري ڪيس پيٽ ۾ لت وهائي ڪڍي پر هن ڪِهلي ڪٽي مون کي گهوگهو ڏنو، ٻئي پل مان زمين تي ليٽيل هئس ۽ سندس ٻئي گوڏا منهنجي هانءُ تي هئا.

انهيءَ کان پوءِ هو مون کي تيز تيز ٺڦڙون هڻڻ لڳو، مان سندس ڳري وزن هيٺ اڳي ئي دفن تي چُڪو هئس، وڌهڻ تہ پري ٿيو مان چُرڻ کان ئي هلاڪ تي پيس. هن جي

بي انداز وزن جي هيٺان مون کي سمورو جهان ٻُڏندي نظر آيو ۽ لڳم تہ سڀ ڪجهہ ون يونٽ تي ويو آهي!!.

مون انتهائي اذيت مان پنهنجيون اکيون کوليون، ڏٺم تہ سڀ ڪجهہ ڌُنڌلو هو، هر شيءِ تيز تيز ڦِري رهي هُئي، مون ۾ ڪو ست باقي نہ رهيو هو ۽ اکيون پورجي پيم، هُوءَ شايد ٿڪجي پيو هو پر تنهن هوندي بہ هُوءَ مون کي پيٽ ۾ ٺُڏا، لتون، مُڪون ۽ نونشن جا ڏڪ رکي رکي هڻي رهيو هو، مون پورجنديءَ اکيون جيئن تيئن وري کوليون، تنهن ويل ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ ڏٺم تہ چاچو دينوءَ لوڏا لِمڪا کائيندو پئي آيو، سندس اُڀن هٿن ۾ ڪو ڏنڊو هو، هُن هوا ۾ ڦيرائي راڪاس جيڏي آفت کي مٿي ۾ سنڌائتو ڌڪ وهائي ڪڍيو!!.

ڌڪ سان جبل جيڏي بلا ڦانءِ تي ڌِهي پئي ۽ مان بي ست تي وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳس پر جلد ئي منهنجيون اکيون جام ڳَريون ٿي پيون ۽ مان ڊِرڪي پيس.

جڏهن مُنهنجي اک کُلي تڏهن ڪجهہ بہ نہ هو، اها وڏيري جي اوطاق بہ نہ هُئي، پائنيم سرڪاري لاڪپ ۾ آهيان، چاچا دينوءَ مُنهنجي سيرانديءَ کان ويٺو هو. مون پنهنجو مُنهن چڪيل پائنيو، ٻُوٿ تي هٿ هنيم، چپن کان مٿي پٽيون ٻڌل هيون، چاچي دينوءَ مُرڪي چيو : "شُڪر آهي جو نڪ تہ بچيو!!."

ياد آيم هُن ٻئي ڏڪ مون کي ۽ چاچا دينوءَ کي نڪ وارا ئي هنيا ها!!. ڳالهائڻ مهل ڏٺم تہ چاچي دينوءَ جا بہ ٽي ڏند پيگل ها، مون پنهنجي نڪ تي هٿ هنيو نڪ پنهنجي جاءِ تي موجود هُيو.

مون هڪ وڏو ساهہ کنيو، چاچي ٻئي طرف اشارو ڪيو، مون اوڏانهن ڏٺو، اُهو ئي راڪاس لوهي سيخن واري در جي پرئين پر صوبيدار جي سامهون ڪُرسي تي سر ٻڌي ويٺو هو پر سندس مُنهن تي نڪ هو ئي ڪونہ.

* * * * * * * * * * * *

# وري ايندس مان

مسلسل انتظار ۽ ڳولا جي پيڙاءُ مون کي نِستو ڪري وِڌو هو، وقت ڏنم منجهند جا ٻہ ٿي رهيا ها، ڪراچي جي صدر ۾ ماڻهن جي ڏاڍي پيهہ لڳي پئي هئي ۽ گهٽي شور دماغ جون رڳون ٿي ڦاڙيون......... من ملول ۽ دل اداس هئم!!!.

مون جلد ڪراچي ڇڏڻ ٿي چاهي، تاج ڪامپليڪس بس جو اڏو ڪجهہ وکن تي هيو ۽ مون اُت جلد پهچڻ پئي چاهيو، ها مان بيحد بيزار ٿي ويو هئس، نوڪريءَ لاءِ ڏنل اڻ ڳڻين انٽرويوئن مون کي ٿڪائي وڌو هو ۽ مٿان گاڏين جي شور اڃ ويتر بيزار ڪري وڌو هو!!.

مان وڏيون ٻرانگهون پرڻ لڳس تہ جيئن جلد شور مان نڪري بس تي پُڄان پر اُن پل جنت ياد آيم جنهن چيو هو تہ "ڳوٺ وڃڻ کان پهرين مون کي ضرور ٻُڌائجان."

مون چاتو ٿي هُوءَ ملڻ لاءِ زور پريندي ۽ خالي هٿين مون ساڻس ملڻ نٿي چاهيو، قدمن کي ڏانوڻ لڳي ويم، دل نٿي چاهيو تہ جنت کي ٻُڌايان تہ ڳوٺ وڃي رهيو آهيان بس چُپ چاپ نڪري وڃان ڳوٺ!!.

مُنهنجا هٿ خالي ها، مُنهنجو جهول بہ خالي هو، مان مُقدر جو ماريل هئس، مان هڪ هاريل سپاهيءَ هئس، مون وٽ ڪجهہ بہ نہ هو، ها اُن ويل دل ڏاڍو چاهيو تہ گُم ٿي وڃان، منهنجي سگهہ ختم ٿي چڪي هئي، جاتم پئي ناڪامين جي پيڙاءُ ۽ جنت جو ساڳيو سوال؛ "انٽرويو ڪيئن ٿيو!؟؟"، اڃ سهي نہ سگهندس.

"انٽرويو ڪيئن ٿيو؟"، انهيءَ سوال کان مون کي بيحد چِڙ ٿي پئي هئي، زندگيءَ ۾ سوين ڀيرا مون کان پُڇيو ويل اِهو سوال مون لاءِ، طنز ۽ طعني جو جڻ مُتبادل ٿي پيو هو.

"ڪيئن ٿيو انٽرويو......!!؟؟".

"ڇا چوندس جنت کي؟؟".

"اِهو ئي چوندس جيئن اڳي ٿيندو آهي بيو وري ڇا...........!!."

"هتي تہ انٽرويو ٿيندو ئي ناهي."، دل ۾ چيم؛ "جُٺ ئي ٿيندي آهي!!."

"مون کي جلد هِتان نڪري وڃڻ گهرجي!!."، اندر ۾ سوچ جي اُٿل؛ "نہ پهريان مون کي جنت کي ٻُڌائڻ گُهرجي تہ مان ڳوٺ وڃي رهيو آهيان."

"نہ ٻُڌائيندس تہ ڇا ٿيندو؟؟."

"ڪجهہ بہ نہ ٿيندو بس هُوءَ ڪي ڏينهن خفا رهندي!."

“پرچائي وٺندوسانس......................
“تي سگهي ٿو ڳالهہ دل ۾ رکي.......؟.”
“پر هُوءَ انٽرويو جو پُڇندي!!.”
“انٽرويو جو تہ امان بہ پُڇندي جڏهن ڳوٺ پُڄندس........!!”
پنهنجي پاڻ کان سوال ۽ پنهنجي پاڻ کي جواب!!، بيزاريءَ وڌي ويم...................
هاڻ تہ ڳوٺ وڃڻ تي بہ دل نٿي چوي، اندر اڌ تي پيو، ڇڄيءَ پيس، من مروڙجي ويم، پل ۾ جُهري پيس جڻ مري رهيو هُجان ڪجهہ بہ نٿي وڻيو اُن پل!!.
“ڪنهن ڏور ڏسا اڻ ڏٺل ماڳ ڏي نڪري وڃجي، جوڳي ٿي پئجي، اوڏانهن هليو وڃجي جت ڪوئي سُڃاڻڻ وارو نہ هجي، جت ڪي بہ مجبوريون، ڪي بہ بي وسيون، ڪي بہ لاچاريون نہ هجن!!.”
پر ائين بہ تہ ڪري نٿو سگهجي، دنيا جهان کان تہ فرار ٿي سگهجي ٿو پر پهنجي پاڻ کان فرار حاصل ڪيئن ڪجي؟؟.
“ها پنهنجي پاڻ کان فرار نٿو ٿي سگهجي، پاڻ کان ڪٿي بہ لِڪي نٿو سگهجي، سپ سهٽو آهي، زندگي ڏُک سُکن جي سونهن جو نالو آهي!!.”
“سُک.............!!”
“سُک ڪهڙي بلا جو نانءُ آهي؟؟، هڪ نوڪريءَ جي ضرورت ئي گذريل يارنهن سالن ۾ انيڪ پيڙائون ۽ پوڳنائون اربيون آهن!!، ڪيترن اڻ ڳڻيل انٽرويوئن ۾ اهي ماٺهوءَ.....................”
“دماغ جون رڳون ڦاٽي پونديون، مون کي وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ سوچڻ گهرجي....... پر مان تہ ڏينهون ڏينهن مجبورين ۽ قرضن جي ور چڙهندو وڃان!!.”
“بس............. بس............... وڌيڪ ڪُجهہ بہ نہ.............
۽ مُنهنجا قدم هوريان هوريان ڳوٺ جي لاري اڏي ڏي وڌندا ويا پر من ۾ موجود ڪِروڌ، اندر جي اداسائي ۽ نراسائيءُ کي ناڪام ڪري نہ سگهيس ۽ هلندي هلندي مان فُٽ پاٿ تي بيهي رهيس، هٿ ۾ جهليل فائل ۾ موجود پنهنجن سيني سرٽيفيڪيٽن جون فوٽو ڪاپيون چار اڌ ڪري روڊ تي هنيل وڏي ڊسٽ بِن ۾ ڦِٽيون ڪري ڇڏيم: “رُلي ويوعرفان ڪراچي ۾!!.”، ڇپن ۾ چيم ۽ اڳتي وڌي پيس تڏهن ئي ڪجهہ بار من تان هلڪو ٿيندي پائنيم، پهنجو موبائل ڪڍي جنت کي نياپو ڪيم:
“Maan waapis wanji rahyo Ahiyaan Jannat!!”

ميسيج Sent ٿي ويو ۽ مان قدم گھليندو رهيم، توري ويرم ئي گُذري تہ منهنجي من وانگر منهنجي موبائل ڦٿڪڻ شروع ڪيو، ڏٺم جنت جي Call هُئي، رسيو ڪيم تہ پُڇيائين: “ڪِٿي آهين؟”
“صدر............ تاج ڪامپليڪس وٽ!!”، اداس دل جو نراس جواب ڇيم: “ڳوٺ وڃان پيو واپس.”
“بيهہ مان اچان ٿي.”
“پر.................”،
هڪ حُڪم جنهن جي اڳيان عرض نہ اڳھيو: “ڇيم نہ تہ بيهہ......... مان اچان پئي........... وڃجان نہ.” ۽ Call ختم.
من جي پيڙاءَ وڏي وئي، ٻريءَ پيس اندر ئي اندر ۾، جنت جي سوالن جا جواب...........!!
وڏجي پيس پر وڏي نہ سگهيس، بيهي رهيس، مون نٿي چاهيو تہ جنت بار بار منهنجي ناڪامين جا داستان ٻُڌي، فون ڪڍي ميسيج ٽائيپ ڪيم: “ڊيئر جنت.......!!، مان هن ڀيري بہ انٽرويو ۾ فيل ٿي پيو هان.......... منهنجي فيل ٿيڻ جو هڪ ڪارڻ نہ آهي، انيڪ ڪارڻ آهن جن ڪي مان Short massage ۾ نٿو لکي سگهان ۽ بس مان ڳوٺ وڃان پيو، ايندڙ هفتي وري ايندس مان ۽ پوءِ ملنداسين.”
جنت مون کان خفا هئي، ڳالهہ ڳالهہ تي چڙِي پوندي هئي، ڪيس منهنجي مُستقبل جو اونو هو ۽ ڪنهن نوڪري نہ هئڻ جي ڪري سندس ناراضگي وڌڻ لڳي هئي، ڇاتم پئي انٽرويو ۾ فيل ٿيڻ جو ٻُڌي شايد ڳوٺ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪو ضِد نہ ڪري، موت جي سزا آيل ڪنهن قيديءَ سمان ڦٿڪندو رهيس، انهيءَ دوران هر هر شدت سان من ٿي چاهيو تہ ڪا نوڪري ڦُري وٺان، نوڪري کي اغوا ڪري وٺان پر نوڪري ڪا شيءَ تہ نہ هئي جنهن کي ڦُري سگهجي، اغوا ڪري پنهنجو ڪجي ۽ اهو بہ مون جهڙو ڪمزور شخص!!.
نوڪري تہ لياقتن، تجربن ۽ صلاحيتن جي وڏن ٿنين ۽ ٿوٽين تي بيٺل هئي، پر مون وٽ لياقتن جون بيساکيون تہ هُيون پر صلاحيتون هڪ عرصي کان پچ پچان جي دز ۾ دزجي پيون هُيون تہ تجربن ۾ ڏڪا ۽ ٿابا کائڻ جي تہ زندگي ڀري پئي هُئي باقي ڪنهن نوڪري جي تجربي جي ڪائي ٽيڪ جيون ۾ نہ هُئي، اهي ٿنيا ۽ ٿوٽيون منهنجي پُهچ کان

پري ها ۽ مان شايد بي صلاحيت هئس ۽ نوڪريون تہ وڪر آهن جيڪي وڪجي تہ رهيون آهن پر وِنڻ منهنجي وس ڪونهن!!.

من چاهيو تہ الوپ ٿي پوان، پڄي وڃان، ڪيڏانهن مُنهن ڪري نڪري وڃان پر مان جنت جي انتظار ۾ بيٺو رهيس ۽ نہ ڄاڻ ڪيتري دير ڪان پوءِ انهيءَ عذابناڪ انتظار دوران فون رڙ ڪئي، چرڪي پيس، سوچون هوا ٿي ويون، ڏٺم جنت جي ئي ڪال هئي، رسيو ڪيم: "السلام عليڪم."

"وعليڪم سلام................ ڳوٺ پيو وڃين؟؟."

"ها...........!!."، لفظ بس اٽڪي نڪتو.

"اڄ جيڪر نہ وڃين تہ!؟"، پاتال مان ڄڻ آواز آيو.

"منهنجي رهي پوڻ سان ڪو فرق نہ پوندو جنت!."، خاموشي ڄڻ انت تي پُڄڻ جي جستجو!!.

"وري ايندس مان................ تہ پوءِ ايندڙ هفتي................"

"نيڪ آ."، ۽ ڳالھ جو انت.

"ناراض آهين؟"، پُڇيم.

"نہ تہ............. انهيءَ ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھ آ............. تون ڳوٺان ٿي اچ پلي."

بنان مزاحمت جي راضپو، خوشي سان موڪل، مون لاءِ حيرت ۽ پريشانيءَ، بي چئي خاموشي، اڻ ڄاتل خوف جو خدشو ۽ مان بس ايترو چئي سگهيس: "مهرباني."

"Its Ok.........!!"

لفظ اوپرا ڄڻ وڇوٽيون........... وڇوٽين جو خوف، وڇوٽين جي پيڙاءُ، پهرين وِڪ ڀاري، ٻي وِڪ ان ڪان وڌ ڀاري، وِڪ وِڪ وزني، ڄڻ پهرين وِڪ جُداين ڏانهن ۽ ڄڻ هاڻ هر وِڪ جُداين ڏانهن!!.

ٿوري چُپ ڪان پوءِ چيائين: "هونئن نيڪ تہ آهين نہ تون؟."

"ها بس هلان پيو."

"هلان پيو............. ڇا مطلب؟؟."

"نيڪ آهيان بس."

"۽ طبيعت ڪيئن آهي؟؟."

"اُها بہ ساھ ڪٽي پئي اجان....!"

“ايڏو ملول ڇو آهين؟.”
“تون جو گڏ نہ آهين!!.”
“مان جُدا بہ تہ ناهيان............!.”
“ها..............”، هڪ ٿڌو ساهہ ڀري چيم: “بس ٿڪل آهيان.”
خاموشي ڪجھ گھڙين جي ۽ منهنجا اڳتي وڌندڙ قدم، جنت چيو: “لڳي ٿو تنهنجو مُنهن لٿل آهي عرفان.”
“منهنجو مُنهن........!!”، چيم: “منهنجو مُنهن آهي ئي اهڙو جنت، بس وقت جي دز ٽورو وڌيڪ ڌوڙ ڪري ڇڏيو آ.”
عرفان نہ چڻ سنڌ هُجان ماں.... ڪيس ڪهڙي خبر تہ صدين کان دور دور ۾ جابر قوتون هِن وجود کي اٽلائي پُٽلائي لتوڙي لُٽينديون رهيون آهن ۽ بگھڙ ماس پٽيندا ۽ آس مارِيندا رهيا آهن!!.
“۽ تنهنجو انٽرويو ڪيئن ٿيو؟”، نلهي آتت جا دل پرڪي!، چيم: “ڳالهہ نہ مٽاءِ............. لڳي ٿو ڪجھ لڪائين پئي مون کان اڄ.”، ڪن رکي چيم: “ٻُڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي جنت؟؟.”
ڪجھ بہ نہ پئي لڪايان ماں تون انٽرويو جو ٻُڌاءِ نہ.”، سندس لهجي ۾ اوپرائپ ۽ بيزاريءَ هئي جيڪا مون کان لڪي نہ سگھي.
“نہ ڪجھ تہ ضرور آهي جو تون بار بار............. مون کي ڪُتڪو ٿي پيو آهي.”
“ڪو ڪُتڪو نہ ڪر بس.................
“ڇا بس؟؟”
“بس تون خوش رھ.”
“ڇا مطلب خوش رهان؟، تون ڪا مون کان ڏور ٿي وڃين؟ هان ٻُڌا جو نصيحتون پئي ٿي ڪرين اڄ؟؟.”
“ڇڏ يار............. بحث ڇو ٿو ڪرين............. انٽرويو جو ٻُڌا نہ پليز...!”
دل وسامي ويم اڻ ڄاتل خوف ۾ ۽ چيم: “انٽرويو تہ ائين ئي ٿيو جيئن گذريل يارنهن سالن ۾ ٿيندو رهيو آهي.”
“ڇا مطلب؟؟.”
“مطلب صاف ۽ ساڳيو.......... انٽرويو تہ ورجايو ويندڙ عمل آهي، جيڪو وري وري ورجائي مون پارن سان جُٺ ڪئي وڃي ٿي!!.”

“معنيٰ انٽرويو اجايو آهي؟.”

“انٽرويو تہ اجايو نہ آهي..........”، چيمہ: “اجايا تہ اسان آهيون!.”

“پر پوءِ بہ.............

“پر پوءِ بہ.............. ڪجھ بہ نہ.....!.”

“معنيٰ هن انٽرويو ۾ بہ نوڪري جي ڪا اُميد ڪونهي!!؟.”

“مان اُميد جي بہ هاڻي ڪا پڪ نٿو ڏئي سگهان.”

“ڇو............؟؟.”

“بس مان درخواست ۽ انٽرويو جي مذاق ۽ ڊونگ ۾ وڌيڪ پاڻ سان ڪي جُنيون برداشت نٿو ڪري سگهان، منهنجا سڀ سرٽيفڪيٽ بي معنيٰ آهن، مان هاڻ وڌيڪ ذليل ٿيڻ نٿو چاهيان، مان ڏرتيءَ ڪيڙڻ چاهيان ٿو، مان خواب پوکڻ ڇڏي هاڻ گُلاب پوکڻ چاهيان ٿو، مون کي ڪانہ ٿي گُهرجي هاڻ ڪا نوڪري...... گُلاب پوکي واپس بهار ۾ وري ايندس مان”

“ايڏو مايوس تہ نہ ٿِيو آهي عرفان!.”

“مان گُذريل يارنهن سالن جي پيچ پيچان ۽ انتظار مان ٿڪجي پيو آهيان جنت ۽ نصيحتون هاڻ مون کي چيڙائيءَ ڇتو ڪري ٿيون وجهن.”

“ها پر توکي ڌيرج رکڻ گُهرجي.”، ڪن رکي هُن چيو: “عرفان...... توکي ڪجھ چوڻو هُيم....”

“ها چئو”، مون ڄاتو ٿي ڪا چيت سندس هانءُ ۾ آهي.

“عرفان..................”، لفظن ۾ وچڙي پئي، منهنجي نانءُ کان اڳتي وڌي نہ سگهي تہ چيومانس: “ها ها جنت چئو........... مان ٻُڌان پيو، جيڪو پي چوڻو آ بي کُٽڪو چئو تون.”

“تون ڄاڻين ٿو عرفان بابا ايستائين توکي قبول نہ ڪندو جيستائين تون ڪا......

“مان هاڻ.............. تنهنجي پيءَ جي خوابن ۾ نہ ايندس جنت.”، چيومانس.

“۽ منهنجي خوابن ۾؟؟”

“اِهو تنهنجي وس ۾ آهي پر تون اهو نہ وسارجان تہ مون وٽ ڪا بہ نوڪري نہ آهي في الحال........ ۽ مان.................. مان ڌرتيءَ ڪيڙڻ وارو آهيان!.”

“تون مون کي پائڻ لاءِ ڪا نوڪري حاصل نٿو ڪري سگهين؟؟.”

“مان توکي پائڻ لاءِ هن ئي دور ۾ ڪير جي نديءَ تہ وهائي سگهان ٿو ۽ جي چوين تہ آسمان تان تارا بہ لاهي سگهان ٿو پر هڪ نوڪري حاصل نٿو ڪري سگهان جنت!!!.”

”ڇو..............!؟؟.“

”ڇو جي مون کي خبر ڪونھي.......... بس مان ڊھي پيو ھان“، چيم: ”مان بيوس ٿي پيو ھان....... مان وڌيڪ.............

”مان سمجھان ٿي تہ ھاڻ............“، ھُن ايترو چئي ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي ڏني، مان سمجھي ويم، جيون تہ خِزان ھُيو ئي پر سرءُ جي واءُ جو پھريون جھوٽو ڇھرو بہ ڇُمي ويم.

”ھا ھا ڇئو تہ ڇا ھاڻ؟؟.“

”تہ ھاڻ عرفان...............

”مان ٻُڌڻ لاءِ تيار آھيان جنت ڇئو تون.“

ڪن رکي ھُن چئي ورتو: ”عرفان پاڻ گڏ نٿا ھلي سگھون ھاڻ.“، ھن پل ترسي چيو: ”بابا منھنجو رشتو طئي ڪرڻ تو گھري!.“

”طيءَ ڪرڻ گھري ٿو يا ڪري ورتو آھي!.“، پُڇيم.

”ائين ئي سمجھ بس.........“، چيائين.

لفظ جن جو مون کي انتظار ھو............... ھر لفظ ھڪ گھاءُ.

”عرفان ڇوڪرو انڪم ٽيڪس ۾...............!!.“، وڌيڪ ڪجھ ٻُڌي نہ سگھيس، چيم: ”ڏانوڻ قدم ٻڌي سگھن ٿا، وجود ٻڌي سگھن ٿا پر ساھ ۽ پل نہ!!.“

”ڇا مطلب...........؟؟.“، ھُن تعجب مان پُڇيو تہ چيم: ”ڪُجھ نہ جنت!.“، مان ٻُري پيو ھئس.

”ڇوڻ ڇا تو چاھين؟.“

”تون ڪرڻ ڇا ٿي گھرين؟؟.“

”وڌيڪ انتظار منھنجي وس ۾ ناھي، بابا آخر ڪيستائين.............

”مون توکي بيوفا تہ نہ چيو آھي!.“

”پر جيڪر تون ڪا نوڪري.......................

”مان اھڙا صرف خواب ئي ڏسي سگھان ٿو بس.“

”مان گھر وارن آڏو مجبور آھيان عرفان....... مان توسان وڌيڪ ڪيئن نِڀايان....؟؟“

”پاڳل انھيءَ ۾ تنھنجو ڪھڙو قصور؟؟، اِھو تہ سڀ منھنجو اياڳ آھي، جنھن ۾ ڪجھ بہ ناھي، تون ڀي ناھين!!!.“

ھڪ سُڏڪو منھنجي دل جو ۽ ڪال ڊسڪنيڪٽ!، ڇڻ فون بہ آخري ھڏڪي ڪئني ھجي.

منهنجون نظرون فون اسڪرين سان ٽڪرائجي پور پور ٿي ويون ۽ منهنجو من مون کي ڪراچي مان لوڏڻ لڳو، مون زندگي ۾ فقط هارايو، اڄ تہ پنهنجي پاڻ کي بہ هارائي ڇڏيم!!.

مان اڻ ڪُٽ دُکن سان لڙندو ويس، وڙهندو ويس، هلندو ويس، نہ ڄاڻ ڪنهن پل بس اڏو آيو، ٽڪيٽ وٺي بس ۾ چڙهي پيس ۽ ڊرائيور جي پوئين سيٽ تي ويهي چا ڄڻ ڪري ئي پيس!.

بس جڏهن رواني ٿي تڏهن الائي چو خيال آيم تہ: "ڪاش هي آخري سفر ئي هجي!!."، پر ٻئي پل امان جو پر اميد چهرو اکين اڳيان ابري آيو، دل پرجي آئي ۽ مون پنهنجي پاڻ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي پر لڳم پُرندو ٿو وڃان، ڊهندو ٿو وڃان، ڪراچي جا روڊ رستا ڄڻ مون سان گڏ پُرن پيا، ڊهن پيا، مان الوپ ٿيندو پيو وڃان، نيست و نابود ٿيندو پيو وڃان ۽ هاڻ سوڙهو ٿيندو ويو بس مون جلد گهر پهچڻ پئي چاهيو............!!.

ها گهر جت انيڪ مجبورين ۽ بيوسيون منهنجيون مُنتظر هيون ۽ ڪجهہ مُحبتون بہ!!، ۽ انهن اڪيچار مسئلن ۽ مُحبتن سان گڏ امان جون بہ اکيون بہ تہ منهنجون مُنتظر هيون!!.

توڙي جو انهن اکين ۾ آس جا ديپ ٻرندا رهن ٿا ۽ توڪل جي ٿُرهي انهن اجهاڻل اکين کي ساييائن ماٽن جي جُستجو ۾ گذريل ڪئي ايامن کان ننڍڙا ننيڙا خواب سانڍي رکڻ جي توفيق بخشي آهي!!.

ها اهي بہ اکيون منهنجي آغوش............، منهنجي آخري پناهگاهہ!!.

مون جلد گهر پهچڻ ٿي چاهيو بنان ڪنهن هڪ بہ پل وڃائڻ جي پر لڳو تہ ڄڻ وقت هڪ هنڌ ڄميءَ ويهي رهيو آهي، وقت کي ڏانوڻ پئجي ويا آهن، پل ٻڌجي پيا آهن.

ننيڙا ماڻهوءَ، ننيڙا خواب............!!، ننيڙا خواب جن جي ساپياءَ منهنجي جُستجو.......!!.

مان خيالن ۾ گُم هئس، بس جڏهن هڪ بہ لوڏا کاڏا تڏهن مان صرف خيالن مان ئي نہ نڪري آيس پر ڄڻ جنت جي دُنيا مان پي نڪري آيس!!.

بس ٽول پلازه کي پوئتي ڇڏيندي سپر هائي وي تي ڊوڙي رهي هئي، ڪراچي پي پوئتي رهجي ويو هو ۽ مان پنهنجي آغوش ڏي پل پل وڌي رهيو هئس.

مان ڳوٺ واپس وري رهيو هئس، امان کي چئي آيو هئم وري ايندس مان!!، اڄ جنت کي چئي پئي ويم وري ايندس مان ۽ هڪ ڀيرو اڳ بہ چئي آيو هئم وري ايندس مان،

جڏهن پيدا ڪندڙ مون کي خلقي نيڪي ۽ بديءَ جو وچن وٺي چيو هو حساب ڪتاب واپسي ۾ وٺندس توکان، تڏهن ڏرتيءَ تي اچڻ کان اڳ ماں چئي آيو هئس وري ايندس ماں!!!.

ڪو هندستاني فلمي گيت بس ۾ سين جا ڪن ڪائي رهيو هو ۽ ڊرائيور بس کي ڏاڍي چُستي سان ڊوڙائيندو رهيو پر جڏهن بس اجان ڪجهه تِکي ڊوڙڻ لڳي تڏهن ڪو اطلاع من کي ورائڻ لڳو تہ جيڪو ڪجهه تي رهيو آهي سو شايد طيءَ ٿيل آهي، شايد ماں واپس وري رهيو آهيان، ڳوٺ ڏي، اماں ڏي، ازل ڏي، ازل کان پوءِ جنت ڏي!!.

اڻ چئي ڳالهه دل ۾ ڪنهن اطلاع وانگي گهر ڪندي وئي ۽ بس جي رفتار وڌندي وئي، مون کي لڳو شايد ماں جنت ۽ ڪراچي سان گڏ پنهنجي گهر، پنهنجي آغوش کي پيي پل پل ويجهو ٿيندو پيو وڃان، انهن ٻن اکين کي بہ انتهائي ويجهو ٿيندو پيو وڃان جن ۾ منهنجي لاءِ اُجرا سپنا جرڪندا تا رهن.

هڪ لمحي دل چاهيو بس روڪي لهي پوان پر نہ ماں واعدو ڪري آيو هئم وري اچڻ جو، وري ايندس ماں سو لهي پوڻ وارو خيال دل ماں ڪڍي ڇڏيم، ڪجهه پي نہ ڪيم، ماٺ ڪري ويهي رهيم.

ڪا آس من ۾ ڪر موڙي جاڳي تہ روح بي چين تي پيو منهنجو ۽ شدت سان اماں جو ياڪر ياد آيم، دنيا جي مڙني محبتن کان اماں جي محبت مِٺي لڳم، ها اماں جي مُحبت هر فريب ۽ لوڀ کان بالاتر هئي ۽ اُڻ تُڻ جيئن پوءِ تيئن وڌندي وئي............... بس مون جلد گهر پهچڻ پئي چاهيو.............

جڏهن تِکي هارن چرڪ ڪڍائي ڇڏيو، تڏهن ياد آيم ڪراچي ماں نڪرڻ مهل واري اها دعا جيڪا بي خيالي منجهان گُهري هئم تہ: “ڪاش هي آخري سفر هجي!!.”

سڀ خيال گُم تي ويا، اڳيان حقيقت عيان هئي، بس جي وِنڊ اسڪرين ماں ٻاهر نهاريم، بس جي اڳيان ڪابي پاسي کان ڊمپر ويو پئي، جنهن کي ڪراس ڪرڻ کان پهرين بس ڊرائيور هارن ڏنو هو.

جڏهن بس ڊمپر جي ساڄي پاسي وٺان ڊمپر کان ڪراس ڪرڻ واري هئي تہ عين ان وقت ڊمپر جي ڊرائيور سواءِ پويان نهارڻ جي تيز رفتار ڊمپر کي ساڄي پاسي ئي اسان جي بس ڏانهن ئي موڙي ڇڏيو، شايد اُن کي انهيءَ طرف وڃڻو هو پر ڪيس خبر نہ هُئي تہ ڪو سندس پويان هڪ تيز رفتار بس بہ آهي جيڪا ڪيس ڪراس ڪرڻ واري آهي!!.

اِهو منظر دل ڏڪائيندڙ هو، مان ڪُليل اکين سان ٻن تيز تر گاڏين جو تيز تيڻ وارو ٽڪر ڏسي رهيو هئم، منهنجي پر ۾ ويٺل مُسافر جو جڻ ساهه ئي سُڪي ويو، هُن زوردار رڙ ڪئي، ٻئي پل زوردار بريڪ سان مون سميت سيني ۽ مُسافرن ڪان پنهنجيون پنهنجيون سيٽون ڇڏائجي ويون، چرڙاٽ سان گڏ بس ڪِهلجي وئي ۽ جهٽ هڪ خوفائتي ڏماڪي سيني ۽ جون وايون بتال ڪري ڇڏيون، اسان ڦِرندڙ بس ۾ هيٺ متي ڪرندا ستبا وياسين، جڏهن بس بولاٽيون ڪائي هڪ هنڌ بيهي رهي ۽ شيشن ٽُٽڻ جا آواز بند ٿيا ۽ مِٽيءَ جو طوفان اُٿيو، تڏهن سجيءَ بس ۾ دانهون ۽ ڪوڪون پئجي ويون، شور، غُل، دونهون، ڌُوڙ، مِٽيءَ جو طوفان ۽ منهنجي من وانگر بس جو اندر سجو اُجڙيل...........!!.

مون پنهنجي مٿان وريل سيٽون هٽائي پري ڪيون، اُٿڻ جي ڪيم پر ڪو منهنجي مٿان چڙهندو اڳتي نڪري ويو ۽ مان اڌ اُٿيل وري ڪري پيس، پاڻ سنيالي وري اُٿيس، محسوس ٿيم لونڊڙيءَ ۾ ڪا شيءَ لڳي اٿم، مان وڏيڪ اُيو تي نہ سگهيم ۽ ڪريل بس ۾ گوڏن ير ويهي رهيس، لوهي ڏنڊي کي پڪڙيم، هلڪي ينواتيءَ آئي پاڻ سنياليم پر چاتيءَ ۾ سور جي سٽ اُيري جا سجي وجود کي وڪوڙي وئي، اکيون ڍرڪڻ لڳيون پر زوري اکيون پٽي نهاريم، گهڻا ماڻهوءَ رت ۾ ڳاڙها ڏسڻ ۾ آيا ڪي ڦتڪيا تي تہ ڪي بي ست پيا ها هيٺ متي!!.

بس شايد سُپر هائي وي جي ڪاهيءَ ۾ پئي هُئي، گهڻا مُسافر سيٽن جي هينيان دبيا پيا ها، جن جو بچاءُ ٿيو هو سي ٻنان ڪنهن سانگي جي نڪرندا ويا ڪريل بس مان، مون بہ نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، چڪر آيم ۽ ڪري پيس، اکين اڳيان انڌڪار اچي ويم، سِر جڻ جڳهہ تي نہ هئم، اکيون کولڻ باوجود بند ٿينديون ويون، زوريءَ اکيون کولي هٿ جي تريءَ نهاريم جيڪا رت ۾ ٻُڏل هئي ۽ ٻيو زوردار چڪر آيو، مان جيڪو اُٿڻ جي ڪوشش ۾، ڪريل بس اندر ڪُرسي ۾ لوهي ڏنڊي جي سهاري تي وري گوڏن پر تي بيٺو هئس سو وري وجي هيٺ ڪريس، اکيون بند تي ويم، دل مان آهہ نڪتي: "امان جون مُنهنجي نوڪري لاءِ ڪيل دُعائون خُدا ٻُڌڻ ۾ ڪيڏي دير ڪئي پر واپس ورڻ جي منهنجي دُعا ڪيڏو نہ جلد خُدا..............!!."

مون کي پڪ تي وئي مان واپس وري رهيو آهيان ۽ منهنجو سوچڻ بند تيڻ لڳو آهي، بس جڻ پنهنجي آغوش ۾ وجان پيو مان ۽ پوءِ ڪائي خبر نہ پئي بس بي سُڌ تيڻ ڪان اڳ ايترو ئي چئي سگهيم وري ايندس مان.

* * * * * * * * * * * *

# هيءُ ڪو عيسيٰ تہ ناهي

هُن بن وڏين ڪانين کي ڪوڪا هڻي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڳنڍيو جو اهي ٻئي ڪانيون انگريزيءَ جي اکر T جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳيون پر اهو صليب نہ هو!!.

مان هُن جي گرفت ۾ هئس، هن جا ڪارندا مون کي گهيريو بيٺا ها. مان زخمن ۾ چُور هئس پر ڳاٽ اُوچو هيم، هن جي ڪنهن ڪارندي سٽ ڏئي منهنجي وارن ۾ هٿ وڌو ۽ پنهنجو پورو زور لڳائي منهنجو ڪنڌ نوائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پائنيم وارن جون چُڳون پٽجي پيون آهن، سُور جون ستون اُيري آيون پر همت نہ هاريم، هُو پگهرجي پيو، جڏهن سمورو زور رائيگان ويس، تڏهن مون کي مارڻ شروع ڪيائين پر پوءِ بہ منهنجو ڪنڌ نِوائي نہ سگهيو!.

ڪجهہ پلن ڪان پوءِ هن جي هلڪي اشاري تي سندس لانڍيي ٽڏو ساهہ ڪنيو، تنهن مان پتو پيو تہ هُو مارينڊي ٿڪجي پيو آهي...... پوءِ هُوءَ اڳتي وڌي آيو، مُنهنجي تن تان قميض ڇڪي لاٿائين جا ڪجهہ دير پهرين هُن جي مارڻ دوران ڪُجهہ هنڌن تان ڦاٽي پئي هُئي.

ڪي پل تہ هُوءَ جلاد جيئان مون کي ائين ئي گهوريندو رهيو پوءِ وري اشارو ڪيائين، سندس لانڍيا مون کي ورائي ويا ۽ کِلي ڪٽي ان تِياس تي ٽنگيائون جيڪو هن منهنجي اکين اڳيان جوڙيو هو، هُوءَ سيئي منهنجا هٿ پير مضبوطي سان جهلي بيٺا پر پوءِ بہ منهنجو ڪنڌ نہ جهڪيو!!.

هُوءَ پوئتي هٽيو ۽ هڪ وڏو لوهي سُنيو ۽ هٿوڙو کڻي آيو، مُنهنجي مٿان بيهي چيائين: "هي لوهي سُنيو تنهنجي سنڌ سنڌ ۾ هڻندس."، سندس لهجو ٻُچان جهڙو ۽ مُرڪ مڪاريءَ واري هئي.

"تون سمجهين ٿو تہ منهنجا سنڌ ساٽا آهن پر ٻُڌي ڇڏ منهنجا ارادا ڪمزور ناهن."، مون کيس گهوريءَ ڏسندي چيو: "مُنهنجا سنڌ ٻيڃڻ سان توکي ڪجهہ بہ نہ ورندو، مُنهنجا آدرش ڌرتيءَ جي سينيءَ ۾ پيوست آهن."

"تنهنجن ارادن سان ڇا ٿو ٿئي؟؟، هي ڪوڪو تنهنجي هانءُ ۾ ٺُنبيندس مان!!."، هُن چيو.

“منهنجو هاڻ چيرڻ سان ڏهه هاڻ ٻيا پيدا ٿيندئي، جن کي تون مُنهن ڏئي نہ سگهندين!!.”

“مان هر اُن هاڻ کي ڳولي ٻاهر ڪيندس جيڪو تنهنجي آدرشن مان پيدا ٿيندو.”

“تون منهنجن آدرشن ۽ ارادن اڳيان بيوس آهين، تون ڪجهہ بہ ڪري ڪين سگهندين.”

“مان توکي ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيندس.”

“اِها تنهنجي ڀُل آهي، تون مون کي ماري سگهين ٿو پر منهنجا آدرش نٿو ماري سگهين تون.”

“مان تنهنجي آدرشن کي ختم ڪري ڇڏيندس، مان تباهہ ڪري ڇڏيندس تُنهنجي وجود کي، تُنهنجي هستيءَ ۽ مستيءَ کي نابود ڪري ڇڏيندس مان!.”، هُن ڪروڌ مان مون کي چيو.

مان هن کي ڏسي مُرڪيم ۽ هُوءَ چڙيءَ پيو، هڪل ڪري پنهنجن گُماشتن کي چيائين: “ڇِڪي ڪيوس زُبان کهڻو تو ڳالهائي.”

“تون ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين مون کي.”، سندس اکين ۾ اکيون وجهي چيم: “منهنجون پاڙون مُهين جي دڙي جي پاتال تائين کهريون آهن، تون منهنجي زبان ڇڪي ڪڍي سگهين ٿو پر منهنجون پاڙون نہ!!.”

“مان اهو دڙو ئي تباهہ ڪري ڇڏيندس.”

“تون ڇا ڇا تباهہ ڪندين؟؟”، چيم: “تون ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين!.”

“خاموش..............!!.”، هن جي رڙ ماحول ۾ ڏهڪاءُ پکيڙي ڇڏيو: “پٽيوس زبان ۽ ڪيوس اکيون تہ جيئن پنهنجي بربادي جو منظر نہ ڏسي سگهي ۽ جي ڪو بيان ڪريس تہ نہ ٻُڌي سگهي!!.”

“اِهو قبيءَ نہ سگهندئي..............

“تو ڳالهائي پاڻ سان ظُلم ڪيو آهي، تو کي سزا ضرور ملندي.”

“ڳالهائڻ منهنجو حق آهي.”

“محڪومن جو ڪو حق ناهي هوندو......... تون محڪوم آهين، توکي محڪوم ٿي رهڻو آ.”، لاپرواهيءَ مان چيائين.

“مان محڪوم ناهيان!!.”، مون پنهنجي زخميءَ زبان سان چيو.

“ماٺ....... محڪوم ڳالهائيندا نہ آهن، صرف حُڪم جي تعميل ڪندا آهن.”

“اهو ظُلم ۽ جِبر آ جابر.”
“مان توکي جواب ڏيڻ جو پابند ناهيان.”
“توکي منهنجيءَ هر ڳالھ جو جواب ڏيڻو پوندو، مان محکوم ناهيان، محکوم ناهيان..............”، ڪن رکي چيم: “مجبور ۽ مظلوم آهيان............. مان.”
“تون مجبور ناهين، مظلوم بہ ناهين، تون ڏوهاريءَ آهين ۽ هاڻ تنهنجي هانءُ ۾ ڪوڪو ٺُنبيندس!.”
“تون تاريخ جي وڏي ڀُل ڪري رهيو آهين.”
“مون کي ڊيڄارڻ تنهنجي وس جي ڳالھ نہ آهي.”، هُن چيو: “اجائي اهڙيءَ ڪا ڪوشش نہ ڪر”
“مان توکي...........
“ڪجھ بہ هُجي پر تُنهنجو خاتمو مُنهنجو جيابو آهي.”، هُن منهنجي ڳالھ ڪٽي ورتي.
مان ڪنڌ مٿي ڪٽيءَ بيهيءَ رهيس ۽ زور سان ڪيس چيم: “ها منهنجو سينو چيريءَ چڏ، منهنجو هانءُ ڪڍي چڏ پر پوءِ بہ تون مون کي مات ڏئي نہ سگھندين!!!.”
هُوءَ برنڌڙ اکين سان اڳتي وڌيو پر انهُيءَ ڪان اڳي جو هُوءَ لوهيءَ سِيخ مُنهنجي سينيءَ مان پار ڪري، هُن جو خاص لانڙيو اڳتي وڌي آيو ۽ سندس ڪن ۾ ڪجھ پُٽڪي، ڪجھ چئي پوئتي وري ويو ۽ هُن اوڏي مهل ئي رڙ ڪئي: “هت ڪيوس..............!، حراميءَ وڏو چالاڪ آهي.”
سندس ڪارندن مان ئي ڪو اٽڃاٽائي منجهان ڪائنس پُڇي وينو: “چا ٿيو سائين؟؟، ڏوهاريءَ کي تہ سزا ڏبي آهي!!.”
“ها ڏوهاريءَ کي سزا ڏِبي آهي.”، هُن قتيل نگاھ سان مون کي ڏنو ۽ چيائين: “پر هي لعنتي عيسيٰ ٿيڻ ٿو چاهي!!.”
سندس موجود ماڻهن جي ميڙ ۾ سُس پُس ٿھلجي وئي، هرڪو حيرانيءَ مان مون کي ڏسڻ لڳو تڏهن هُن هِيٺائي منجهان چيو: “پر هِن گُنهگار کي ڪا سزا ناهي ڏيٽي!!.”
“پر چو سائين!؟.”، هڪ ٻئي همراھ ڳالهايو.
هُن هڪ آھ پري ۽ چيو: “ڪوڪا صرف عيسيٰ جي بدن ۾ هٽبا آهن....... هِن کي بس ائين ئي آهستہ آهستہ مارينداا رهو.......... هي ڪو عيسيٰ تہ ناهي!!.”

* * * * * * * * * *

# شڪار

بيسڪ هيلٿ يونٽ جي ڪوارٽرن تي قبضو ڪري ٻڌايل ٽاڻي جي آڳر تي بيٺل سفيدي جي اڪيلي وڻ جا لڳ ڀڳ سمورا پن هوا ۾ ڇڻيءَ چُڪا ها، هوائون گُذريل هفتي کان ڇُڙواڳ ڪُهلي رهيون هيون!!.

هوائن طوفان پيدا ڪري ڇڏيو هو ۽ فِضا ۾ مِٽيءَ اڏاميءَ رهي هئي پر تنهن هوندي به گرميءَ پنهنجي پوري زور تي ٿي هُئي. پوليس جمعدار صاحب ملوڪ، پنهنجي وڏي پيٽ تان سرڪاري پٽو ڍِلو ڪيو ۽ جهُونگارڻ لڳو: ”جوڳِي هٽي ڏي تون ڊارو ڪڏهن ايندو ڪو قُرب وارو............!!“

سپاهيءَ صفا چٽ، جمعدار ڪي جهونگاريندي ڏٺو تہ سمجهي ويو سائين صاحب ملوڪ اڄ مڙئي ڪجھ ملول آهي!!.

دادلو سپاهيءَ صاحب جي پر ۾ سِرڪي آيو ۽ همدرديءَ مان پُڇيائين: ”صاحب ڏي خبر ڀلا خير تہ آهي!؟.“

سپاهيءَ صفا چٽ، ڄاتو ٿي جمعدار صاحب اِهي ٻول تڏهن ئي جهونگاريندو آهي، جڏهن ڪا پريشاني ڪيس وڪوڙي ويندي آهي، جمعدار هڪ ٽڏي آھ ڀري ائين ڄڻ جيئن مواليءَ پريل سگريٽ منجهان ڊگهو ڪش هنيو هُجي!!.

آھ سان گڏ جمعدار پنهنجي اندر جي نراسائيءَ پي ويو پر سپاهيءَ نہ مُڙيو، ٻيهر پُڇيائين: ”وڏا ڪر خبر ڇو ملول آهين؟.“

جمعدار جهونگارڻ بند ڪيو ۽ چيائين: ”يار صفا چٽ.........!، تون بہ ڪو صفا چٽ آهين!.“

سپاهيءَ صاحب جو ٻي وڙو جواب ٻُڌي وائڙو ٿي ويو: ”ڇو سائين؟، ڇا ٿيو وري!؟.“، تعجب مان پُڇيائين جمعدار کان، ڄڻ ڪائنس ڪا غلطي ٿي هُجي.

”اڙي بابا..... ڏسين نٿو طوفان پيو تو لڳي....... واريءَ پئي ٿي اُڏامي!!.“

”ها سائين جهڪ تہ ڪڙڪائي ماريو آهي!.“، سپاهيءَ پنهنجي نقلي ڏندن کي ننيڙي آرسي ۾ جاچيندي چيو: ”پر پوءِ بہ سائين ڪجھ تہ ٻُڌايو؟.“

”اڙي بابا رُڃ ئي رُڃ آهي!، اڄ چوڏهون چنڊ آ، ڪيسيءَ ۾ ٽڪو بہ ڪونهي، پڳهار ۾ بہ اڃان ڏھ ڏينهن پيا آهن!!.“

پگهار ۾ سُجائي جو ٻُڌي سپاهيءَ صفا چٽ ڪان ٻہ حسرت ڀري آهہ نڪري وئي، هُن ننڍڙي آرسي ڪاري شرٽ جي ميري کيسيءَ ۾ رکي ۽ روئڻهارڪو ٿي چيائين: “وڏا دل نہ لاهہ........!، مالڪ ڪا سٽائي ڪندو، ضرور ڪو ڀلو ڪندو خلقيو جو اتس!.”

جمعدار چيو: “بس ڙي بابا...... ڏاڍيون موڙيون آهن هيل تہ....... جهڪ جو پئي ٿي لڳي........ اِهڙيءَ لُوءَ ۾ هرڪو آراميءَ آ، ڪنهن ٻہ دنگي ٿيڻ جي ڪا ٻہ اُميد تہ ڪانہ ٿي ڏسجي!.”

“وڏا ائين نا اميد تہ نہ ٿِبو آ.”، سِپاهيءَ صفا چٽ جمعدار صاحب ملوڪ ڪي آٿت ڏيندي چيو: “مالڪ تي ڀروسو رکبو آ سائين!.”

“بس ڙي جانيءَ......... تون چا ڄاڻين!؟.”، جمعدار پنهنجي ڪلف ٿيل مُڇن ڪي هٿ سان هيٺ ڊِرڪائيندي چيو.

“دل نہ لاهہ وڏا.......... قاسندو ڪوتہ مُرغو.”، سپاهيءَ صفاچٽ صاحب ڪي دلداريءَ ڏيندي چيو: “سائين اچي ويندو ڪو شڪار!!.”

جمعدار اندر جي اوبر ڪيندي بي دليو چوڻ لڳو: “جڏهن کِيسا خالي هوندا آهن تڏهن گهر ۾ رن ڪي ڀُوت نہ وٺندو آهي ۽ ٻاهر وري.............!!.”

هڪ ٿڌي آهہ ۾ جمعدار صاحب ملوڪ وري جهونگارڻ لڳو:

“جوڳيءَ هٽي ڏي تون ڊارو...............
ڪڏهن ايندو ڪو قرب وارو..............”

* * * * * * * * * * * *

عطائي ڊاڪٽر جي اسپتال ۾ ڀينگ لڳي پئي آهي، ڊاڪٽر جو مُنهن لٽل آهي، رکي رکي در ڏانهن ڏسي ٿو تہ من ڪو مريض اچي ۽ وري ڪي پل سامهون ڀِت تي لڳل تصوير ڪي ڏسي ٿو، جنهن ۾ صرف انساني ڊانچو ظاهر آهي!!.

سندس ڪمپائونڊر اڪيون مهنيءَ اتي ٿو، اوٻاسيءَ ساڻ آرس ڀجي ٿو ۽ اندرين ڪمري ۾ وڃي سُيون، نيڊل، ايمپل، وائل ۽ چند ٻيا اوزار چندي ڦوڪي ساڳيءَ جاءِ تي ٻيهر سئولا ڪري وري ٻاهر بئنچ تي اچي ليٽي پئي ٿو.

ڊاڪٽر ڪي مريضن جي اچڻ جو انتظار آهي، سندس اُڻ تُڻ وڌي تي وڃي، گُذريل ٽِن ڏينهن کان هُن جيڪي ٻہ مريض ٽپاسيا هئا تن مان گهٽا اوڌر وارا هئا تہ ڪُجهہ هلڪي ملم

پٽيءَ مٿي جي سُور ۽ بلڊ پريشر مُفت ۾ چيڪ ڪرائڻ وارا ته باقي مُفت مشوري وارا ها........!!.

ڊاڪٽر دل ۾ چيو: "ڪيڏيون نہ چِٽيون موڙيون آهن......!!، توبهن......... اڄ ڪلهہ تہ اخبار جا پئسہ بہ نٽا نڪرن!!."، ڊاڪٽر پيشانيءَ تان پگهر جون بوندون رومال سان اُگهيون ۽ وينل ڪرسي تي ئي ان گُمان سان آهلي پيو ته: "ڪاش اڄ ڪو شڪار اچي وڃي ڊرپ جو!!."

ڊاڪٽر پريشانيءَ مان در ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ سندس نِرڙ جا گُهنج گهاٽا ٿي ويا.

★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★

مختيارڪار جي آفيس جو هيڊ ڪلارڪ ڊيوٽي ڏئي موٽيو آهي ۽ روڊ تي پريشانيءَ جي عالم ۾ بيٺو آهي تہ ڪيڏي مهل بس ٿي اچي تہ ڳوٺ وڃان.

انتظار جي اذيت وڌي وڃيس ٿي، ڏر تتيءَ آهي، مِٽيءَ اُڏامي نہ وسي پئي پر هُوءَ بيچينيءَ مان روڊ جي ڪناري پسار ڪري ٿو، تورو اڳتي وڌي وري پوئتي موٽي ٿو ۽ دل ئي دل ۾ ڪاڙهي ۽ لُوءَ کي لعنت ملامت ڪري ٿو.

هيڊ ڪلارڪ روڊ تي ٽي چار پيرا ڪڍيا آهن جو اُمالڪ سندس نظر روڊ جي ٻئي پاسي بيٺل رئيس ربنواز تي پئي ۽ هُوءَ ڀهڪيءَ پيو، ڪيس ياد آيو تہ پگهار ۾ اڃان ڏهہ ڏينهن آهن ۽ پوئين هفتي کان سُجائي چوٽ چڙهيل آهي. هِن رئيس جو مُختيار ڪار کان ڪو ننڍڙو ڪم ڪرايو هو ۽ رئيس ربنواز هزار رپيا باسيا هئس پر رئيس ڪم ڪرائي کِسڪي ويو هو!!.

هيڊ ڪلارڪ کي پنهنجي اوڌر ياد آئي ۽ سڀ ڏُک وِسري ويس، شڪار ڦاٿو اِهو سوچي انتظار جي پوڳناءَ بہ ختم ٿي ويس ۽ اُها پيڙاءُ بہ ڇُٽي پيس تہ ٻِن ڏينهن کان ڪيس رشوت جو ڪو ٽڪو بہ نہ مليو آهي............!.

هُن جي دل چاهيو جلدي روڊ ڪراس ڪري رئيس ربنواز کان وڃي هزار رپيا وٺي ڪٽي اڳ وانگر نہ پِتائي رئيس اڄ بہ گوهي ڏئي گُم نہ ٿي وڃي مس تہ هٿ آيو آ.............!!.

اِهو سوچي ڪلارڪ خوشيءَ مان جهڙپ ڏئي روڊ جي ٻِئي پاسي وڌيو ۽ اُن ئي پل هارن جو هڪ آواز آيو، اُن هارن جي تيز آواز تي ڪلارڪ بدحواس ٿي پيو، هُوءَ بي

خياليءَ ۾ ٻنان ڏسڻ جي روڊ تي ڪاهي پيو هو، لئنوٽو هنيائين ڪار هُئي جا هوا ۾ ترندي پئي آئي، ڪلارڪ پوئتي مُڙيو، ڪار جي ڊرائيور ٽڏو ساهه پري چپن ۾ چيو شُڪر ۽ ايڪسيليٽر تي پير رکي زور ڏنائين تہ اسي ڪان پوئتيءَ موٽي سٺ تي پهتل اسپيڊ ڪانٽو وري اڳتي وڌيو پر ڪلارڪ سوچيو ڪار ڪان اڳ تہ مان روڊ ٽپي ئي ويندس ۽ هُن وري پوئتي گُهت هڻني روڊ ڪراس ڪرڻ لاءِ ۽ ڪار ڊرائيور وائڙو تي پيو ڪلارڪ جي وري واپس روڊ تي اوچتي لُوهه پائڻ تي!!.

ڪار ڊرائيور ڪار جي هارن ڪي زور سان وڄايو، ڄاتائين ڪو پاڳل آهي، ايڪسيليٽر ڇڏي، ڪلچ ۽ بريڪ ڪي پورو دٻائي ڇڏيائين ۽ چپن ۾ پُٽڪيو: "مواليءَ مارائي ڇڏيئي!."، گڏ ئي روڊ تي هڪ وڏو چرڙاٽ ٿيو ۽ ڪارا پٽا نهيءَ ويا ۽ ٽُرت ئي ڪلارڪ ڪرڪيٽ بال وانگر هوا ۾ اُڏاميو ۽ وڃي روڊ تي ڪِريو ۽ بيهوش ٿي ويو، ڪار ڊرائيور سوچيو: "شڪار ٿي ويس."

* * * * * * * * *

چرڙاٽ سان گڏ عطائي ڊاڪٽر پنهنجو لٽل چشمو نڪ تي چاڙهي ڪنن سان چنبڙائي ڇڏيو ۽ ڪنگهار ڪري ڳلو صاف ڪيائين، ڪمپائونڊر ٽِپ ڏئي اُٿيو، سُيون وغيره چنڊي ڦوڪي تڪڙيون وري سوليون ڪيائين، جمعدار صاحب ملوڪ، پنهنجي ڊري ڪيل سرڪاريءَ پٽي ڪي ڇِڪي ڪٽي ٻڌو ۽ سِپاهيءَ صفا چٽ جا ڪن اُيا تي ويا...............!!.

پرئين پر بينل رئيس هيڊ ڪلارڪ کي ڪرندو ڏسي ڪِسڪيءَ ويو پر ڦُلفين وارو الهه نواز ۽ موچيءَ سُڪديو ٽِپ ڏئي اٿيا ۽ روڊ تي ڪريل ڪلارڪ کي ٽنگو ٽاليءَ ڪري عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ ڪٽي آيا.

جلد ئي عطائي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ ماڻهن جو هڪ انبوهه هُيو، ٽِر ڇٽڻ جي بہ جاءِ نہ بچي هُئي، هرڪو پيو پُڇي:

"ڪير آ؟"

"ڪٿان جو آ؟"

"ڪيئن آ؟"

"بچيو يا نہ؟؟."

ڊاڪٽر وڏي جفاڪشيءَ ۽ ڪِهرائي سان ڦٽيل کي تپاسيو ۽ هر ڦٽ جاچي جاچي ڏٺائين، ڪمپائونڊر ۽ سُيون هيڊ ڪلارڪ کي هٽي ڪڍيون ۽ ملم پٽيءَ شروع ڪيائينس ته ڪلارڪ اکيون ڦاڙي سين کي ڏسڻ لڳو، ڪنهن رڙ ڪئي: ”هوش اچي ويس، هوش اچي ويس، خُدا بچايس، الله پناهه ڏنس.........

هُل وڏي ويو ۽ هيڊ ڪلارڪ ڪان ڏک وسري ويا ۽ واٺڙن وانگر هر ڪنهن کي تڪڻ لڳو، تڏهن ڪمپائونڊر چيس: ”توکي آرام جي ضرورت آهي.“

ڪلارڪ دل ۾ چيو: ”مون کي ته هزار رپين جي ضرورت آهي!!.“، ڊاڪٽر جڻ سندس دل جي ڳالهه پڙهي ورتي جو مُرڪي دل ۾ چيائين: ”اجان توکي ڊِرپ هٽنداسين مون کي به ته پنج سئو رُپين جي ضرورت آهي............!!.“

ڪار ڊرائيور ڪلارڪ کي هوش ۾ ڏسي چيو: ”شُڪر آهي خير ٿي ويو.“

جمعدار مُرڪي چيو: ”ها خير ئي ٿي ويو!!.“

”ته سائين مان وڃان!؟“، ڪار واري جِند ڇڏائڻ پئي چاهي.

”پر بابا همراهه جو زخميءَ آهي؟؟.“، جمعدار قانوني ڪاروائيءَ ڪندي چيو.

سائين همراهه هوش ۾ آهي، هلڪيون رهڙيون اٿس، مان ملم پٽيءَ جا پئسا ڏيو وڃان ٿو!!.“، ڊرائيور ايلاز ڪيو.

”۽ اسان کي!؟؟.“، سپاهيءَ سرٻاٽ ڪيو.

”پر سائين توهان کي ڇو؟.“

”بابا اسان سان به وهه نه!!.“، سِپاهيءَ اک پيچندي ڊرائيور کي چيو: ”اجايو پوليس ڪيس ڇو ٿو ناهين!؟.“

”پر سائين منهنجو ته قصور به نه هُيو!!.“، هُن منٿ ڪئي.

”بابا قصور ته اسان جو به ناهي پر همراهه ته ڏڪيو اٿئي نه.........!!.“، جمعدار لڙڪي پيل پنهنجين مُڇن کي تاءُ ڏيندي مُڇن جو ڪلف سِڌو ڪيو ۽ چيائين: ”قانوني ڪاروائي ته ٿيندي نه!“

”نه نه سائين.........“، ڊرائيور ڊِڄي ويو ۽ کيسيءَ ۾ هٿ هٽندي چيائين: ”هي وٺو سائين..........“

”هي ڇا؟؟، گهٽ ۾ گهٽ به هزار ته ڏي!، ڏسين نٿو ڪيڏي مهانگائي لڳي پئي آهي ۽ مٿان وري هي جهڪ...........!.“، سِپاهيءَ به سئو ڏسي رڙ ڪئي.

سپاھيءَ جي مطالبي تي ڪار وارو پريشان ٿي پيو تہ جمعدار معاملي کي سمجھندي چيو: "نيڪ آ پلا ڪٽي ھڪ ھزار ئي ڏي.................!!."

"پر سائين................

"سِپاھيءَ صفا چٽ..............!!."، جمعدار رڙ ڪئي.

"جي سائين........"،

"بابا گاڏيءَ ٽاٽي ۾ ڪاھي ھل."

"نہ نہ سائين ھي ونو ھزار رُپيہ."، ڊرائيور ششدر ٿي پيو، اجائي چڪر ۾ پوڻ بدران ھزار جو نوٽ سِپاھيءَ جي مُٺ ۾ ڏنائين، جمعدار جوابدار مان ھٿ ڪڍيا، قانوني ڪاروائيءَ پوري ٿي وئي ۽ ڪار ڊرائيور عطائي ڊاڪٽر کي ملم پٽيءَ جا پنج سئو ڏئي ٽيو رمتو.

"ڪمايو ڊاڪٽر ۽ جمعدار صاحب ملوڪ، چٽيءَ پري ڪار واري ۽ پوڳيو مون..................!!!."، ھيڊ ڪلارڪ سوچڻ لڳو: "سدائين ٿي شڪار ڦاسايم، اڄ تہ مان ئي شڪار ٿي ويس، مون کي تہ ٽڪو بہ نہ مليو.........!!."

۽ ھُوءَ رئيس کي ڳولڻ لاءِ ھيڏانھن ھوڏانھن نِھارڻ لڳو تہ ڪنھن پُڇيس: "ڪنھن کي ٿو ڳولين؟؟."

"شڪار..............!!!."،

بي ڌيانيءَ مان ڪلارڪ جي زُبان مان نڪري ويو....

★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★ ★

# مان هِت جنم نہ وٺندس

مان ڪجهہ مهينن کان پريشان هئس پر اِها پريشانيءَ گُذريل ڪجهہ ڏهاڙن کان وڌي وئي هئم........ مان هر گهڙيءَ ٻُڏتر ۾ رهڻ لڳس!!.

ڪيترين سوچن ۽ وِسوسن منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو، مُنهنجي اِهڙيءَ پريشانيءَ کي جيجيءَ بہ پروڙي ورتو، تڏهن ئي تہ پُڇيائين: "مريم............!!، خير تہ آهي ڪجهہ ڏينهن کان توکي پريشان پئي ڏِسان!؟."

دل ۾ آيو تہ روئي پوان ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيس ٻُڌائي من جو بار هلڪو ڪري ڇڏيان پر هڪ ڊبيل سُڏڪي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيس ۽ جيجيءَ حيرت منجهان مون کي ڏسندي ئي رهي!.

ماءُ تہ آخر ماءُ ٿيدي آ، ڀلا ڌيءُ جو درد ڪيئن نہ جاڻي ها!!، شايد امان سڀ ڪجهہ سمجهي وئي هُئي پر پوءِ بہ کُڇي ڪجهہ بہ ڪين، هُن کي مون تي پورو پروسو جو هو ۽ مان جو هئس سندس ڌيءُ مريم.

جيجيءَ جاتو ٿي مون ڪڏهن بہ ڏيڍيءَ کان ٻاهر پير نہ رکيو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪوئي غير اسان جي ڏيڍيءَ اندر ٽِپيو آهي پر هي اڻ ٿيٽيءَ آخر ڪيئن ٿي؟؟.

ان جي جواب لاءِ امان بہ پريشان هئي تہ مان بہ خوف ۾ ورتل هئس.

امان تہ جاتو ٿي تہ مهيني ۾ سواءِ چند ڏهاڙن جي مون تہ ڪڏهن ڪا نماز بہ قضا نہ ڪئي هئي ۽ مُڪمل روزا، صوم و صلوات، تلاوت ۽ وِرد منهنجي ڪِرت آهن ۽ ڪڏهن ٻاهر جي هوا مون کي ڇُهيو بہ ناهي تہ پوءِ آخر هي؟؟

امان حيرت ۽ پريشانيءَ باوجود مون کان ڪوبہ سوال نہ ڪيو پر هُوءَ انيڪ وِسوسن ۾ وٺجي وئي جن ۾ مون پڻ پئي پوڳيو تہ آخر هي ڇا آهي ۽ ڇا ۽ ڇو ٿي ويو؟ ۽ ڇا ائين بہ ٿي سگهي ٿو!!؟.

ٻيٻيءَ مريم جو تہ ٻُڌو هئم پر مان ٻيٻيءَ مريم تہ نہ هئس!!، مان تہ مريم بنت منصور، خُدا جي ادنيٰ ٻانهيءَ هئس.

دل ۾ سوين وِسوسا گهر ڪري ويا ۽ ڏينهن گُذرڻ سان مون گهر جي اڱڻ تي بہ اچڻ ڇڏي ڏنو، پنهنجي ڪمري تائين ئي محدود ٿي رهجي ويس ۽ هر وقت هڪ گُمنام سوال جي جواب کي ڳولڻ لاءِ پئي ٿي سوچيم پر جواب نٿي مليو ۽ اذيت وارا ڏينهن ويا ٿي وڌندا.

جڏهن منهنجي حالت مون کي گهر ياتين ۾ به ويهڻ جهڙو نہ ڇڏيو، تڏهن روئي روئي هر وقت رب کي پئي ٻاڏايم تہ: "اي الله.....هيءُ ڪهڙو اسرار؟؟"

ڄاتم پئي تہ جيجيءَ بہ گهر جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويل اويلي پالڻهار کي پئي ستائيندي هوندي پر مان محدود ٿيندي ويس جڻ پنهنجي ڪمري ۾ ئي قيد ٿي رهجي ويس.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن پائينم تہ اهو منهنجو وهم آهي، بيبيءَ مريم جو سوچي سوچي پاڳل ٿي پئي آهيان، ائين ٿي ئي نٿو سگهي، مان ڪو بيبيءَ مريم تہ نہ آهيان، مان تہ مريم شاهہ آهيان، مريم بنت منصور شاهہ............!!.

ها مان تہ مريم بنت منصور آهيان پر جڏهن ٻيو ٽيرو اوپرو آواز آيو تڏهن پڪ ٿي ويم تہ اهو منهجو پاڳلپڻو نہ هو، اها حقيقت هئي، اهو اونهو اسرار سچ هُيو، ڪن لاتم پنهنجي پيٽ مان آواز آيو: "تون پريشان ڇو آهين مريم بنت منصور؟."

ششدر ٿي پيس، ڪا بہ وائي نہ وريم، ڪُجهہ بہ ڪُڇي نہ سگهيس، آواز بند ٿي ويم، مان بيحد پريشان ٿي پيم، دل چاهيو جيجيءَ کي ٻُڌايان پر همت ڪانہ ٿيم.

ڪجهہ ڏينهن گُذريا تہ وري هڪ ڏينهن منجهند ڌاري ساڳيو آواز ڪنن ۾ گونجيو: "تون پريشان ڇو آهين مريم بنت منصور!."

مون چئوطرف نهاريو، ڪمري ۾ ڪوبہ نہ هو، مُنجهي پيس، ٻيهر آواز گونجيو: "مان تنهنجي اندر ۾ آهيان مريم بنت منصور!."

مون پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريو: "نہ.......نہ........ ائين نٿو ٿي سگهي!"، مون سرٻاٽ ڪيو: "اهو نامُمڪن آهي!."

"پريشان نہ ٿي مريم............"، وري آواز آيو: "ڪجهہ بہ ناممڪن ناهي!."

"پر..................."

"مان سڀ ڄاڻان ٿو..........!"، هن وري چيو: "مان تو مان جنم وٺندس."

مان حيران ۽ پريشان ٿي پيس!!.

مان ڪمري جون ديوارون تڪڻ لڳس تڏهن وري آواز آيم: "مان تو مان جنم وٺندس مريم شاهہ."

"پر مان توکي جنم ڏيڻ نٿي چاهيان."

"ڇو تون مون کي جنم ڏيڻ نٿي چاهين؟؟"، آواز آيو: "ڇو تون ايڏو ملول آهين؟، پريشان آهين!"

"ماڻهوءَ منهنجي پاڪدامنيءَ جي گواهيءَ ڏين تا......... اهي ڇا سوچيندا!."

“پوءِ ڇا تون مون کي جنم نہ ڏيندينءَ؟؟.”

“نہ..... هرگز نہ......... مان بيبيءَ مريم ناهيان جو.....!.”، مون احتجاج ڪيو: “مان دنيا جا انيڪ وات بند نہ ڪري سگهندم.........”

“مان تہ جنم وٺندم.”

“نہ............. قطعي نہ.”

“تہ پوءِ ڇا تون منهنجي جنم وٺڻ کان ٽُرت ئي پوءِ مون کي ماري ڇڏيندين؟.”

“مان توکي جنم ئي نہ ڏيندس.”

“مان تہ جنم وٺندس!!.”، هن چيو ۽ مان ويتر پريشان ٿي پيس، ڪو بہ لفظ ٻڌيءَ مان نہ نڪتو، ڪُجهہ بہ ڪُڇي نہ سگهيس، بُت مان سيسرات نڪري ويم.

هن وري ڳالهايو: “مان ڄاڻان ٿو منهنجي جنم کان پوءِ تون مون کي ماري ڇڏيندين، تون منهنجو ڳلو گُهٽي ڇڏيندين يا پاڻي جي بالٽيءَ ۾ تون مون کي غوطا ڏئي منهنجو ساهہ ڪڍي ڇڏيندين پر پوءِ بہ مان جنم وٺندس!!.”

“مان ڪجهہ بہ نہ ڪنديس!.”، مون چيو: “بس مان توکي جنم نہ ڏيندس.”

“تہ ڇا تون مون کي مُنهنجي جنم وٺڻ کان اڳ مارڻ تي ڇاهين؟؟.”، سندس سوال نہ هو هٿوڙو هو جيڪو منهنجي مٿي ۾ لڳو، چيم: “تون ڄاڻين ٿو تہ مان گُناهگار ناهيان......... مون تہ ڪڏهن...................

“خبر آ مون کي تڏهن ئي تہ مان تو وٽ جنم وٺڻ چاهيان پيو!.”

“مون کي داغدار ڪرڻ لاءِ؟؟؟”.

“نہ تنهنجي پاڪدامنيءَ جي گواهيءَ ڏيڻ لاءِ.”

“مون کي ڪنهن گواهيءَ جي ضرورت نہ آهي.”، چيم: “بس تون جنم نہ وٺ.”

“جنم تہ مان وٺندس.”، هُن چيو.

“ڇو.............؟؟”، چيم: “آخر ڇو؟؟؟”، مون هن کان پُڇيو پر هُوءَ ماٺ ٿي ويو، گهڻي دير نہ ڳالهاڻو تڏهن وري پڇيومانس: “ٻُڌاءِ مون کي، ڇو تو جنم وٺڻ چاهين آخر؟؟”

“تنهنجا داغ ڌوئڻ لاءِ.”، هُن ڌيرج سان چيو.

“منهنجا داغ ڌوئڻ لاءِ يا مون کي داغ لڳائڻ لاءِ؟؟.”، چيم.

“نہ داغ ئي ڌوئڻ لاءِ.”

“مون کي ڪو داغ نہ آهي، مان بي داغ آهيان!.”، چيم.

“مريم..............!”، هُن چيو: “توکي نظر نٿا اچن داغ پر مان ڏسان پيو!.”

“ڪٿي آهن داغ؟”، مون حيرانيءَ مان هُن کان پُڇيو.
“ظاهري اک سان اهي داغ نہ ڏسبا آهن مريم بنت منصور.”
“توکي غيب جو علم آ؟؟”، پُڇيم.
“غيب جو علم علام الغيوب وٽ آ.”، هُن چيو: “پر اهي داغ مان چاڻان ٿو، ڏسان ٿو!.”
“ڪهڙا داغ؟؟”، چيم: “مان مريم شاهہ بنت منصور شاهہ آهيان، مان پاڪ دامن آهيان.”
“مان پاڪ دامنيءَ جي گواهيءَ ڏيندم.”
“منهنجي پاڪدامنيءَ جي گواهيءَ ڏيندين!؟؟.”
“ها تنهنجي پاڪدامنيءَ جي گواهيءَ ڏيندس مان پر.........
“پر ڇا؟؟.”
“پر نہ ڏيندس!!.”، ڪن رکي هُن چيو: “دنيا مون تي تُهمت هڻي ڇڏيندي!.”، ايترو چئي هُوءَ ماٺ ڪري ويو ۽ ڪي ڏينهن نہ ڳالهاٽو، منهنجو هر پل اذيت ۾ گذرڻ لڳو، ڪيترين ئي سوچن مون کي مرڻ جهڙو ڪري ڇڏيو پر ساهہ جي تند نہ ٽُٽي، تڏهن اوچتو وري هڪ ڏينهن هن جو آواز آيو: “مريم بِنت منصور...........!.”، مان چرڪي پيس، هن چيو: “مون ڪافي سوچيو آهي مريم.....
“ها مون بہ ڪافي سوچيو آهي.”، چيم.
“مريم منهنجي ڪا بہ گواهيءَ هي دنيا نہ مڃيندي!!.”
“مان توکي جنم ڏيندم!.”، چيومانس: “تون منهنجي گواهيءَ ڏجان، دنيا کي مان مڃائيندم........!”
“دنيا توکي لفظن ۽ روين سان سنگسار ڪري ڇڏيندي مريم!.”
“تون منهنجي گواهيءَ ڏجان.”
“مون کي معلوم ٿيو آ.”، هُن چيو: “مان هِن دنيا جي اڳيان بيوس آهيان!!.”
“تہ پوءِ!!؟؟”، مون پريشانيءَ منجهان ڪائنس پُڇيو.
“تہ پوءِ جيڪر مان جنم وٺندس تہ توکي گند جي ڍير تي ڦِٽو ڪرڻو پوندو مون کي!!.”، مان ڪنبيءَ ويس ۽ هُوءَ ڳالهائيندو رهيو: “۽ رولو ڪُتا منهنجو ماس پٽي ڪائيندا..............!!.”
“نہ نہ .......................”، مون رڙ ڪئي.

“ها............ نہ تہ توکي پاڙي جي بالٽيءَ ۾ مون کي ٻوڙي مارڻو پوندو!.”.
“نہ نہ............ مان ڪُجھ بہ نہ ڪندس!!!.”.
“ڪُجھ نہ ڪُجھ تہ توکي ڪرڻو ئي پوندو مريم!.”، هُن چيو: “پاڙي جي بالٽيءَ ۾ نہ تہ گند جي ڍير تي تہ توکي ڦِٽو ڪرڻو ئي پوندو مون کي!!.”.
مون پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون پر هُن جو آواز مان روڪي نہ سگهيس، هُن چيو: “مان هِت جنم وٺڻ نٿو چاهيان مريم شاهہ!.”.
مان بُت بڻجي ويس، پٿر ٿي پيس، ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ آيم.
“ها............ ها............ مان هِت جنم نہ وٺندس.”، مان بيحد پريشان ٿي پيس، هُوءَ چوندو رهيو: “تون پريشان نہ ٿي مريم شاهہ.....!!، تنهنجي پاڪدامنيءَ تي ڪو اکر نہ ايندو......... هِت سڀ ظُلم لاچارن سنا آهن!.”
مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ هُن آخري سُڏڪو ڀري چيو: “مان هِت جنم نہ وٺندس!!.”.
۽ مون تڪڙو پنهنجي مُنهن تي پاڻي جو ڇنڊو هنيو اِهو ڏسڻ لاءِ تہ خواب ۾ آهيان يا الاءِ جاڳ ۾ پر هُوءَ ائين گُم ٿي ويو جڻ منهجي پيٽ ۾ ڪڏهن هُيو ئي ڪونہ.

* * * * * * * * * * * *

# شانتي نہ آهي

مون ٽيون ڍُڪ زهر جو پريو، جڻ اندر وڍجي ويم!!، زهر جي ڪوڙاڻ سيني ۾ لهندي وئي پر مون کي شانتي نہ ملي.

اُن پل سچ ٿُبي هٽڻ وارو هُيو ۽ مان بيچينيءَ جي عالم ۾ دربدر هئس!!، مان تڪجي پيس، منهنجي پوڳنا بي انت هئي، مون پنهنجا ڳورا قدم روڪي ورتا ۽ کُلهي مان ٿيلهو لاهي هيٺ زمين تي ڦِٽو ڪيم، بيچينيءَ روح کي ماندو ڪرڻ لڳي ۽ مون کي ڪجھ بہ نتي وڻيو، اڪٺ مونجهارن جي ور چڙهي مان وڪرجڻ لڳو هئس، سوچن جي پڪڙ کان آزاد ٿي نہ سگهيس، هڪ ٻيو سگريٽ ڪڍي دُکايم، اندر جلي ويو پر شانتي نہ مِلي!!!.

سچ لهي ويو هو، مان اسٽيشن تي انتظار ۾ پئي ڦٿڪيس، شهر ڏانهن ويندڙ آخري گاڏيءَ رستي ۾ ڪٿي رُلي وئي هئي ۽ جنهن ۾ مون کي سوار ٿي شهر ۾ وڃائجي وڃڻو هو!!.

شهر جيڪي وڏا ٻيلا آهن، جت ڪوبہ وڃائجي سگهجي ٿو، ڳوٺن جا انيڪ ماڻهوءَ شهرن ۾ وڃي وڃائجي ويا آهن ۽ وري نہ مليا آهن سو هن ڀيري مون بہ چاهيو پئي تي شهر وڃي وڃائجي وڃان ۽ وري نہ ليان!!.

"هُونئن بہ مان ليندس ڪيئن.........!؟؟، ليندا تہ اُهي آهن جن کي ڪوئي ڳولڻ وارو هوندو آهي........ مون کي تہ ڪو ڳولڻ وارو بہ ڪونهي!!، مان گُم نہ ٿيندس، مان تہ شهر ۾ دفن ٿي ويندس!!."

سِگريٽ جي آخريءَ چيڙي ٻن آڱرين جا ڪنارا ڏنگيا، ڏنيجي پيس، چرڪ نڪري ويم، اسٽيشن جي سخت کُهري فرش تي سگريٽ جو فلٽر ڦِٽو ڪيم جڻ پنهنجي دُکندڙ وجود کي لتاڙجڻ لاءِ ڌرتيءَ تي ڦِٽو ڪيم.

ڪنڊ ڦيريم ريلوي ٽريڪ جي پرئين پر دُنيا کان بي سُڌ ٻن فقيراڻين تي نظر پئي، ميرن لٽن ۾ پُراڻي رلي وڇايو، وار ڪينڊيريو ٻئي شانت هُيون، هڪ تي شايد سگريٽ ڦوڪيو تہ ٻيءَ تي سندس وارن منجهان ڪجھ ڳوليو.

ہ فقيراڻيون............!، جن جو گهر گهاٽ ريلوي اسٽيشن جي اوٽ!!، دُنيا جهان کان آزاد.......... دُنيا جهان جي جهنجهٽن کان آزاد.........!!، هر غم خوشي کان پري، پُرسڪون، شانت ۽ لاپرواھ!.

ڪنهن ٿهڪ ڏنو، ڪنڌ ڦيري ڏٺم ڪو بہ نہ هو جڻ ترورو هو، وهم هو، ڪو گُمان هو، سُنسان اسٽيشن، ايڪڙ ٻيڪڙ آدم زاد ڪان علاوه ڪوبہ نہ هو!!، جڻ سينيءَ ڪي ڪا گاڏيءَ اڳ ئي ڪٽي وئي هُئي، جڻ سپ وجي چُڪا ها....... رهجي هڪ مان ئي ويو هئم!!.

ٿهڪ جو وهم دل مان ڪڍي مون ٿيلهو کنيو، پٿر جي بئنچ تي اچي پاڻ کي ڦٽو ڪيم، بيچينيءَ وڌڻ لڳي پر گاڏيءَ جي خبر نہ هُئي تہ ڪڏهن ايندي!

“پاڪستان جي ريل......... سدائين مون وانگر ليٽ!!.”

سوچن جو سلسلو وري وڪوڙي ويو: “هن پيري شهر وجي گُم نہ ٿيندس........ دفن تي ويندس ها دفن تي ويندس ائين جو ڪڏهن گس پُڇائي شانتي جو مون وٽ پُڄي بہ تہ ڪيس مان نہ منهنجا هڏ ئي مِلنس!.

“پر شانتي منهنجا گس ڇو پُڇائيندي!؟؟، هن تہ ڪڏهن مون سان پريم ڪيو ئي ڪونهي!!، شانتي تہ نرمل کي چاهيو آهي!!، نرمل کي پوڇيو آهي هُن!!، ها نرمل جيڪو ڪيس مائٽن ڏنو........ سوئي سندس...........

دل چيو روئي پوان پر روئي نہ سگهيس، هي ڳوٺ جنهن ۾ مون جنم ورتو، جنهن ۾ منهنجو ٻاروتڻ گذريو، جنهن ۾ مون پرائمري جا پنج درجا پڙهيا، هي منهنجو ڳوٺ مون لاءِ اڄ ڪيڏو نہ اجنبي ۽ اوپرو ٿي پيو آهي!!.

ها هن ڳوٺ مون ڪان منهنجي سُڃاڻپ کسي ورتي آهي اڄ، مان لک ٻُرو ئي سهي پر مون هميشہ شانتي کي ئي چاهيو آهي!، اڄ مان بيگانو ٿي پيو آهيان، هن ڳوٺ مون کي جنم ڏيڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ڏنو بہ نہ آهي، مان وري نہ موٽندس هِن ڳوٺ!، مان شهر وجي دفن ٿي ويندس، هِن ڳوٺ تہ رُڳي مون ڪان کسيو آهي، بابا........ امان........... سُک..........چين........... ۽........... ۽...........

۽ اڄ تہ شانتي بہ مون ڪان ڦري ورتائين!!.

منهنجيون اکيون پرجي آيون، سانوڻ ڪاهي پيو من ۾، مان پڇندو ويس، پُسندو ويس، جت سنڌ جي وستيءَ واهڻ، گس گهيڙ، ٻنيون ٻارا سنڌوءَ جي جل ٿل پاٽي ۾ تار ها اُت منهنجي اندر ۾ بہ سيلاب ڪاهي پيا ها ۽ مان غرق هئس!!.

سيلابن جي مُند آهي!!، سيلاب ڪاهي پيا آهن.

سيلاب........ ها سيلاب منهنجي جيون ۾ آيو آ پر سيلاب تہ سنڌ ۾ ڊوڪي آيو آ، وڏو سيلاب.......... تاريخ جو بدترين سيلاب!، جنهن سنڌين ڪان الھ تلھ ڇني ورتو آ پر هي ڪهڙي ٻوڏ آئي آ جنهن مون ڪان منهنجو ڳوٺ، منهنجو تر، منهنجو گهر، منهنجو سڀ

ڪجهہ مون ڪان ڪسي ورتو آ!، جنهن منهنجي اندر ۾ ڇتيءَ ٻوڙ ٻوڙان ڪئي آهي، جنهن مون ڪان شانتي بہ............

لڳم ڄڻ روئي رهيو آهيان، مان اُتي پيس پٿر جي بئنچ تان، پسار ڪرڻ لڳس اسٽيشن جي کُهري فرش تي پر سڪون هيو جيڪو نٿي آيو من ڪي!!.

هر هر شانتي جا لفظ: ”ڀُلائي ڇڏ تہ اهو مُمڪن آهي....... تون مطلبي آهين ڪوڙو.......... فريبيءَ آهين تون............ هتان نڪري وڃ!“.

ڳالهيون جن ڄڻ وسرڻ جو ناءُ ئي نٿي ورتو ۽ گاڏيءَ جنهن اچڻ جي ئي نٿي ڪئي، سج الوپ تي ڇُڪو هو، من الوپ ٿيڻ پئي چاهيو ۽ هوريان هوريان مان ڇِتي ڏُک ۾ الوپ ٿيندو پئي ويس!!.

”پنهنجي دماغ مان اهو وهم ڪڍي ڇڏ ضمير تہ ڪڏهن شانتي توکي بہ چاهيندي.“

سگريٽ وري ڏُکي پيو پر منهنجو اندر هو جنهن وسامڻ نٿي چاهيو!، ”مون کي شانتي ڏي واپس ورڻ نہ گُهرجي ها.......... ها مون کي ائين ڪرڻ نہ کپندو هو......... مان واپس آيس ئي ڇو؟؟“، ٿوڪ، ٿُنول....... پنهنجي پاڻ کي لعنت ملامت، سوچون پولار ۽ مان.........

”ها مون کي واپس اچڻ نہ گُهرجي ها، هن گهڙين ۾ تہ هرگز نہ.......... جنهن ۾ شانتي ڏُک ۾ ورتل آهي، دربدر آهي!.“

”پر مون تہ سندس ڏُک ونڊڻ پئي چاهيا ۽ شانتي تہ..........!“.

مان ڪيئن آيس واپس؟، ڇو آيس؟، ايتري وقت ڪان پوءِ......... مون کي نہ اچڻ کپي ها!!، مان سوچڻ لڳس، مان شهر ڪان سِڌو رليف ڪئمپ ڇو پهتس؟.

مان پنهنجن ئي ٻي انت سوالن جا جواب پنهنجي پاڻ کي نہ ڏئي سگهيس، ٻوڏ منهنجي من ۾ اچي وئي، پر هڪ ٻي ٻوڏ پوري سنڌ ٻوڙي ورتي هُئي ۽ سڄي سنڌ رليف ڪئمپ ٻڻجي پئي هُئي، واهڙ واهڙ رليف ڪئمپ!!.

۽ هڪ رليف ڪئمپ جيڪا منهنجي ڳوٺ جي ٻاهران قائم ڪئي وئي هئي، درياءُ جي ٻي ضبط پاڻي سنڌ جا ڪئي ڳوٺ ٻوڙيا ها، انهن ڳوٺن ۾ منهنجو ڳوٺ بہ هو، ها منهنجو ڳوٺ بہ....... تنهن بہ درياءُ جي پاڻي ۾ پاڻ پُسائي درياءُ کي جيءُ ۾ جاءِ ڏني هُئي!!.

ڳوٺ جا سڀ گهر ٻُڏي ويا، منهنجو گهر بہ ٻُڏي ويو تہ شانتي جو گهر بہ ٻُڏي ويو پر منهنجو لُڙهيو ڪجهہ بہ ڪين ها باقي شانتي جو بچيو ڪجهہ بہ ڪين!!.

پناهہ بہ لُڙهي ويس تہ بند تي قائم ڪئمپ ۾ اچي پناهہ ورتي هئائين!.

منهنجو ڪجھ لُڙهي بہ ڪيئن ها؟ مان تہ ورهين کان شهر ۾ جو گُم ٿي ويو هئس!، پنهنجو سڀ ڪجھ سهيڙي شهر ۾ وڃائجي ويو هئس، سرڪاري نوڪري سان گڏ انساني خدمت جي تنظيم کولي هئم، ٻين وڏين تنظيمن کان غريبن جي نالي ڪئي فنڊ ۽ مددون ورتيون هئم، ڏاڍي نٺ سان زندگي گهاريم پئي، غريبن، ابوجهن جا فوٽو ڪڍي، نندڙن جلسن ۾ ڪين سڏي خانہ پوري پئي ٿي ڪيم، اخبارن ۾ وڏا ليک بہ لکيا هئم، ٻئاڪون ٻي هنيون هُيم ها ٻئاڪن جو تہ صفا ماهر ٿي ويو هئس، نہ صرف ابوجهن کي دوکا پئي ٿي ڏنم پر ڪئي ادارن سان ڪئي ڪوڙ سلي غريبن جي نالي لکين روپيا ٻي وني ڪاڏا هُئم، مُنهنجي پُٽ، پناهہ ۽ پئسو ڏسي عزت احترام ٿي ڪئي سين منهنجي!!.

"Money is power!!"

پر هن مهل هن سُنسان ريلوي اسٽيشن تي مان نِبل، نِستو، ڪمزور ۽ پڙپانگ بينو هُئم!!.

مان وڏو محترم هئس، مان ٻين انيڪ ماڻهن لاءِ وڏو ماڻهوءَ هُئس، توڙي جو منهنجو قد بنهہ ننڍو هو..........

ٻئاڪي هئس مان هڪ درجي جو............ ڪائنر هئس مان صفا گيديءَ........ پر دنيا ۾ منهنجو قد ڪاٺ ۽ مان مرتبو پئسي تي هو باقي نڪي منهنجي ڪرتوتن تي!

ها سو منهنجو ڪجھ لُڙهي بہ ڪيئن ها سيلاب ۾؟، ڳوٺ ۾ تہ فقط هيڪلو گهر ڇڏي آيو هئس سو گهر ٻُڏي ويو، گهر ۾ هيو ڪجھ بہ ڪين سو لُڙهي ڪيئن ها!!.

پر شانتي پريي گهر مان گهٽو ڪجھ درياءُ کي ارپي ڇڏيو، بچائي سگهي تہ بس سُدير کي بچائي سگهي باقي سندس سڀ ڪجھ لُڙهي ويو، سندس گهر ٻُڏي ويو، ننيڙي آشا گيسٽرو جي ور چڙهي ڪائنس رُسي وئي ۽ نرمل....... نرمل ڪچي پِٽ جي هينيان دبجي پنهنجا پساهہ پورا ڪيا!!.

نرمل سندس ساٿ ڇڏي ويو.......... ها اُهو نرمل جنهن جي محبت ۾ هن ساهہ تي ڪنيا پر هُن جي شادي شده هوندي بہ مون ڪيس چاهيو هو ۽ ڪائنس محبت گُهري هئم، ها اِهو منهنجو انڌ هيو جو مان سدائين ناحق تي هريل هئس پر شانتي برهم ٿيندي مون کي چيو هو: "منهنجي اڪ سُدير جي پيءُ کان سواءِ ڪنهن کي ڏنو ئي ناهي!!."

مون وس ڪيا، جتن ڪيا، سانگ رچايم، نانگ نچايم پر وريو ڪجھ بہ ڪين نيٺ مان بد دِل ٿي ڳوٺ ڇڏي شهر جي غفائن ۾ اچي گُم ٿي ويس!، ڪئي ورهيہ شهر ۾ انيڪ

حرامپايون ڪندي مون گذاري ڇڏيا پر هيلوڪين برساتن ۾ خبر پيم تہ ڳوٺ ٻُڏي ويو آهي ۽ شانتي هيڪلي پُٽ سان بند تي ڪئمپ ۾ ترسيل آهي ۽ نرمل بہ وٽس نہ آهي!.

پُراڻي ڇِڪ من ۾ اُڀري آيم، نرمل جو ائين اڌ ۾ ساٿ ڇڏي وڃڻ، شانتي جو بي سهارا هئڻ........... ورهين پُڄاڻان دل ۾ نُڪرايل چاهت........ شانتي کي منهنجي ساٿ سهاري جي ضرورت هوندي ۽ مان حسرتن کي دٻائي نہ سگهيم ترت رليف ڪئمپ اچي پهتس جتي اٻوجهن سان اُهي ساڳيون جُٺ گيريون تي رهيون هُيون جيڪي اسان بہ تي ڪيون!.

مان رليف ڪئمپ پهتم، اُتي شانتي ۽ اٺ سالن جو سُڌير امداد جي نالي مرياڌا کي تار تار ٿيندي ڏسي رهيا ها، مون شانتي کي وٺي وڃڻ چاهيو، سندس کو بہ نہ بچيو هو پر شانتي پهريان تہ مون کي سُڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو!!.

گهڻين دليلن کان پوءِ سُڃاتائين تہ سهي پر....... پر مون کي نُڪرائي ڇڏيائين........ ها ٻِيو ڀيرو شانتي مون کي نُڪرائي ڇڏيو، ڪيس چيم: "شانتي مان توکي وٺڻ آيو آهيان!؟"

"ڪهڙي رشتي سان؟؟"، ڏاڍي کُهرائي مان چيائين، مان ڊِڄي ويس، پريشاني منجهان چيم: "ڇا مطلب؟."

"ها ڪهڙي رشتي سان آخر وٺڻ آيو آهين؟."

"مان تنهنجو ڳوڻائي آهيان شانتي!."

هن ڪنڌ ڦيري ڇڏيو، سندس نگاهہ ۾ نفرت هئي، جيڪا مون محسوس ڪئي تي، چيم: "ڏس شانتي....... مان لک ٻُرو سهي پر تون هِت ڏُکي آهين مان چاهيان ٿو تہ تون..........

"سڄو ڳوٺ ڏُکي آهي!."، هُن ٺوڪيندي چيو: "توکي هڪ شانتي ئي ڏُکي نظر چو تي اچي!؟"

"پر شانتي............

"پر ڇا؟"، هن چڙندي چيو: "هي ڳوٺ وارا ڇا هن بند تي خوشي سان وينا آهن!؟."

"تون پل واپس موٽي اچجان جڏهن پاڻي ڳوٺ مان........

هن زهر ڀري نگاهہ سان مون کي ڏٺو جڻ منهنجي نيت پڙهندي هُجي!، ڪن رکي چيائين: "مان ڳوٺ وارن کي ڇڏي ڪيڏانهن نٿي وڃي سگهان!."

"تہ ڇا تون اهڙي عذاب ۾ رهڻ پسند ڪندين؟"، ڪيس چيم: "ڪجھ سُڌير جو تہ سوچ!!."

“ها مان اهڙي عذاب ۾ رهڻ پسند تي ڪريان جنهن ۾ اڄ سموري سنڌ ورتل آهي!.”، هن فيصلائتي انداز ۾ چيو: “سُڌير جو فڪر تون نہ ڪر ۽........... ۽ مان سنڌ تہ ڇڏي نٿي سگهان!.”

“مان سنڌ ڇڏڻ جو تہ نٿو چوان!؟.”

جهُڪيل نگاهون ڪٽي مون ڏي ڏنائين چيومانس: “تون شهر هل مون سان گڏ......... منهنجي گهر........ هت تون اڪيلي.............

“مان اڪيلي ناهيان!.”، هن ذري گهٽ رڙ ڪئي: “سمورو ڳوٺ آهي مون سان گڏ ۽ ان ڪان سواءِ.............

مان چُپ ٿي پيم ۽ پٽر اکين سان ڪيس ڏسڻ لڳس، هن ساعت رکي چيو: “ان ڪان سواءِ سُڌير جو پيءُ بہ تہ هت آهي اسان سان گڏ!.”، ڏنم سندس اکيون نم ٿي چُڪيون هيون، منهنجي پيرن هيٺيان زمين ٿي نڪتي ۽ هن جي اکين جا بند پڇي پيا، سُڏڪن ۾ پئجي وئي، مون ڪيس پرچائڻ چاهيو پر منهنجا لفظ چسا ۽ ڪوڪلا ها، مان ٻاڪي هئس، ڪوڙو دلاسو ڏيندي چيومانس: “سڀ ٺيڪ ٿي ويندو...... گهبراءِ نہ شانتي..........!!، مان آهيان نہ توسان گڏ.”

“بس ڪر خدارا بس ڪر...............!!.”

“شانتي مان ڪُوڙ نٿو ڳالهايان.......... تون يقين ڪر تہ..............

“مون ڪي تومان اها اميد نہ هُئي تہ ڪو..........

“تون غلط پئي سمجهين شانتي....... مان توکي سچي دل سان چاهيان ٿو.... دل جي انيڪ گهراين سان.............

“چا...........!!؟ هنن گهڙين ۾ بہ تون اهو چوڻ آيو آهين!؟.”

“شانتي تون غلط پئي سمجهين مان توکي دُکي نٿو ڏسي سگهان، مان تنهنجا ڏُک ونڊڻ آيو آهيان!.”

“بس بس....... وڏيڪ خيرخواهہ ٿيڻ جي ضرورت ناهي!، تون وڃين سگهين ٿو.”

“پر...........

“چيم نہ تون وڃين سگهين ٿو.” ۽ هن منهن پرتي ڦيري ڇڏيو.

ڪجھ گهڙيون رکي ڪيس چيم: “ڏس شانتي ٿڌي دماغ سان سوچ....... تون اجايو مون کي غلط پئي سمجهين مان تہ........

“تون اِهڙين حالتن ۾ بہ پنهنجي غرض پنهنجي ڪم سان آيو آهين!”، هن رڪائي مان چيو: “تون ڳوٺ ۾ اسان جي ڏک ۾ نہ آيو آهين ۽ جيڪو ماڻهوءَ مطلبي هُجي ان مان چڱائي جي ڪهڙي اميد تي رکي سگهجي؟؟.”

“شانتي ڏس مان مڃان ٿو تہ مون غلط انداز ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪئي آهي!”، چيومانس: “زندگي ۾ فقط ٺڳيون ڪيون آهن، حرامپاين تي مون پنهنجا ڪاروبار هلايا آهن، مون غريبن جو پيٽ ڪٽي پنهنجو پيٽ ڀريو آهي، مون رُڳي پاڻ پڌايو آهي منهنجو قد بنهہ ننڍو آهي پر مان هن گهڙين ۾ فقط.......

“تون سڌو چئو چوڻ ڇا ٿو چاهين؟.”

“شانتي انهي سڀ هوندي بہ مون فقط توکي چاهيو آهي سمورين سچاين سان!.”

“توکي خبر آهي تون چوين ڇا پيو؟؟.”، هن جي چهري تي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا رنگ لهڻ ۽ چڙهڻ لڳا، چيومانس: “ها شانتي مان توسان پريم ڪيان ٿو، توڙي جو انيڪ ورهيہ مون لوڙيو آهي پر هاڻ تون منهنجو سهارو مان تنهنجو سهارو.......

“مون کي ڪنهن جي بہ سهاري جي ضرورت ناهي.”

“پر شانتي...........

“مان نرمل جي غيرت آهيان ٻُڌي ڇڏ ضمير!!.”، هڪ نفرت واري نهار سان هن مون کي چيو: “تون منهنجي مدد ڪرڻ نہ تون پنهنجو مطلب پورو ڪرڻ آيو آهين.......... تون مطلبي آهين ڪوڙو فريبي.”

“بس بس شانتي.........بس!.”، چيم: “مان تہ تنهنجو........

“خاموش........!!.”، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي تي وئي ۽ انتهائي سخت لهجي ۾ مون کي چيائين: “بهتر اٿئي تہ هتان هليو وڃ مون کي وڌيڪ نہ ستاءِ مان اڳ ئي جام ستايل آهيان!.”

“پر.................

“ڏس مان نرمل جي عزت، نرمل جي غيرت آهيان!. تون ڀُليو آهين، جي مدد ئي ڪرڻي اٿئي تہ هي ڪئمپ ڏس سڄي ڪئمپ ڪيئن پئي تي ڀِڃي لاءِ لُڇي!!.”، ڪن رکي چيائين: “هنن سڀنيءَ ڳوٺ وارن جي مدد ڪر نہ خدارا!!.”

“شانتي مان تہ توکي..........

“مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي بس.”

“ٻُڌ شانتي مان صرف..........

“بڪواس بند ڪر!!.”، هن رڙ ڪئي جڻ رليف ڪئمپ وڃي وئي پر پاسي جا ماڻهوءَ ڇرڪي پيا ۽ غور سان اسان کي ڏسڻ لڳا، تڏهن هن سخت ۽ کهُري لهجي ۾ چيو: “مان هن اڏپوري امداد تي ڪئي ورهيہ ڏک ۽ ٻُک تي گذاري سگهان ٿي پر تو جهڙي خصيص ماڻهو سان گڏ ڪڏانهن بہ نٿي وڃي سگهان!!، ان ڪان اڳ جو ڪجهہ ٿئي تون هتان نڪري وڃ لالچي انسان!.”

مون آخري نگاهہ سُڌير تي وڌي ۽ واپس مُڙيس: “امدادي ادارن جي پئسن تي پلجندڙ رت چوس ڀونگي درندو!.”، سرگوشي منهنجي ڪنن ۾ هٿوڙا ٿي لڳي ۽ ڪنيل قدم بيهي ويم: “مون دنيا ۾ ڏوڙ پاتي آهي!، مون بس فقط وڃايو آهي شانتي.............!!.”، مون ڪنڌ ڦيرڻ بنان ڪيس چيو.

“تنهنجي مهرباني ٿيندي ضمير تون هتان هليو وڃ!.”، هن ٻئي پل ۾ چيو: “مون کي منهنجي دين ڌرم منهنجي ڏُک درد تي رهڻ ڏي!.”

شانتي مون کي ٻيو ڀيرو ڌڪاري ڇڏيو، اهو بہ اهڙين گهڙين ۾ جڏهن مون.........

ٿيلهو کُلهي ۾ هٽي مان تڪل قدمن سان ڪئمپ منجهان هليو آيس، انهيءَ رليف ڪئمپ مان جنهن ۾ ڪِن کي تہ امداد پئي ملي تہ ڪن کي ڌڪا ۽ ٿاٻا پئي مليا، جن کي ڪجهہ بہ نہ مليو، ڌِڪا ۽ ٿاٻا مليا تِن ۾ ضمير بہ هڪڙو هيو!!.

مان اسٽيشن تي هلندو آيس، سوچيندو آيس، لفظ من گهائيندا رهيا، منهنجو ڳوٺ نہ ٻُڏو هو، منهنجو وجود ٻُڏو هو، ٻوڏ ۾ شانتي پنهنجو سڀ ڪجهہ لوڙهايو پر ٻوڏ ڪان پوءِ رليف ڪئمپ ۾ مون پنهنجو سڀ ڪجهہ لوڙهايو هو، مون زندگي ۾ ڪجهہ بہ ڪين ڪمايو!!، مون پنهنجي گهڻ گهُريءَ، پنهنجا خيال خواب، پنهنجون چاهتون گُمان سڀ ٻوڏ ۾ وهائي ڇڏيم، آيو تہ ڪجهہ بچائڻ هئس پر واپس وريس سڀ لوڙهائي ٻوڙائي!!.

مون وڏنڊڙ اونداهيءَ ۾ريلوي ٽريڪ جي پرين پر وري نهاريو، هڪ فقيرياڻي هلي وئي هئي ٻي اجان تي سگريٽ جا سوٽا هنيا، ٿورو پريرو ڪن ماڻهن پتي راند تي ڪيڏي، سوٽ بوٽ وارو همراهہ منهنجي پر مان لنگهي اڳتي هليو ويو، سين کي جانچيم ڪنهن جي بہ مُنهن تي ڪا بہ بيچينيءَ، ڪوبہ اضطراب، ڪوبہ پڇتاءُ نہ هو، ڏنو مان هئس، ڏني سنڌ هئي!!.

مان دنيا جو اياڳو شخص آهيان، دل کي ڪو سُڪون ڪونهي، مُنهنجيون اڪيلايون اڄ وڌي ويون آهن، اڄ مان ڪُوڙ جي مڪر، فريب ۽ داڙ، ٻناڪ جي رنگين ڪوڪلي دنيا

مان ٻاهر اچي ويو آهيان، مان حقيقت جي جهان ۾ لُڇان پيو، جنهن ۾ سڀ ڪجهہ آهي پر شانتي نہ آهي!!.

لفظ من گهائيندا رهيا پر وقت نٽي ڪُتو، شهر ڏانهن ويندڙ آخريءَ گاڏيءَ نہ جاڻ ڪٿي گُم ٿي وئي هُئي، من ٿي چاهيو جنهن گاڏيءَ ۾ مون ڪي چڙهڻو آهي اُها گاڏيءَ مون مٿان چڙهي گُذري وڃي تہ بهتر آهي!!.

ڇوتہ مون ڪي گُم نہ ٿيڻو آهي، مون ڪي تہ دفن ٿي وڃڻو آهي.

* * * * * * * * * * * *

# گڏهہ نواز

ڪجهہ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ وري وٽس وڃڻ ٿيو،هميشہ جيئان اُڪير سان مليو ۽ سِرڪي پنهنجي پر ۾ جڳهہ ڏنائين، بئي پل رڙ ڪري ڪانگڙيءَ کي چانهن جي ہِن اڌڙين جو چيائين!!.

جڏهن کان مهانگائي وڌي آهي، چانهہ وارو ہِندرو ڪوپ پنج کان ڏهہ ۽ ڏهہ کان پندرنهن رپين تائين وڃي پُڳو آهي، تڏهن کان اسان پارن ڊينگهرن چانهن جي آڌيڪن ڪوپن جي صورت ۾ جڻ مهانگائيءَ جو مُتبادل ڳولي لڌو آهي!!.

پندرنهن رپين ۾ ہہ اڌ ڪوپ هوٽل واري کان وٺي پيئڻ ۽ گد گد ٿيڻ جڻ اسان جو معمول آهي!، گد گد ٿيڻ مان مُراد اسان انهيءَ سودي ۾ خوش آهيون باقي ڪي گهوڙا ناهيون تہ ڪي گڏهہ ہہ ناهيون، بس اسان فقط اسان آهيون ۽ انسان آهيون، جيڪي اجان تائين ڪجهہ ہہ ناهيون!.

چوتہ اسان مان ڪنهن کي ہہ پُڇ ڪونهي، اسان کي بس ہہ هٿ ہہ پير، ہہ اکيون ہہ ڪن، هڪ مٿو ۽ هڪ نڪ آهي جو ڪنهن ڪم جو ناهي!!.

آهي تہ وات ہہ ۽ وات ۾ موجود هڪ عدد زبان ہہ.......... پر وات گودو ۽ زبان گُم آهي تنهن ڪري اسان سيئي مٿو هٽي هٽي گهٽو ڪري آخر ۾ گد گد ٿيندا آهيون ۽ اهو ڪجهہ ڪندا آهيون جيڪو اسان کي ڪرڻ نہ کپي ۽ اسان اهو ڪجهہ قطعي نہ ڪندا آهيون جو اسان کي ڪرڻ گهُرجي.

معنيٰ اسان جو ڪجهہ ہہ ڪندا آهيون اهو سپ نہ ڪرڻ جهڙو هوندو آهي، جيئن هُوءَ پُر اسرار خواب ڏسندو آهي ۽ سوچيندو آهي انهيءَ خواب کي حقيقت ۾ ڪيئن لهجي؟؟ ۽ هُوءَ سوچي سوچي چُپ ٿي ويندو آهي، پنڊ پهڻ ٿي پوندو آهي ۽ پهرن جا پهر نہ ڳالهائيندو آهي، بس سوچيندو رهندو آهي ۽ پوءِ نيٺ تنگ ٿي موبائل فون ڪڍندو آهي ۽ ميسيج ڪرڻ لڳي ويندو آهي!!.

۽ پوءِ ميسيج اچڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ هُوءَ انهن کي پڙهندو انهن جا جواب ڏيندو ويندو آهي، ڪئي پهر لنگهي ويندا آهن، هُوءَ ڪنهن سان ہہ نہ ڳالهائيندو آهي ان پل هُوءَ بس ميسيجن سان ئي ڳالهائيندو آهي، نيٺ دُنيا جهان کان بي سُڌ ٿي پوندو آهي، ڊگها پاڇا ننڍيا ٿي ٻي طرف وري ڊگها ٿي ويندا آهن ۽ هن کي ڪل ئي ڪانہ پوندي آهي!!. هُوءَ بس اڻ ڏنل آگرين جا ٽائيپ ڪيل ميسيج پڙهندو ويندو آهي ۽ انهن آگرين ۽ اکين کي جواب

موڪليندو ويندو آهي، جن ڪي ڏسڻ جي جوت سندس من مان اچي اکين ۾ گهر ڪندي آهي!.

اُن مهل هُوءَ اصل مجنون ۽ ميهار لڳندو آهي!، ڏور ڪنهن ماڳ تي وسندڙ اڻ ڏٺل سُهڻيءَ، اڻ ڏٺل ليليٰ ڪي دل ئي دل ۾ سجدا ڪندي خوابن جي پيشانيءَ رڳڙي ڇڏيندو آهي، محبت جي ڪيل سجدن جي نشانيءَ سندس آڱرين جي ڇيڙن تي ظاهر ٿي پوندي آهي ۽ لڳاتار ميسيج ٽائيپ ڪرڻ ڪري آڱوٺي ۽ اشهد آڱر جي ڪُنڊن ۾ پيل گهُٻ هن ڪي محبت جي سجدن جا نشان لڳندا آهن ۽ پوءِ سندس حالت ڪنهن مجذوب جهڙيءَ ٿي پوندي آهي.

هُوءَ جنهن ڪي هيترا سارا ميسيج ڪندو آهي تنهن ڪي پنهنجي عشق جي ابتدا ۽ سندس ماءُ ڪي پنهنجي محبت جي انتها سمجهندو آهي ڇو تہ نہ هن ڪي ڪڏهن ڏٺو اٿائين نہ سندس ماءُ ڪي پر هُوءُ جڏهن ماءَ جي ڊپ ڪان ڪيس ميسيج ڪندي اوچتو ماٺ ٿي ويندي آهي تہ جڻ هي منزل تي پُڄندي پُڄندي رهجي ويندو آهي، انهيءَ ڪري سندس ماءُ ڪي پنهنجو ويري نہ بس پنهنجي عشق جي انتها سمجهندو آهي!.

ها هن ڪڏهن بہ ڪيس ڏٺو ناهي، عشق جي انڌ ۾ گُم هُوءَ بس فون تي فقط ميسيجن جا جواب موڪلي مست مجذوب ٿي پوندو آهي، مون سميت ڪيس بہ خبر ناهي تہ فون جي سامهون آخر ڪهڙيءَ هستيءَ آهي!؟.

سندس سوچڻ ۽ اڻ ڏٺل محبوب ڪي ميسيج ڪرڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا مصروفيت آهي تہ اسان وانگر ويني ويني واندا واندا سپنا ڏسڻ!.

اُهي نلها نوٽ سپنا هُوءَ ننڊ ۾ نہ ڏسي سگهندو آهي، ننڊ ۾ تہ فقط ۽ فقط هُوءَ محبوبا ڪي ڏسندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن محبوبا جي ماءُ ڪي باقي سڀ سپنا هُوءَ جاڳ ۾ پٽيل اکين سان ڏسندو آهي ۽ گُم ٿي ويندو آهي.

عشق جي خواب ۾ وڃائجڻ ڪان پهرين جاڳ ۾ هڪ پُراسرار سپنو هُن اسان سان گڏ بہ ڏٺو هو ۽ اُن سپني ڪارڻ ورهين ڪان ڪيس ڪئي دربدريون ۽ رولاڪيون سنگت جي سات ۾ ڀوڳيون پيون پر وريو ڪجهہ بہ ڪين ۽ مُرڳو پُراسرار خواب سندس ٻين سپني خوابن تي ڇِترون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ لڳو آهي، پر هن اڃان خواب ڏسڻ جي آس نہ ڇڏي آهي ۽ اسان هن سان گڏ آهيون ۽ هُوءَ اسان سان گڏ آهي.

اصل ۾ انهيءَ هڪ پُراسرار سپني ئي اسان ٽنهيءَ ڪي ملايو آهي جيئن چنڊو چنڊي ڪي سئو ڪوهہ تي ڀِولي لهي!!.

ها اسان ائين هڪٻئي کي ڳولي لڌو آهي.................. هُوءَ، مان ۽ پيرل پرديسي!!.

اسان ٽئي سنگتي اُن سپني جي سُڄ ۾ رُليا پيا آهيون ۽ جُدا تي نہ سگهيا آهيون ڇوتہ اهو سپنو اسان ٽنهي جو اجتماعي سپنو آهي، انهيءَ جي ساپيا اسان جي اجتماعي ساپيا آهي، انهيءَ جو ڏک اسان جو گڏيل ڏک آهي، باقي محبوبن جا خواب اسان ڌار ڌار ڏسندا آهيون، هُن جي محبوبا حيدرآباد جي هوائن جهڙي دوشيزه آهي تہ منهنجي محبوبا مون وانگر موڳي آهي تہ پيرل پرديسي جي محبوبا جنت جو ڪو غلمان آهي!!.

فرق بس اِهو آهي باقي پيرل پرديسي گهڻو ڳالهائيندو آهي، مان ڳالهائي نہ سگهندو آهيان ٻُڌي سگهندو آهيان سو ٻُڌندو آهيان، سوچي بہ نہ سگهندو آهيان جو سوچڻ سان مٿو اصل لاٽون وانگي ڦيريون پائي ڦِري پوندو آهي باقي هُوءَ ٿي ڪجهہ وڌيڪ سوچيندو آهي جو اها بيماريءَ نندپڻ جي اٿس. ويني ويني سوچن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندو آهي ۽ وري اوچتو ڳالهائڻ شروع ٿي پوندو آهي، پل ۾ پاتال پيهي ويندو آهي تہ پل ۾ مٿاڇري تي تريءَ ڪک پن وانگر نروار ٿي پوندو آهي.

اڄ هن ڪجهہ سوچڻ کان سواءِ معمول جي اُبتڙ ڏکهيءَ خير عافيت ۽ حال احوال وٺي هڪ وڏو ۽ نہ کُٽندڙ سبق ڏيڻ شروع ڪيو، چوڻ لڳو: “پاٽولي گهڻا ماڻهوءَ ادب نہ پڙهندا اٿئي تنهنڪري ادب بہ نہ ڪندا اٿئي!!.”

مان رُڌ مغز نہ هئس، مان مٿر يا هنداڻو بہ نہ هُئس، منهنجي مغز ۾ ٻُهہ بہ پريل نہ هُئي، منهنجو مٿو صفا خالي هو پر مان منُجهي پيس، هُوءَ چوڻ لڳو: “ها پاٽولي گهڻا ماڻهوءَ سچ ادب نہ پڙهندا اٿئي، شاعري نہ پڙهندا اٿئي، ڪهاڻيون قِصا، چوٽيون پهاڪا ايتري قدر جو تاريخ بہ نہ پڙهندا آهن.......... فقط نِصاب ۽ حساب ڪتاب پڙهندا آهن، ليڪو چوڪو پڙهندا آهن اُهي ۽........... ۽ ٽڪي پوڻ کان پوءِ نماز پڙهندا آهن اُهي!.”

پائنيم چريو ٿي پيو آهي، ڪل ٽِڙي پئي اٿس، چالو پُرزو ٿي پيو آهي، اڻ ڏٺي عشق ۽ پُر اسرار خواب جي رولاڪين پويان رُلندي يا محبوبا جي ماءُ نند جي خواب ۾ ڪي دڙڪا ڏئي هاڻ وجهي وئي اٿس!،: “ڪجهہ نہ ڄاڻندا آهن اِهي..............”، چوڻ لڳو: “اهي گهڻا ماڻهوءَ گهڻو ڳالهائيندا آهن، گهڻو ڪمائيندا آهن، گهڻو ڪائيندا آهن ۽ گهڻو جيئندا آهن پر اصل ۾ اهي پل بہ نہ جي سگهندا آهن ۽ هڪ ڏِکهي عمر ماڻڻ کان پوءِ اهي گهڻا ماڻهوءَ وڃائجي ويندا آهن، ڍير ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ مِٽيءَ ۾ مِلي مِٽيءَ سان مِٽيءَ ٿي ويندا آهن، ائين گُم ٿي ويندا آهن جڻ ڄاوا ئي نہ هئا ڪڏهن!!.”

لڳم سندس ڪو سپنو مري پيو آهي، يا محبوبا جي ماءُ سندس ڪنهن سپني جي مٿان چڙهي وئي اٿس، حيرانيءَ مان چيومانس: ”ڇا ٿيو آهي توکي؟ اڄ هي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين تون پيرل پرديسيءَ جهڙيون!.“

”پاٽولي سچ ٿو چوانءِ!.“، هن منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو ۽ چوڻ لڳو: ”ڏٺو اٿئي قبرستان جي بي نام قبرن منجهہ ڪئي ماڻهوءَ سٺجي صدين ٿائين بنان ڪنهن نام نشان ۽ سُڃاڻپ جي بي سُڌ سُمهيا پيا هوندا آهن؟، اهڙا گهڻا ماڻهوءَ عجب ۽ حيرت ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهن پاٽولي........، پر ڪي ٿورا ماڻهوءَ ادب پڙهندا آهن، زندگي پڙهندا آهن، سچ پڙهندا آهن، سُونهن پڙهندا آهن، قُدرت پڙهندا آهن، فطرت پڙهندا آهن، ڪين دل جي ديوانگيءَ ۽ عقل جون اڪيون عطا ٿيل هونديون آهن.“

”پر ايل.پي.سي...........!“، سندس پورو نانءُ لاهوتي پرمانند چوٿيال ڪٽڻ بجاءِ مون رڙ ڪري سندس Short نانءُ ڪنيو پر هُن منهنجي ڳالهہ ڪٽي ورتي ۽ چوڻ لڳو: ”اِهي ٿورا ماڻهوءُ لوڀ لالچ پالي نہ سگهندا آهن.“

”لڳيم ٿو ڪنهن سپني ڪي دفنائي آيو آهين!.“، مون سندس اکين ۾ ڪنهن مُئل خواب جو وچايل تڏو ڏسندي چيو پر هُن منهنجي نوڙهہ تي پنهنجي آڱرين جو ٺونگو هنيو ۽ چوڻ لڳو:”اهي ماڻهوءَ ٿورو ڪمائيندا آهن، ٿورو ڪائيندا آهن، ٿورو جيئندا آهن ۽ جلد اُڏاميءَ ويندا آهن!!.“، ڪن رکي وري چيائين: ”چوتہ اهي پل پل ڪي جي ويندا آهن ۽ پوءِ صدين تائين جيئندا ويندا آهن ۽ صدين تائين جيئندا رهندا آهن، ڪڏهن بہ نہ مرندا آهن ۽ نہ مري سگهندا آهن، انهن ٿورن ماڻهن ۾ سچل، ساميءَ، بلاول، عنايت، پٽائي..................

”پر لاهوتي............

”ها پاٽولي اهي ئي ٿورا انسان صدين تي ڀاري آهن، باقي گهڻن مان مڪليءَ جو قبرستان آهي جنهن ۾ هزارين قبرون صدين ڪان اجان تائين پنهنجا پنهنجا وارث ڳولين ٿيون!!.“.

هُن هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ۽ مون بي چينيءَ ۽ بيزاريءَ ڪي پاڻ مٿان ڪنوڻ جيئان ڪرندي ڏٺو، پيٽ ۾ مروڙ جهڙي مريض وانگر، هر هر پاسا ورائڻ لڳس، تڏهن اوچتو هن ڪي ڪجهہ ياد آيو ۽ پنهنجو Non stop سبق اڌ ۾ ڇڏي رازداريءَ سان چيائين: ”بُڌ پاٽولي هڪ اُگري خبر آئي آهي!.“.

”اُگريءَ خبر...........!!.“، حيران ٿي پيس.

”ها اُگريءَ خبر آهي انتهائي.“، هن منهن ناهيندي چيو.

”ڄاڻان ٿو!.“، چيم: ”ڄاڳ جو ڏنل ڪو سپنو رسو ڄڻائي ڀڳو هوندئي!.“.

“اڙي ڇتو انڪشاف اٿئي!.”، هن چيو: “ٻڌندين تہ صفا ڇتو ٿي پوندين!.”.

“انڪشاف!.”، پڇيومانس: “ٻڌاءِ ڪهڙو آهي انڪشاف؟”، مان ذري تي ٻڌتر ۾ پئجي ويس لڳم مون وارو سنگتيءَ داناءُ مان ديوانو ٿي پيو آهي اڄ..... جو اهڙيون اُبتيون ڳالهيون ڪندي وري وجهہ ڏسي هُن مون کي چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪئي، پرتي ڏڪيندي چيومانس: “گڏهہ نہ ٿيءُ ايل. پي. سي!!.”.

“مان گهوڙو ٿيڻ پسند ڪندس ويرا!.”.

“پوءِ راڄ توکي رُپئي ۾ ئي وڪڻين ڇڏيندو پُوڪ.”.

“گهوڙي کي وجهہ گهاٽي ۾ تون انڪشاف ٻڌ..............”.

“گهاٽي ۾ گهوڙو نہ گهڙندو!.”، چيم: “بلاول گهڙندو، تون گهڙندين ۽ مان گهڙندس!.”.

“جذباتي نہ ٿي مقاميءَ غير معروف اداڪار!.”، هن چند پٽيندي چيو: “انڪشاف ٻڌ تہ اڄ ڪان ڪئي ورهيہ اڳ وتائي فقير سچ چيو هو!.”.

مان موڳو اڳي ئي هئس ويتر مُنجهي پيس، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو، وات پٽي ڪيس ڏسندو رهيس، هُوءَ مُرڪي رهيو هو ۽ مان سوچڻ لڳس تہ وتائي ڪهڙو سچ لاهوتي کي چيو آهي!!.

مٿي کي اصل پنواٽي اچي وئي، ڪوپڙي بجلي جي ميٽر وانگر صفا تيز گهُمڻ واري هئي تہ اوڏي مهل ياد آيم وتائي تہ سڀ سچ ئي چيو آهي!!.

پر ايل.پي.سي کي اڄ وري وتائي جو ڪهڙو سچ وڻيو آهي!؟، مٿو لاٽون وانگر گهُمي گهُمي بيهي رهيو پر ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيم، جڏهن ڪجهہ بہ دماغ ۾ گهِڙي نہ سگهيم تڏهن ڪائنس پُڇيم: “ڇڏ يار وتائي کي!، آرام ڪرڻ ڏي هن کي، تون ٻڌاءِ انڪشاف ڪهڙو آهي؟”.

“اهو ئي تہ انڪشاف آهي!.”، هُن وري نوڙهہ ۾ نونگو هٽندي چيو: “مون کي خبر پئجي وئي آهي تہ وتائي سچ ئي چيو هو!، تون، مان، پيرل ۽ پاڻ جهڙا بيا بہ اهڙا ڪئي ڪجهہ بہ ڪٽي ڪن پر ورندو ڪجهہ بہ ڪين چو تہ وتائي سچ ئي چيو هو جو.”.

“ڇا مطلب؟”، سمجهي نہ سگهيم تہ پُڇيومانس.

“مطلب پاڻ ڍينگهر آهيون ۽ پاڻ ڍينگهر ئي رهنداسين!.”.

“پائنيان ٿو اڄ وري ڪيلي جي ڪل تان ترڪيو آهين يا تو واري مستانيءَ کي ماٽس وري دٻ ڪئي آهي ڪا!!.”.

“نہ ويرا........... ترڪيو ناهيان ٽاپو ڪاڏو اٿم.”، سندس مُنهن لهي ٻليءَ جي ٻچي جهڙو ٿي پيو.

“چو وري ڪا اڌوري آس من جي ونواهہ مان اٿاري اٿئي يا ڪو سپنو يتيم ٿيو اٿئي!؟”.

“اسان جي سپنن ڪي چاهي!.”، هن ڳنڀير ٿيندي چيو: “اسان جا سپنا تہ آهن ئي يتيم ۽ بي سهارا پاٽولي!، جيڪي ساپيائن لاءِ نہ پر مرڻ لاءِ جنم وٺندا آهن.”.

“پر ٿيو ڇا آهي ايل.پي.سي؟؟.”، پڇيومانس.

“پاڻ محترم نہ هئاسين، پاڻ محترم نہ آهيون، پاڻ محترم نہ ٿي سگهيا آهيون ۽ پاڻ ڪڏهن بہ محترم نہ ٿي سگهنداسين پاٽولي!!.”.

“اڄ چوين ڇا پيو تون؟؟”، صفا پريشان ٿي پيس، ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آيم، چيومانس: “ياڻو طبيعت تہ ٺيڪ اٿئي؟؟.”.

“مان سئولو آهيان ويرا.......... پاڻ سچ محترم نہ ٿي سگهيا آهيون بس.”.

“پوءِ اهو ڏک اٿئي اڄ؟.”.

“ڏک اِهو نہ اٿم........... ڏک تہ اهو اٿم وتائي سچ ئي چيو هو!.”.

“اوهہ خُدايا.......!!.”، هُن کي کِهہ ڪرڻ جي عادت هُئي، بيزار ٿيندي چيومانس: “يار ايل.پي.سي............. سچي ڪو ايل.پي.سي آهين!!، ٻيليءَ وتايو تہ وتايو هو نہ آخر پلا رت چو ٿو پيين!.”.

“ها تڏهن تہ چوان ٿو تون مڃ وتائي جي ڳالهہ.”.

“يار وتائي تہ انيڪ سچ چيا آهن.”، چيومانس: “تون آخر وتائي جي ڪڏهن چو لڳو آهين اڄ؟، آخر وتائي جي ڪهڙي سچ جي پُنيان پيو آهين اڄ؟؟.”.

“اوهہ پاٽولي............. تون تہ صفا ڪو منگهڻ آهين يار!.”، هُوءَ بيزار ٿي پيو ۽ چيائين: “ميڄالو نہ اٿئي مغز ۾!!.”.

مان مُنهن ميسڙو ڪري ڪيس نهارڻ لڳم، تڏهن ڪن رکي هُن چيو: “ٻيا سچ ڇڏ وتائي جا ويرا............ ها رڳو اهو سچ ڳول جنهن ۾ سندس انڪشاف آهي!.”.

“يار وتائي جي تہ مون کي هر ڳالهہ سچ لڳندي آهي.”، سندس فلسفو منُجهيل هو ۽ مان تہ اڳ ئي منُجهيل هئس سو ڪجُهہ بہ نہ پئي سمجهي سگهيم، چيومانس: “سنئون ڳالهاءِ يار!، تنهنجون هي رُڌ مغز ڳالهيون منهنجي معصوم دماغ ۾ نٿيون گهڙن!!.”.

“فارسي ۾ پيو ڳالهايان؟”، هُن چڙٻ ڏني، مُنهنجيون اکيون چنجهيون ٿي پيون: “سئولي سنڌي توکي سمجهہ ۾ نٿي اچي نادان!!؟”، ۽ هن ڏکهو شوڪارو هنيو، سمجهي

ويس سوچ جي ڪُن ۾ غرق ٿيڻ لڳو آهي، ان ڪان اڳ جو هُوءَ پهرن جا پهر سوچن ۾ ٻُڏي پوي، ڪُڪ وارو هڪ گهوڪو وهائي ڪڍيومانس، ڪنڌ لوڏي هوش ۾ اچي ويو: "يار..................!!." وري ايترو چئي چُپ ٿي پيو، آگر اُيي ڪيم، ٻئي گهوڪي جي سٽ سهڻ نہ هئس جو تڪڙو چيائين: "يار پاڻ واري سنگتيءَ پيرل پرديسيءَ جي جمار چڙهي وئي اٿئي!!."

مان تعجب وچان ڪيس گهورڻ لڳس، هن ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو تڏهن چيومانس: "اڙي چا تي چڙهي وئي اٿس جمار؟؟، گهوڙي تي!؟، گڏهہ تي يا ڪنهن وڻ تي!؟؟."

هن هٿ جون تريون مهٽيندي چيو: "اڙي پاٽولي پيرل پرديسيءَ هن سال مُدي خارج ٿي پيو آهي يار!."

"چا پيرل پرديسيءَ مُدي خارج ٿي پيو آهي!؟."، پُڇيومانس: "پيرل پرديسيءَ ٿيو ڪي ڊسپوزايبل سِرنج!!."

"يار تون پي نہ صفا ڪو...."، هن بيزاريءَ مان چيو: "پيرل پرديسيءَ over age ٿي پيو آهي!."

"اوور ايج!!."، چيومانس: "چا تو چئين يار!، اجان تہ پيرل چڙو آهي، ڪو عشق بہ تہ نہ ڪيو اٿس!!."

"هاڻ هُوءَ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندو پاٽولي."

"چو ڪجهہ نہ ڪري سگهندو؟، هُوءَ جو پاڻ سان گڏ خواب ڏسندو!."

"اِهو ئي تہ ڏُک اٿم هُوءَ پاڻ سان گڏ هاڻ ڪي بہ خواب نہ ڏسندو!."، ڪن رکي هن چيو: "پيرل جي مت مري وئي آهي پاٽولي."

"مت مري وئي آهي!"، چيم: "چا مطلب دل ۾ ڏڪ لڳو اٿس يا صدمي ۾ پيرل............

"اڙي پيرل چِتو ٿي پيو آهي!."، هن ميز تي هٿ سنوان ڪندي چيو: "پيرل پاڳل ٿي ويو آهي."

"يار مون کي تہ تو ۾ شڪ پيو لڳي!!."

"نہ پائو............. مان سالم آهيان پر پيرل پرديسيءَ..............

"پر پيرل کي چا ٿيو آهي آخر؟؟."، مان صفا چِڙي چِتو ٿي پيس، چيم: "ٻُڌائين تو يا مان رڙيون ڪريان؟؟."

"يار چوان تہ پيو پيرل جي ڪل ٽِڙي وئي آهي چو تہ رات مون ڪيس اهڙي حال ۾ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي جو ديوانگيءَ جي حالت ۾ هُوءَ مون وٽ آيو ۽ سيٺ لوٽا رام جي پُٽ مُچو مل کي انيڪ بي ڊنگيون گاريون ڏئي بنان سُڌ ٻُڌ جي هليو ويو."

“پر مُڇو مل سندس ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟؟”.

“اڙي مُڇومل چا!، هُن تہ رات رئيس زوربخش ۽ سندس چوري جا بہ لاهہ ڪڍي ڇڏيا!”.

“اڙي........ چوين چا تو؟”.

“ها ادا سچ تو چوان پيرل ڄڃتو تي پيو اٿئي، صفا ڪوپڙيءَ گهُمي وئي اٿس، دماغ جا سڀ پُرزا پنهنجي پنهنجي جڳهہ تان ڍِلا ٿي هِلي ويا اٿس، اصل ڏاڪي تان لهي پيو آهي همراهہ”.

“پر ڪالهہ تائين تہ.....................

“اوهہ منگهڻ............ هتي تہ منٽن ۾ فيصلا ٿيندا آهن!”.

“پر ايل.پي.سي.......................

“ويرا ڏوهہ پيرل پرديسيءَ جو ناهي يار!”.

“پوءِ ڪنهن جو ڏوهہ آهي؟”.

“سڀ الله جي وس آهي يار!، جنهن کي وڏيس تنهن کي نوازي!!”.

“اڙي الله ڪو رئيس، پوتار يا ڪو اسيمبلي ميمبر تہ ناهي جو جنهن کي وڏيس تنهن کي نوازي!؟؟”، احتجاجن ڄڙندي چيومانس: “اسان بہ تہ الله جا نيڪ ٻانها آهيون توڙي جو ڪجهہ..............

“اوهہ پاتولي تون تہ صفا ڪو ڄمنيءَ آهين يار!!”، هن بيزاريءَ مان چيو: “پر خير ڏسجانءِ هاڻي پيرل پرديسيءَ ڪڏهن خواب بہ نہ ڏسندو ۽ نہ ئي پاڻ وانگر ڪڏهن نوڪرين جا اشتهار ميڙيندو........ هاڻ هُوءَ فقط انڪشاف ڳوليندو!!!”.

“ڇڏ يار تو واري رام ڪهاڻي مون لاءِ تہ درد هاڻيءَ تي پئي آهي”، بيزار ٿيندي چيم: “لڳيم تو پيرل پرديسيءَ وانگر مان بہ ڪِريڪ ٿي پوندس!!”.

“تو جهڙا ڊِينگهر ڪريڪ ئي ٿي پون تہ بهتر آهي”.

“او ايل.پي.سي..........!، تون پنهنجي هن نِيهي اندر ئي رهہ، وڌيڪ اسان کي پنهنجي عقل جو آچار نہ ڪاراءِ نہ تہ...............

“مان نِيهيءَ ۾ نہ رهندس پاتولي!”، ڏيرج سان چيائين: “مان بازار ۾ رهندس بازار ۾ ويرا!!”.

“تہ پوءِ وڃ مر بازار ۾!”، مان صفا ڄڙي ڄتو تي پيس، مٿو گهُمي ويم ۽ ڪاوڙ مان وڃڻ لاءِ اٿيس پر هُن ٻانهن کان جهلي ورتو ۽ ڪن ۾ پُٽڪو ڪري ڪجهہ چيائين.

پائنيم مذاق تہ ڪري پر نہ هُن جي اکين ۾ ڪو سپنو نہ هو، هُن جون اکيون سپنن کان خالي هيون، ها اهو ڪو ڪوڙ نہ هو، هُن مون کي ڌونڌاڙيندي چيو: “ها ويرا پاٽولي هٽ ائين ئي ٽيندو آهي تنهن ڪري توهان کي بہ....................

وڏيڪ سندس ڪا ڳالهہ سمجهي نہ سگهيم، ائين محسوس ٿيو جڻ مُدي خارج ٿي پيو آهيان، اوور ايج، ايڪسپائر.............

هُن پنهنجي ٻنهي هٿن سان مون کي جنجهوڙيو: “پر يار مُچومل تہ پنج درجا مس پاس آهي!؟”، انتهائي مايوسيءَ وچان ڪيس چيم.

“ها جانيءَ........!!”، هُن لاپرواهيءَ مان چيو: “پوٽار وارو لاڏلو تہ انون بہ فيل آهي!!.”.

“معنيٰ پاڻ سيئي انهيءَ نوڪري کان بہ وياسين؟؟.”.

“پنهنجو خير آهي ويرا............. پهنجا اجان بہ چار سال پيا آهن پر پيرل پرديسيءَ جو سوچ جيڪو ڪريڪ ٿي پيو آهي هي سڀ ڪجھ سُٽي!!.”.

“پر يار.............

“پر ڪي هڻ گولي ۽ ڪو فڪر نہ ڪر بس رُڳو وتائي واري سچ کي تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر!.”.

“وتائي جو سچ.........!!!؟؟.”.

هُن منهنجو مغز ئي ڦيرائيءَ چڙيو، وائڙو ٿي پيس مان، حيرانيءَ مان پُڇيومانس: “ڪهڙو سچ وتائي جو؟؟.”.

“يار اِهو ئي تہ الله سائين گڏھ نواز آهي!!!.”، هُن اک هڻندي چيو: “اچ تہ گڏھ ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ عمر چڙهڻ کان پهرين نوازجي وڃون!!.”

هُوءَ مون کي ڏسي مُرڪڻ لڳو ۽ مُنهنجي ڪنن ۾ گڏھ جي هينگن جو آواز آيو، مون هڪ نظر ڪيس ۽ پاڻ کي ڏٺو ۽ ٻئي پل چرڪي پيس.

* * * * * * * * * * * *

# اڪين جا انجام

ٻار اگهور ننڊ ۾،
پر مولوءَ جي وڻيءَ جي آس اڪين ۾!!!.
آڌيءَ رات، ڦُڙ ڦُڙ اگڻ تي، ڇپر جو ٽِمڪو، هُرڪُر ۽ مولوءَ جي ٽانگهه!!، هُوءَ پل اگڻ تي پل ڇپر ۾ جو تہ اڪين جي اڪين ڪي ڏنل پڪ دل جي لاءِ وڏو پرمان هوندي آهي پر اڄ پرمان ٽُٽو تي، جڻ ڪوئي ارمان ٽُٽو تي!!.
ڪوئي ڪڙڪو، ڪوئي شپڪو ٻُڌڻ جي حسرت پر نہ دُور اونداهيءَ رات ۾ سواءِ برسات جي ڪجھ بہ نہ......................
اڄ پورو چوڏهون ڏينهن هو مينهن وسندي، ٻنيون ٻارا، گهر پاڙا، ڳوٺ، ڳس، پنڌ پيچرا سڀ پاڻي پاڻي لڳا پيا ها جو تہ گذريل چوڏنهن ڏينهن کان مِينهن مُهڙ نہ متايو هو، روز ڏينهن جي ٻنپهرن جو اچي نڪاءُ تي ڪيائين. لنگهہ لانگاها جل ٿل ڪري سنجها ويلي پُڻ پُڻ تي وجي تي بينو ۽ پوءِ ابوجهن جا ڇپر، منهہ پئي ساري رات ٽِم ٽِم ۾ ٽُڪيا!!.
هُوءَ اڄ پرهہ ڦٽي جو گهران نڪتو تہ ساجهر ئي گهر موٽي آيو، اجان سج بہ تي ڪانا مس ئي چڙهيو هوندو پر جُهڙ ۾ خبر ڪانہ تي پئي، هُوءَ ڇپر ۾ اچي بينو جيڪو رات کان وٺي هنڌان هنڌان پئي تي ٽِميو، هن هڪ نظر ٻارن ڪي ڏنو جيڪي گذريل ٽِن ڏينهن جي بُک کان ڪِنجهن ۽ ڪٽڪن پيا.
هن ڄاتو تي مِينهوڳيءَ جي مُند ۾ مزدوري تہ ڪا ملڻ مُشڪل آهي جو تہ هر ڪم برسات سبب بند آهي پر سندس گهر ۾ گذريل ٽِن ڏينهن کان چُلهہ نہ ٻري آهي!!.
چُلهہ ٻري بہ ڪيئن؟؟.
گهر ۾ نہ صرف مِينهن جو پاڻي آهي پر غُربت جي ڳوڙهن بہ هن جي گهر جي چُلهہ ۾ ڪاهيو آهي پر غربت تہ اڳي ئي هئي هينئر تہ سُڃائي جي بارش ڪاهي پئي هُئي، مسلسل چوڏنهن ڏينهن جي برسات سندس روزي تي لت ڏني ۽ واندي ويهڻ ڪري سندس ٻار بُک تي اچي ويا.
برسات کان پهرين هِن جو پي ڪمايو هو سو يارنهن ڏينهن مِينهن جا مس ئي تڳي سگهيو ۽ هاڻ گُذريل ٽِن ڏينهن کان هُوءُ، جوٽس، ٻار، بُک، بيوسيءَ ۽ مِينهن، ڪِنوٽيون، ڪڙڪات ۽ ڇپر جو ٽِمڻ گڏ هُيا!!.

پيءُ کي خالي هٿين ڏسي ڪجهہ سمجهہ پريل ٻارن جي مُنهن جو ٻِنو لهي ويو، هڪ ٻِن روئڻ شروع ڪيو تہ ننڍڙي ٻہ دانهن ۾ پئجي وئي، اِهو سڀ هِن جي برداشت کان هاڻ مٿي ٿي پيو هو، هن خالي نگاهون ڪٽي ونيءَ جي مُنهن ۾ ڏٺو، سندس جمي پٿر ٿي ويل اُداس اکين ۾ ٻُڪ بدران هن کي جڻ رت نظر آيو، هن ڄاتو ٿي پيءُ کان وڌيڪ ماءُ جي دل شفيق، مهربان ۽ پاٻوهہ سان ٿُنتار هوندي آهي ۽ ماءُ ئي پنهنجن ٻچن جي اهنجن کي، ڪنهن بہ حالت ۾ برداشت ڪرڻ جي سختيءَ سهي نہ سگهندي آهي، هن هڪ وار ورِي ٻارن ڏي ڏٺو، دانهون، ڪُوڪُون، ٻُڪ ۽ مِينهن، گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ!!.

ٻنيون ٻارا جل ٿل، تر، پاڙا، تعلقا، ضلعا، آسو پاسو پاڻي ئي پاڻي!!، مزدوريءَ بند، ڪم ڪار سڀ خلاص جڻ زندگي راڪاس!!.

هن ٻيهر ڪنڌ ڦيري گهر واريءَ ڏي ڏٺو، جوٽس جون نظرون سندس هٿن ۾ ۽ سندس هٿن ۾ فقط پُراڻي زنگيل ڪٽيل ننڍي گِن واري ننڍي لُنڊي ڪُهاڙيءَ!!.

جوٽس اکيون مٿي ڪنيون، هن جون نگاهون سندس نگاهن سان ٽڪرايون، هن کي لڳو جڻ سندس هانءُ ڦاٽي پوندو نہ تہ پڪ زالهنس جو هينيانءُ ڦاٽي پوندو!.

اُن کان اڳ جو برسات جي سٽيل غريب جي جُهريل جهُوپڙي ۾ ڪو غريب هانءُ ڦاٽي پوي هُوءَ انهن ئي پيرن تي پوئتي وريو، ڪچو اڱڻ سمورو گپ چِڪ جنهن ۾ گِرچڪ گِرچڪ ڪندو هُوءُ هليو آيو گهِٽيءَ تائين.

هيٺ گهِٽيءَ ۾ گوڏي جيڏو پاڻي ۽ گهِٽيءَ جي مُهڙ ۾ پيل وٿاڻ جي ياڻ انهيءَ گوڏي جيڏي بينل پاڻي کي اهڙو رنگ بخشيو جڻ ڪوڪا ڪولا واري بوتل جو تلاءُ!!.

هُن ور ڪنيا ۽ گهِٽيءَ ۾ ڪاهي پيو، ڪُهاڙي هٿ ۾ شڙپاڪ شڙپاڪ ڪندو پاڻيءَ مان روڊ تائين ڪاهي آيو. گهر جي چِپر مان سندس واپس ورڻ زخمي شينهن وانگر هو، جوٽس ڄاتو ٿي هاڻ هُوءَ خالي هٿين نہ موٽندو ۽ اويل سويل نہ تہ بہ سانجهيءَ ٽاڻي ضرور سرلاءُ ٿيندو، اهڙيءَ سُٽڪ ٿيندي ئي هُوءَ روئندڙ ٻارن کي پرچائڻ ويني ۽ ٻارن کي آٿتون ڏيندي سندس اکين جا بند ڀڄي پيا.

روڊ تي رسي هن دم پٽيو، ڪا گهڙيءَ پنهنجي مُنهن بينو سوچيندو رهيو ۽ پوءِ وڏيري پورل ڏي لنگهي ويو، عرض ڪيائين، ايلاز ڪيائين، منٿ ميڙ پر وريو ڪجهہ بہ ڪين!!.

هي چئي مزدوري ڏي ڪائي، وڏيري جو چوڻ ڪوئي ڪم ناهي، ٻنيون ٻارا تار لڳا پيا آهن ڪم جي مُند ئي ناهي.

ايلاز، پنڪا، مِنٿون ۽ پوءِ ميارون پر سڀ ڪجهه بيڪار!، خالي هٿين وري موٽيو، گهر ڏي نہ پر ڪنهن ٻي واهہ.

سڄو ڏينهن ڀٽڪي ڀٽڪي گذري ويس نہ صبح ڏٺائين نہ ساهہ پٽيائين، ڪائي مزدوري نہ مليءَ نہ ڪٿان ڪنهن اوڌر جي اميد سُرهائي ٻٽي.

مامي وٽ آيو ٻن چڙٻن ڇني وڌس پر ڪُڇيو ڪجهه بہ ڪين، مامي پُونءِ پُونءِ ڪيس پڳو چاچي ڏي؛ "چاچا او چاچا........... منهنجا ٻچا ٽِن ڏينهن کان بُک تي ويٺا آهن!!."

"لنگهڻ مرو ٿا تہ پوءِ مان ڇا ڪيان؟؟"، هڪ رهڙ هزار رهندبن ڪي جنم ڏنو، چانهہ جي چارٽيءَ جيئان ٽُنگ ٽُنگ تي پيو، من پروڻ واپس وريو، جوٽس جو رت ڳاڙيندڙ اکيون هُري آيس، ٻارن جون دانهون درد ٻڌجي پيس، سوچن ۾ گُم، دردن ۾ دفن، هر قدم اڳتي نہ جڻ زمين جي تهن ۾، قبر جي اونهائين ۾!!.

ڪنهن ٻانهن کان جهليس تہ ڇرڪي پيو، يار سُڃاڻي ٿڌو ساهہ پريائين، اکر ڪو اُڪلي نہ سگهيو، دوست چيس: "من ملول ڇو آهين؟".

ٻانيائين دوست درد ٿو اُڪيلي.............. لڳس هينگون ڪري روئي پوندو پر نہ رُنو نہ، خالي هٿين خالي اکيين گُلوءَ کي ڏسڻ لڳو.

"ٻچا پيٽ بُکيا اٿئي؟؟"، سوال جنهن سندس دل ۾ ڏڪ هنيو پر وري بہ ڪُڇيو ڪجهه بہ ڪين!، ڪنڌ ڪي پل هيٺ تہ ڪي پل آسمان ڏي ۽ مياري اکيون بادل ۾!!.

بادل ڇوي ٻوڙيندس ٽوڪي، هِن جي نگاهہ جو جواب: جِيئڻ جا جتن ڪندس مان!!.

"من..............!!."، گُلوءَ جو آواز جڻ پاتال مان ڪهيءَ ايندڙ.

"من دل نہ لاهہ هي وقت بہ گُذري ويندو!."

"گُذرڻ ڪان تہ وقت سڄو ئي گُذري ويندو پر هي درد...........!!"، ڪن رکي هن چيو: "پر هي درد پيي گُذري وڃي تہ........ ڪاش درد دفن ڪري سگهجن ها!."

"ايڏو مايوس نہ ٿِيو آهي!."، آٿت ڏيندي همدردي مان گُلو چيو: "منا هي ڏينهن بہ گُذري ئي ويندا."

"ڏينهن گُذرڻ ڪان پهرين شال هي مِينهن گُذري وڃن!."

"من اڄ مِينهن اچڻ ڪان پهرين تون سيٺ رفيق جي پيدهي تي وڃ!"، گُلو چيس: "سندس پُٽ مختيارڪار آهي ٻُڌو آ سرڪاري امداد جي ٽرڪ اچي تي اٿي، خالي هٿين تہ نہ موٽندين!."

"سرڪاري امداد جي ٽرڪ!!."، هن تجسس مان چيو.

“ها من........ ڀُڻڪا واڪا تہ نہ ڪر!.”.

“پر اِهو تہ.............

“بس تون وچ اتي ہہ چار ٽيلها ورهائيندا.”.

“ہہ چار ٽيلها؟؟.”.

“ها من ڀيو سيٺ پاڻ ورهائيندو بعد ۾!!.”.

مرندڙ آس جي آخري هڏڪيءَ، آخري سُڏڪو، آخري ڪرٽو ۽ وِڪ ٽِڪيءَ، منزل سيٺ رفيق جي پيڍهيءَ جيڏانهن هن جا ڪچندڙ تڪڙا قدم.

مولوءَ اتي جهٽ اچي ڀُڳو آ پر اُت ڪچهريون، ڪِچڪا، چانهہ بسڪيٽ ۽ بوتلون، ٿهڪن پوڳن جون چلولايون، سيٺ، سيٺ جو ڪامورو پُٽ ۽ سيٺ ۽ سرڪار جو ڳٽ جوڙ!.

“ٽرڪ پيڍهي تي نہ گودام تي موڪلرائين ها؟”، سيٺ جا ڪتا ڏند ٻڪيا تي، مولوءَ جڻ ننڍ مان جاڳي پيو.

“گودام تي ئي موڪلي اٿم.”، ڪامورڪو ڪوڙهيءَ پيٺ جنهن اوڳرائي ڏني: “پُڄي ہہ وئي هوندي.”.

“او چورا.............!!.”، سيٺ جو ٻي ڍنگو سڏ: “ٻُڌ سامان خيال ۽ ڌيان سان گودام تي لهرائي وچ.”.

“جي سائين”، نوڪر جو با ادب جواب.

“جي سائين جا پُٽ ڪا ہہ لاپرواهيءَ نہ ڪجانءِ!.”، ٻي اعتباري جي سُٽڪ: “اڳي ئي وٺ ونان لڳي پئي آ، متان احتياط ڪرڻ ئي وسري وڃئي.......!!.”.

“نہ سائين اڳي ڪڏهن ڀلا ائين ٿيو آهي؟؟.”، نوڪر جي وفاداريءَ واري وراڻي، پُڇ جي لوڏ جڻ خوشامد.

“ها نيڪ آ هاڻ وچ سِگهو ۽ جلدي جلدي تي وڃڻ گهرجي سپ ڪجهہ.”، ايترو چئي سيٺ هوريان ڀُڻڪو ڪيو: “ٻُڪ تي مُلڪ ۾ واڪا ڪري!.”.

“ها سائين ها........... ٻي اونا رهو”، چئي سيٺ جو خاص نوڪر گودام ڏانهن ٿيو روانو.

مولوءَ جو من ملول، دل ۾ ڪروڌ ۽ لُنڊي ڪُهاڙيءَ جو ننڍو ڳن ڪمزور هٿن ۾ سوگهو!!.

مولوءَ ڪي ڪي پل سوچون ورائي ويون تہ ورهائڻ لاءِ آيل امداد گودام ۾ چو؟؟ هُوءَ ڪي پل ڪهاڙي پڪڙيو ائين سوچيندو رهيو ۽ پوءِ قدم ڪنيائين سندس وِک گودام ڏي هئي.

گودام وٽ گپ چِڪ ۽ سوڙاڻ هئي سو پرپرو گودام ڪان روڊ تي ئي ٽرڪ بيهاري سيٺ جي نوڪر ۽ ٻيا نوڪر ساڻ ڪري امدادي ٿيلها ڪٽائڻ شروع ڪيا. ڪائي گهڙيءَ سوچ جي سير ۾ لُڙهندي چڙهندي مولوءَ من تي ناريو ۽ پوءِ اوٿ ۽ اوٺن اوٺن ۾ ٽرڪ جي ويجهو ۽ پوءِ سيٺ جي هڪ گُماشتي جي ڪنڌ تان جهڙپ ڏئي هڪ ٿيلهو ڇِنڻ ۽ مولوءَ جي لُوهه............!!!.

پُنيان رڙ، رانياٽ ۽ هڪل نہ ويندي نہ ويندي پر ٻُک ۽ ٻيوسيءَ جي ياچ باهه ڪان تکيءَ، هڪ ٻِن پُنيان ڊوڙ بہ پاتي پر پُڄُو ڪوئي بہ نہ، اڌ تان ئي موٽيا سڀ سهڪي سهڪي!!.

ڪنهن ساک ڪئني ۽ گواهيءَ ڏني، ڪنهن سُجاتو ۽ پڪ ڪئي.

پر مولوءَ سانجهيءَ ويلي ولوڙيل پاٽي مان شڙپاڪ شڙپاڪ  ڪندو گهر پُهتو، ڇپر تہ اجان ٻي ٽِميو تي پئي پر اکيون خُشڪ تي پيون هُيون، جوٽس مُرڪي ڪائنس اهو ٿيلهو ورتو، ٻارن هوڪرا ڪيا پر جهٽ ماٺ تي ويا، ٽِن ڏينهن جي ٻُک ٻارن ڪي وڏيڪ هُل ڪرڻ ئي نہ ڏنو ۽ هن ٿڌو ساهہ ڪنيو.

سانجهيءَ سُرهائي تي ۽ رت هاٺين اکين ٻيوسيءَ جي آگ اُجهائي جوت جلائي، چُلهہ ٻري تہ ماني بہ پچي پئي ۽ ٻارن کيٺو شروع ڪيو، نيٺ اگ پوءِ جي رِيس بہ لڳي، آليون ڪانيون ۽ دُونهون پر دير سوير ڳيو ٻارن جي وات آيو، ساهہ سُڌير ٿيو، مولوءَ پهريون گِرهہ پڳو ۽ ٻاهران اوچتي سڏ سين ڪي چرڪائي وڌو چو تہ سڏ اوپرو هُيو پر مولوءَ مُرڪي اٿيو، هن جو مُرڪڻ ۽ وڃيءَ ٻانهن مان جهلي بيهي رهيس، هن زال جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتا ۽ سندس اکين ۾ نهارڻ لڳو.

هٿ هٿن جي مٿان ۽ اکيون اکين ۾.

هٿن جي هٿن ڪي آٿت دل جو وڏو پرمان هوندي آهي ۽ اکين جا انجام ڪوڙا نہ هوندا آهن.

هِن جي هٿن جي هلڪي دٻاءُ ۽ اکين جي هائو زالهنس جي دل ڪي پروسو ڏنو ۽ جوٽس پنهنجا هٿ ڍلا ڪيا تہ مولوءَ جا هٿ هٿن مان ڇڏائجي ويا ۽ هي ساڳيي پاٽي مان ور ڪٽي ٻاهر هليو آيو.

هي ٻاهر آيو سامهون سپاهيءَ، ڪارندا، صوبيدار ۽ سيٺ رفيق!!.

مولوءَ سلام ورايو پر سلام دُعا نہ سوال جواب ۽ پُڇائون هن جو اڳ جهلي ٻيهي رهيون پر مولوءَ هڪ ئي جواب ڏنو: “امداد واري سامان تي منهنجو حق هو، مُنهنجا ٻچا ٽِن ڏينهن کان...........................

اقرار جُرم کان پوءِ ڪنهن جاچ جي آخر گُنجائش ئي ڪهڙيءَ؟؟

چور ٻڌجي پيو، چور جي گرفتاري، ڀُوندا، ٻُجا، ڪي مُڪون، لتون ۽ ٺُڏا، سٽڪا، ڪُتڪا ۽ گِهل گِهلان.................

لاڪ اپ جي گندي ڪوٺڙيءَ جنهن ۾ مولوءَ ماريل ڪُٽيل، مروڙيل ۽ مُنجهيل ٻي سُرت ۽ ٻي سُڌ پيل......... ڪيڙا هنڌان هنڌان ڦاٽل، جهُريل، ليڙون ليڙون ۽ رت هاڻا.

برسات واري انهيءَ مُند ۾ ٻِئي ڏينهن هڪ خبر ريليز ٿي: “ڪُهاڙي برآمد، امداد جو سامان ڦُريندڙ ڦورو گرفتار!!!.”

ٻار اگهور ننڊ ۾ پر مولوءَ جي ونيءَ جي آس اکين ۾، بس هڪ روح ٽٽل، ٻِيو چُلهہ ٻريل باقي آڌيءَ رات ۽ ڦُڙ ڦُڙ اگهڻ ٿي، هر شئي پُسيل هر شئي آلي، پچيل منظر سڀ، هنڌ، وهاڻو، رلي پيي آلي تہ دل پيي آلي تہ اکيون پيي آليون، چپر جو وري ٽِمڪو ۽ هُر ڪُر، پيڙاءُ، اذيت، لُڇ ۽ مولوءُ جي تانگهہ!!.

مولوءَ جي ونيءَ پل اگهڻ ٿي، پل ڇپر ۾ چوتہ هٿن جي هٿن کي ڏنل آٿت دل لاءِ وڏو پرمان هوندي آهي ۽ اکين جا انجام ڪُوڙا تہ نہ هوندا آهن!!.

پر اڄ انجام ٻُڏا ٿي ۽ پرمان ٽُٽا ٿي، جڻ ڪي ارمان ٽُٽا ٿي!!.

ڪوئي ڪڙڪو، ڪوئي شپڪو ٻُڌڻ جي حسرت.............. پر نہ دل اُداس، بيحد اُداس، دُور دور تائين اونداهيءَ رات ۽ رات ۾ سواءِ برسات جي ٻِيو ڪجهہ بہ نہ.............

* * * * * * * * * * * *

# رهجي ويل اکيون

اُن ڏينهن شام جو جڏهن آفيس مان موٽيو هئس تڏهن ڏاڍو ٿڪل هئس، وچ ۾ ڪٿي پل ٻہ ويهڻ جو ارادو نہ هئم، سڌو گهر پئي ويڃڻ چاهيم پر پوءِ جڏهن مارڪيٽ وٽ پهتس تہ روڊ ڪناري نظر پيم هڪ وڏيءَ رنگ برنگيءَ ڇٽيءَ تي!!.

ڪنهن فون ڪمپنيءَ جو نمائندو مارڪيٽ واري چئونڪ تي روڊ ڪناري پنهنجي ڪمپني جي ڇٽيءَ هنيو اسپيڪر تي پنهنجي ڪمپني جي مشهوري ڪري رهيو هو، ڪي هوڪا ڏئي رهيو هو، بي انت پيڪيج ٻہ ٻُڌائي رهيو هو تہ ڪي وري فائدا ٻہ ڳڻائي رهيو هو. پنهنجي ڪمپني جي ڳاڙهيءَ ٽوپيءَ (CAP) پائي ۽ انهيءَ ڪمپني جي T– شرٽ پهريل اهو نوجوان ڪنهن مداريءَ وانگر هر اينڊڙ ويندڙ ماڻهوءَ جو ڌيان ڇڪائڻ خاطر پنهنجو آرٽ آزمائي رهيو هو.

مان ٿڪل تہ هئس پر هميشہ وانگر ڪجهہ مخصوص قسم جي انوکي نمبر جي ڪشش جي ڪري غيرارادي طور اتي بيهي رهيس ۽ پيل سِمون جانچڻ لڳس، مون ڪي ڪو نئون نمبر گهُربل ڪونہ هو پر مان بس ائين ئي اُهي سِمن جا جئڪيٽ ڪٽي نمبر اُٿلائي پُٿلائي ڏسڻ بيهي رهيم.

مان مختلف نمبر ڏسي ئي رهيو هئس تہ پر ۾ ڪنهن ٻئي جي اچي بيهڻ جو احساس ٿيو مون کي؛ "شايد ڪا زائفان آهي........!!." خيال ڪيم ۽ ڪِسڪيءَ بيٺم، هُوءَ ٻہ ٽيبل/ڪائونٽر تي پيل سِم ڪارڊ جا جئڪيٽ ڪٽي نمبر جانچڻ لڳي، مون نہ ڪيس ڌيان ڏنو ۽ نہ ئي هڪ نظر ڏسڻ خاطر ڪيس جهاتي پاتم بس چُپ چاپ نمبرز اُٿلائي پُٿلائي ڏسندو رهيم.

هُوءَ ٻہ ڪائي دير ائين ئي نمبرز ڏسندي رهي ۽ پوءِ سِم سميت هڪ جئڪيٽ مون ڏانهن وڌائيندي چيائين؛ "هان هي ونو، هي نمبر سُنو اٿئو........ جيڪر ونو تہ!!."

ڪن پل لاءِ لڳم تہ هُوءَ ٻہ جڻ ڪا ڪمپني جي نمائنده مائيءَ آهي، سِم ونندي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪيس ڏٺم تہ جڻ اکين تان اعتبار ئي وڃائي وينس!!. بي يقينيءَ جي عالم ۾ ڪجهہ ٻہ زبان مان ادا نہ ٿي سگهيو، هڪ ڳيت اُيري جا اڌ ۾ رهجي وئي، ٿڪل تہ اڳي ئي هئس پر وجود وڌيڪ ٽُٽي ڇُور ٿي پيو، شام جا پل جت هر منظر سرءُ جي لپيٽ ۾ ها اُت وجود سراپجي ويو ۽ پائنيم نِڙيءَ سُڪي نوٽ ٿي پئي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن پل پاري تي ويندا آهن تہ وري ڪڏهن ڪڏهن صديون واريءَ مُٺ!!.
ڪي ساعتون اسان تڙپيءَ تڙپيءَ گُذاريندا آهيون تہ اُهي ساعتون صدين سمان ٿي پونديون آهن، وچوڙن جا پل سالن تي محيط ٿي ويندا آهن ۽ ڪڏهن وري زندگيءَ جا گُذاري ڇڏيل ورهيہ اسان کي منٽ پل ۾ طيءَ ڪيل ياسندا آهن.

ائين پل ۾، هڪ گهڙيءَ هڪ لمحي ۾ مان اٺ سال پوئتي هليو ويس: "هي سِم ونو............ ها هي نمبر سُهڻو اٿئو!."

"آسيہ تون..........!!؟؟"، انتها درجي جي بي يقينيءَ ۽ درد!!.

درد جنهن ۾ گُذريل اٺ ورهين جي پيڙاءُ ۽ پيڙاءُ کي پڪ ڪرڻ لاءِ سِوا ان جي ٻيو ڪجھ ڪُجي ئي نہ سگهيس.

"آسيہ.............

"ها عليل مان.........!!."

اٺ سال پهرين بہ هُن مون کي منهنجي نانءُ جليل بجاءِ سدائين عليل ئي ٿي سڏيو ۽ اڄ بہ عليل ئي چئي يقين ڏياريائين تہ هُوءَ آسيہ ئي آهي!.

سندس ائين اوچتو روڊ رستي تي ملي وڃڻ ۽ اهو بہ مسلسل اٺ سالن پُڄاڻان يقينن مون لاءِ ڪنهن حيرت کان گهٽ نہ هو!، مون کي سمجھ ۾ نہ اچي رهيو هو تہ ڪيس ڇا چوان!؟، مان غفائن ۾ وڃائجي ويس، مون کان وسري ويو تہ اسان بيحد مصروف رهندڙ شهر جي مارڪيٽ واري چوڪ تي روڊ ڪناري بيٺا آهيون!!!.

مان تہ ڏسي رهيو هئس مان هِن پنهنجي شهر ۾ نہ هئس، هُن جي شهر ۾ هئس، هُن جو هٿ منهنجي هٿن ۾ آهي، اسان روڊ ڪناري هلندي يونيورسٽيءَ گيٽ ڏانهن وڌيا آهيون ۽ پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو مين گيٽ گذري اندر هٿ هٿ ۾ ڏئي روڊ ڪناري اڳتي وڃي رهيا آهيون، سامهون اينڊڙ ويندڙ اسان کي تعجب مان ڏسندا لنگهندا پيا وڃن، پوءِ يڪ آسيہ منهنجو هٿ ڇڏي، هٿ هٿن ۾ سوگهو آهي جڻ ڪُنڊيو ڪڙي ۾ اڙيل آهي............ امتحاني فارم جمع ڪرائڻ جي اڄ آخري تاريخ آهہ............ پر آسيہ چئي ٿي فارم پوءِ تا جمع ڪرايون اڄ او هُن شيلٽر جي هينان دِڪي تي تا هلي ڪا گهڙيءَ ويهون عليل!!.

منهنجو نالو مائٽن تہ جليل رکيو هو پر هن لاءِ مان عليل هئس ۽ جڏهن بہ جتي بہ هُوءَ مون سان ملي تہ مون کي سڏيائين پي عليل!.

سئو ڀيرا چيومانس جليل نتو وڻنئي تہ قليل چئو باقي عليل نہ.

چئي: “عليل چو نہ چوان؟”، چيم: “مون کي نتو وڻي!.”
“نتو وڻي تہ نہ وڻي مان تہ عليل ئي چوندم.”
“اڙي............. منهنجو نالو تي ڦِتائين..........
“مان تہ عليل ئي چوندم.”
“اڙي عليل تہ جام بيمار ۽ چريي کي چوندا آهن!.”
“ها............. پر مان تہ عليل ئي چوندم.”
“زبردستيءَ آ ڪا؟؟.”
“ها آهي تہ!؟.”
“اوھ خُدايا...............
“اوھ عليل.................
“پاڻ کي پهرين فُرصت ۾ فارم جمع ڪرائڻ گهُرجن آسيہ نہ تہ پنهنجي بي ڪام اڌوري رهڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا!.”، چيومانس.
“پلي بي ڪام اڌوري رهجي وڃي..........”، چيائين: “پر پهرين پاڻ ڪا گهڙيءَ اڄ گڏ ويهنداسين.”
مون کي تعجب لڳو، سندس لفظ، سندس اهو ملڻ ڪجھ پُراسرار......... مان پاڻ کي واريءَ محسوس ڪرڻ لڳس، وهندو ويم، ڇڻندو ويم، ائين پئي لڳم پنهنجي مدار مان ڇڻ مان کِسڪيءَ رهيو هُجان ۽ هُوءَ مون کي سوگهو ڪندي پئي وڃي يا ڇڻ منهنجي کسڪيءَ گُم ٿي وڃڻ کان اڳ مون کي ڀرپور نموني پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏڻ پئي چاهي، مون کي لڳو ڇڻ سرءُ ويجهي آهي، رنگ سڀ ڦِڪا ٿيڻ وارا آهن توڙي جو امتحانن ۾ اڃان ڪافي وقت پيو آهي پر مان ۾ ڏنل آجياڻو شايد اڄ آهي!!.
نبض ۾ خون ڇڻ هوريان هوريان بي حرڪت ٿي رهيو هو، سڀ ڪجھ وساميو پئي ۽ اسان بئنڪ سامهون دِڪي تي اچي ويٺا آهيون، منهنجا ٻئي هٿ آسيہ پڪڙي رکيا آهن ڇڻ اِجهو ٿا منهنجا هٿ پوپٽ جان گهُت هٽي اُڏامن!!.
“خوشبوءَ چو آندي اٿئي؟”، هُن منهنجي آندل ڪتاب ڏي ڏسي چيو.
“مون کي پي پروين شاڪر...............
“مون کي تہ وصي شاھ وڻندو آهي!.”
“ڦوتو سُهڻو اٿس چا؟.”، چيم تہ مُرڪي پئي.
“سڙين ٿو عليل!!.”

“رقيب جو احساس تہ ٿيندو نہ.”، اڪ هڻندي چيومانس: “پٽر تہ ناهيان جو احساس بہ نہ پاليان!.”.

هن ڪافي دير ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو نيٺ پل ڏڳها تي وڃڻ ڪان پوءِ چيائين: “عليل................

“هُونئن..........

“هي تنهنجي خوشبوءِ.............. عمر پر مون کي تنهنجي ياد ڏياريندي رهندي.”.

منهنجي من ۾ ريل جي وِسل وڳي، چڪتاڻ جو ڪو سائرن وڳو، ڪا رڙ ٿي، ڪا رِيهہ ٿي، اوچنگار نہ نڪتي هڪ سُڏڪو ڳلي ۾ اٽڪي ويو.

“خوشبوءِ پروين جي آ.”، چيم: “اسان جون تہ فقط يادون آهن!!.”. مون هٿ هٽن مان ڇڏائڻ چاهيا پر آسيہ منهنجا هٿ قابوءِ ڪري ورتا ۽ ڪي پل هُوءَ مُنهنجي هٿن کي پڪڙي ڏسندي رهي، ائين لڳم ڄڻ آخري پيرو تي ڏنائين ۽ پوءِ هُن منهنجي ساڄي هٿ جي پُٺيءَ چُمي هٽ ڇڏي ڏنا ۽ ساعتن لاءِ منهن پرتي ڪري خلا ۾ گهورڻ لڳي، مون آسمان ۾ ڏٺو ڏور غفا ۾ ڪا ڏور ڪٽجي وئي هُئي، لغڙ مختلف رُخن ۾ بنان سهاري جي گهُتن ۾ پئجي ويو هو ۽ مون کي لڳو مان ڄڻ زندگي منجهان ڪٽجي ويو آهيان. آسيہ پنهنجي هٿ ۾ جهليل ٽِشو بہ ٽُڪر ڪري ڇڏيو، هڪ اڌ مون کي ڏئي ٽڏو ساهہ پريائين: “عليل هلون فارم جمع ڪرائڻ؟.”

مون سندس اکين ۾ ڏٺو، اکين ۾ سڀ ڪجهہ هو مان نہ هئس، هُن ڪنڌ جهُڪائي ڇڏيو، خوشبوءِ سندس شولڊر بئگ ۾ وجهندي چيم: “ها هلو فارم جمع ڪرايون..........!!.”.

بئنڪ جي اڳيان بہ قطارون آهن، هڪ چوڪرين جي تہ ٻي چوڪرن جي، هڪ ۾ هُوءَ آهي، هڪ ۾ مان آهيان!!. هُوءَ وياڪل آهي، مان وڍيل آهيان، گُم سُم آهيان، وڃائجي ويو آهيان، واريءَ مُٺ وانگر وهي ويو آهيان، آسيہ هر هر چوڪرين جي قطار مان نڪري مون کي نهاري ٿي تہ مان پڃي فرار تہ نہ ويو آهيان، وڃائجي تہ نہ ويو آهيان، گُم تہ نہ ٿي پيو آهيان ۽ پڪ ڪري ٿي تہ مان اڃان موجود آهيان تہ وري وڃي ساڳي قطار ۾ بيهي ٿي، ڪُتڪي ۾ سندس اهو نهارڻ عجيب آهي!!.

مان ٽِشو جي ٽُڪر کي پنهنجي هٿ ۾ ڏسان ٿو ڄڻ آسيہ جا هٿ منهنجي هٿن ۾ آهن!.

“عليل................

“هونئن............!؟.”، چرڪي پيس، اٺ سال ماضيءَ جا اُڪري حال ۾ اچي ڪريس.

“مان هت آهيان.”، چيائين.
“مان تنهنجي شهر آهيان.”، چيومانس.
“مان هتي آهيان هتي!.”، چيائين: “هتي تنهنجي شهر ۾!!”.
“پر تنهنجو شهر تہ...............
“مون هن شهر کي پنهنجو ڪيو آهي عليل، مان هتي آهيان.”.
“ها............ تون هتي ئي آهين!.”، ڪيس چيم پر هُن کي ڪهڙي خبر تہ هُوءَ هت ناهي، هُن کي تہ اٺ سال پهرين مان وڃائي چُڪو آهيان!!.
“جي مان هت آهيان تہ پوءِ تون ڪٿي آهين؟؟”، هن مُرڪي چيو.
“عليل تہ غفائن ۾ هوندا آهن آسيہ!.”، چيومانس.
“معنيٰ اجان يي جاڳ جا سپنا ڏسندو آهين؟.”
“سپنا ڪي اسمگلر تہ ناهن جو هنن جي اچڻ تي ڪا پابنديءَ لڳائجي!.”، چيومانس.
“داخلہ ممنوع جو بورڊ پنهنجي ڪنڌ ۾ ٻڌي ڇڏ.”، هن چيو: “تہ جيئن جاڳ جا سپنا تنهنجي سوچ جي سرحد تي پرواز نہ ڪن.”
“سپنا تہ سپنا آهن آسيہ!!.”، چيومانس: “ڪنهن مومن جي ڏيءُ نہ آهن جو وچ راهہ ۾ ڪنهن مُلحد ڪافر ڪان وِڇڙي وڃن!”. منهنجي طعني هن جو ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو. ڪجھ ساعتون چُپ رهڻ ڪان پوءِ هُن چيو: “غفائن ۾ رهي رهي عليل مان قليل ٿي ويو آهين!.”
“غفائن ۾ ئي تہ آسيس آهي!.”، مُرڪي ڪيس چيم.
“يلا ڪيڏانهن هلندين ٻہ يا هت روڊ ڪناري ئي بيٺو هوندين؟؟.”
مون سان گڏ تہ تو هلڻ ئي نہ چاهيو جي هلين ها تہ اڄ ساميءَ نہ هجان ها اهو ڪيس چوڻو هُيم پر چئي نہ سگهيم، گڏ هلڻ جا گس تہ وڃائجي ويا ها پر ڪيس ڪهڙي پروڙ ڪيس ڪهڙي ڪل!!!.
“سِٽي هوٽل تي يلا هلون؟؟.”، هُن ئي چيو.
“ها هلو.”
هڪ عرصي ڪان پوءِ هن جو وري گڏ هلڻ، هر وِک هر قدم زندگي وئي ٿي پوئتي ٿِڙندي پر هن جي هر هر ڪنهن سوال تي سنڀاليو مون کي ۽ مان هن سان گڏ ڪنهن عجيب ڪيفيت ۾ سِٽي هوٽل پهتس، منهنجي حالت، منهنجي ڪيفيت ڏاڍي عجيب ٿي پئي هئي، اُن پل هوٽل جو ماحول پڻ مون کي پُراسرار پئي محسوس ٿيو.

هُوءَ سامهون ڪُرسيءَ تي خاموش ويٺي رهي، عجيب ماحول جُڙي پيو، هوٽل ۾ بيحد خاموشي هئي جا لُطف ڏيندڙ پئي لڳي، مون ڪُجهه هن سان ڳالهائڻ پئي چاهيو، ها ڪي پُڇڻ ۽ ڪجهه ڄاڻڻ پئي تي چاهيو آسيہ ڪان مون!!.

ها آسيہ جي اڪابر پيءُ جو احوال وٺڻ تي چاهيو مون جنهن جي ڪري آسيہ............

پر سمجهہ ۾ نہ پيو اچيم تہ ڇا ڳالهايان!!.

هُوءَ بہ مُسلسل چُپ تي پٽ ٻٽيو ويٺي رهي جڏهن مون وانگر تي سوچيائين تہ آخر منهنجي ڪافرپائين جو پتو ڪيئن لڳائي، مان مُحبت ۾ سرود دُڪم دُڪم تي پيو هئم پر هُوءَ تہ فرقن جي تفرقي ۾ وچڙي پئي هئي!.

هڪ گهڙي ماٺ ڪان پوءِ جڏهن بيرو چانهہ جو آرڊر وٺي هليو ويو تڏهن چيومانس:

"آسيہ.....!"

هُوءَ خالي نظرن سان مون ڪي ڏسندي رهي، ڪي پل خاموشي جڻ لفظن جي ڳولا............... اڻ چئي ڳالهہ جي ڳولا...........

"ها چئو........"، مون ڪي چُپ ڏسي هُن چيو.

مان پنهنجو پاڻ ڪي ويڙهي ورتو ۽ چوڻ لڳس: "آسيہ..............."، هُن مون ڏي ڏٺو، چيومانس: "جنهن ڏينهن پاڻ بي.ڪام فائنل جا امتحاني فارم جمع ڪرايا ها...............

"ها اُها آخري تاريخ هُئي فارم جمع ڪرائڻ جي."

"ها اُها آخري تاريخ هئي پنهنجي!."، چپن ۾ چيم: "فارمن جي آخري تاريخ اڄ پيي ياد اٿئي پر انهيءَ ملاقات ۾ وچڙي وڃڻ واري اُها آخري گهڙي ياد نہ اٿئي!!!."

"ڇا..........؟؟."

"ڪجهہ نہ."، مو تڏو ساهہ پري ورتو.

"چئو نہ عليل........

"ها پنهنجي اُن مُلاقات ڪي مون نہ سمجهيو هو تہ ڪا اُها آخري ملاقات هوندي!."

"ها تو نيڪ ئي سمجهيو هو اِهو تہ."، آسيہ چيو ۽ مون حيرانيءَ مان هن ڏي ڏٺو: "ها عليل............"، هُوءَ چوڻ لڳي: "جي آخري ملاقات سمجهين ها تہ اڄ تورئي پاڻ ملون ها!!."

"نہ پر................

"نہ پر ڇا عليل؟؟."

“پر اڄوڪي ملاقات تہ اتفاق آهي محظ!.”، چيم: “اُها ملاقات جنهن ۾ تو منهنجا هٿ ڪافي دير پڪڙي رکيا ها اُها تہ آخري ملاقات ئي ثابت ٿي!.”

“نہ اُها آخري نہ هئي.”، هن مُختصر چيو تہ تعجب ۾ پئجي ويم.

“آخريءَ نہ هُئي!!؟؟.”

“ها............ آخري نہ هُئي عليل.”

“آخري نہ هُئي تہ پوءِ هي يڪا سارا اٺ سال آسيہ؟؟.”، منهنجي سوال ڇڻ هُن جي هانءُ ۾ هٿ وڌو، هُوءَ خاموش ٿي وئي، ڪجهہ بہ نہ ڪُڇيائين، مون هُن جي اکين ۾ ٿي نهارڻ چاهيو پر سندس نظرون ٽيبل تي جميل هُيون، پٽر اکيون برف وانگر جميءَ ٽيبل تي ئي رهجي ويون!!.

مون سندس چهري کي تڪيندي پنهنجو پاڻ کي هُن ۾ وڃائي ڇڏيو، بيري ٽيبل تي چانهہ رکي، ڪوپن جي ڪڙڪي اسان ٻنهيءَ کي چرڪائي وڌو ڄڻ اسان ٻئي ننڊ مان اٿيا هُجون!.

هُن چانهہ ناهيندي پُڇي ورتو: “ڪا نوڪري مليئي يا نہ؟؟.”

“نوڪري جو چاهي آسيہ!!.”، چيم.

هُن پنهنجو هٿ روڪي ورتو، ڪُنڊ وجهندي چيائين: “ڇا مطلب؟؟.”

“مطلب تہ نوڪريون ملي ئي ويندیون آهن.”

“يعني انيڪ نوڪريون تو ڪرين!؟.”، هُن چانهہ ناهي ورتي.

“انيڪ تہ نٿو ڪريان پر ڪجهہ ڪري ڇڏي ڇُڪو آهيان!.”، چيم.

“۽ اڄ ڪلهہ؟؟.”

“اڄ ڪلهہ واندو نہ آهيان!.”، ڪن رکي چيم: “ڪنهن فرم جي مٽي جو سور ٻڌيل آهيان مان.”

“۽ شاديءَ؟”، هُن پُڇيو ۽ مان چُپ ٿي ويم، تڏهن هُن پُڇيو:“ڪنڌ هڪ چمچ؟”.

مون ڪنڌ لوڏي ها ڪئي ڳالهايم ڪجهہ ڀي نہ، هُن ڪنڌ ڪپ ۾ وجهندي چيو: “مون شاديءَ جو توڪان پُڇيو؟؟.”

مان چُپ رهيم هُن ڪپ وڏائي ڇڏيو ۽ سواليہ نگاهن سان مون کي ڏسڻ لڳي، مون هن جي اکين ۾ نهاريندي چيو: “تو ڪئي آ آسيہ.......... ڪافي آ.”

“پر تون ڪڏهن ڪندين؟؟.”

مان ڪجھ ڳالهائي نہ سگهيس، هُوءَ ڪائي دير مون ڪي ڏسندي رهي ۽ پوءِ چيائين:
“شاديءَ چو نٿو ڪرين؟”
“چو جو ڪو جواب نہ هوندو آهي ڊيئر آسيہ!!.”، چيم.
“پوءِ ڪنهن سان عشق هوندئي!”
“عشق تہ سدائين رهيو آهي.”.
“پر منهنجو مطلب آهي ڪنهن سان چڪر هوندئي.”
“چڪر!؟؟، چڪر باز آهن چوڪريون!.”، چيم: “ڪٿي تيون چڪر هلڻ ڏين اسان جو ڪو!”
“معنيٰ چڪر هلائڻ جي ڪوشش ۾ آهين؟؟.”.
“نہ مان تہ چڪر ۾ اچي چڪرائجي چُڪو آهيان ۽ هاڻ.............!”.
“۽ چا هاڻ؟؟”.
“۽ اُن چڪر ۾ ئي آهيان اجان تہ!!.”
“ڪا تہ هوندي عليل؟.”
“ها ڪا تہ آهي آسيہ!.”
“ڪير آهي؟، ٻُڌا مون کي؟؟.”
“توکي تہ اُن جي خبر آهي آسيہ!.”، چيم: “وڏيڪ چا ٻُڌايان توکي؟؟.”
هُوءَ جڏهن سمجهي وئي تڏهن چيائين: “مان اُن جو نہ پئي پُڇان، ٻي جو ٻُڌاءِ پليز؟.”
“ٻي ڪائي ڪونهي ان کان سواءِ آسيہ.”
“ڪا تہ هوندي عليل؟؟.”
“نہ ڪائي ڪونهي مون لاءِ عليل............ سڀ ياءُ تيون چون مون کي!!.”
“توکي ڏُک تو ٿئي؟.”
“چا جو ڏُک؟.”
“چوڪريون توکي ياءُ تيون چون جو!.”
“نہ ياءُ تيڻ ۾ ڏُک چا جو آهي يلا؟؟.”
“پوءِ يي.............؟؟.”
“نہ................ ضروري ناهي تہ هر چوڪري آسيہ ئي هُجي!.”
“پر ڪا تہ سُهڻيءَ صورت...........
“سُهڻيءَ صورت وارا بي وفا هوندا آهن آسيہ!.”، چيم.

”نہ ائين تہ ڪونهي عليل.“

”نہ ائين ئي آهي.“، چيم: ”سُهڻيءَ صورت واري کي پنهنجي سُهڻيءَ صورت جو پرمان جو هوندو آهي!.“

هُن ڪجهہ پڇي نہ ڳالهايو تڏهن ڪن رکي چيم: ”سُهڻيءَ صورت واري لاءِ تہ سئو عليل هوندا آهن، هڪ عليل ويو تہ ٻيو عليل حاضر............ تنهن ڪري عليل تي اڪ نہ ٻُڌندي آ ڪڏهن!!.“

”مون کي تو چئين؟؟.“، هُوءَ جڻ ونجي پئي.

”نہ........ راءِ عام جي ڳالهہ ٿو ڪريان مان تہ.“

”راءِ عام غلط بہ ٿي سگهي ٿي.“

”چور کي clean shave هُجڻ ڪپي آسيہ!!.“

”ها پر سيني سُهڻي صورت وارن کي بيوفا چوڻ تہ blame ڪرڻ آهي.“

”ها شايد.........!!.“

”چانهہ ٺري چُڪي آهي!.“

”ها شايد ٺري چُڪي آهي..........!.“، هن سِپ سِپ چانهہ تي پيتي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ مون کي بہ نهاري ٿي ورتائين!، من جو صحرا ڏاڍو تتل هُيو، مون پي ڪپ ڪٽي ورتو، ڪڏهن ڪڏهن الاءِ ڇو ڪجهہ عجيب ٿي پوندو آهي، ڪي اتفاق الاءِ ڇو ٿي پوندا آهن، جن جي اسان کي ڪا توقع ئي نہ هوندي آهي!!.

وچوڙي جا ورهيہ مون يادن کي سُمهارڻ ۾ طيءَ ڪيا، خود کي آٿتون ڏئي مون پل اُڪاريا، زخم جن کي مون لُڇي نِپايو ۽ وري اوچتو هڪ ملاقات ۾ سڀ زخم اُڌڙي پيا، اُڪڙي پيا!!.

ڪڏهن ڪڏهن اسان سان اهڙا اتفاق الاءِ ڇو ٿيندا آهن.

”تنهنجي فرم ۾ ڪا مائيءَ ملازم آهي عليل؟؟.“، هُن ڪپ ٽيبل تي رکندي پُڇيو ۽ مان ڇرڪي پيس، سندس سوال جڻ ڪوچ هُجي، ڪي گهڙيون ڪيس ڏسندو رهيس ۽ پوءِ چيم: ”مائيءَ...............!؟؟.“

”ها عليل............ ڪا ملازم مائيءَ؟؟.“

”انيڪ آهن.“، چيم.

”نيڪ بہ آهن؟؟.“

”مون لاءِ تہ سڀ نيڪ ئي آهن!.“

“نيڪ آ پلا ڪا مشهور..........”، چيائين: “منهنجو مطلب آهي ڪا توجہ طلب؟.”
“اسان واري فرم اخبار جو توجہ طلب وارو صفحو تہ نہ آهي آسيہ!.”، چيم: “۽ نہ ئي اسان جي اداري ۾ڪا فلمي اداڪارا ملازم آهي.”
“پر پوءِ بہ؟؟.”
“نہ ميڊم مشڪري پي ڪانهي اتي!.”
“منهنجو مطلب آهي ڪائي اهڙيءَ جيڪا تنهنجي مرڪز نگاهہ هجي عليل!.”.
“سڀ ميڪ اپ ڪري ئي اچن ٿيون، سڀ مرڪز نگاهہ آهن!.”، چيومانس: “حليمہ جا ڦِڏا پير بہ ڏسڻ جهڙا آهن تہ شگفتہ جو قاتل نڪ بہ عجيب آهي تہ گُلشن جون ٽيڏيون اکيون................
“ڪنهن جي نالي گهٽ وڌ نہ ڇئبو آهي عليل.”، آسيہ چيو: “ڪنهن مان عيب نہ ڪڍبا آهن.”
“تو ئي تہ چيو آسيہ ڪا مرڪز نگاهہ.............”، چيم: “پر توکي خبر هئڻ گهُرجي اسان پارا ماڻهوءَ Re-take کان عاري هوندا آهن.”
“ها توهان مرد حضرات تہ رهندا ئي مسجد شريف ۾ آهيو!.”، هن ٽوڪيندي چيو: “اهي من گهڙت فقرا ئي اوهان جي چسي فلسفي کي ظاهر ڪن ٿا عليل.”
“اسان جو فلسفو چسو آهي؟؟.”
“گهٽ ۾ گهٽ محبت جي باري ۾ تہ اوهان ناٽڪيءَ آهيو.”
“مان زندهہ مثال تنهنجي اکين جي اڳيان آهين پوءِ بہ؟؟.”، چيومانس: “تي سگهي تو ائين هُجي پلا.”.
“ها پر تڏهن بہ محبت جي معاملي ۾ اوهين تہ ڊونگي ئي آهيو.”
“ها اسين سڀ پاڪ پويتر تہ نہ آهيون!.”، ڪن رکي چيومانس: “ضرور اسان ۾ ڪي واپاري بہ تہ هوندا اوهان سين وانگر.”
هُن گهور ڪري مون کي ڏنو ۽ چيائين: “اسان سين مان تنهنجي مُراد؟؟.”
“اوهان سڀ................!.”، چيم: “اوهان سڀ عورتون................ بلڪہ............ مظلوم عورتون!!.”
“نہ وضوءَ ۾ تہ هر وقت تون ئي رهندو آهين ها نہ؟؟.”، آسيہ چڙندي چيو.
“تسبيح ٽُٽي پئي آهي آسيہ!.”، چيم: “داڻا سڀ وکري ويا آهن.”

“پوءِ ٻُڌاءِ نہ!؟”، هن ضِد ڪندي پُڇيو: “ڪنهن ٻي مظلوم عورت کي تڪيندو آهين يا نہ؟؟”

مان هن جي مُک کي تڪيندو رهيس تڏهن هُن ٻيهر پُڇيو: “عليل........؟؟”

“ڇا ٻُڌايان؟”

“اِهو ئي تہ اڄ ڪلهہ ڪنهن سان...............”

“ڪوئي ٻي ناهي.”

“تنهائين پيو مون کان يا ڳالهہ لُڪائين پيو؟”

“نہ تنهايان ٿو ۽ نہ ئي ڳالهہ لُڪايان پيو.”، چيومانس: “پر الاءِ ڇو ڪيڪو اٺ ورهين کان عليل ئي آهيان............ جليل ٿي نہ سگهيو آهيان!!.”

“۽ اٺ ورهيہ پهرين؟؟”، هن ائين پُڇيو ڄڻ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندي هُجي.

هُن کي چڱيءَ طرح خبر هُئي تہ اٺ ورهيہ پهرين اسان ٻنهيءَ ڪو وقت گڏ گُذاريو هو، انيڪ راتيون گڏ جاڳندي وهاميون هُيون، ڪئي سج اُڀري لٿا ها ۽ شامون هٿ هٿن ۾ سنجها ٿي ويون هيون ۽ اڄ.............؟؟.

“هُن سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو؟؟”

“نہ نہ جيڪر سڀ ڪجهہ وساري ها تہ پوءِ اڄ مون کي ڪيئن سُڃاڻي ها!!. ضرور هن کي ياد آهي پهرين ملاقات، ٻين ملاقات، ٽين ملاقات ۽ پوءِ پل پل، پهر پهر، گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ سڀ ڪجهہ!!.”

“پر آسيہ جو ائين پُڇڻ؟؟”، پنهنجي پاڻ کان انيڪ سوال جن جا جواب نہ آيا ڏيڻ مون کي.

“عليل.............

“هونئن.............

“ڇا پيو سوچين؟”

“ڪجهہ بہ نہ!.”

“اداس آهين؟”

“نہ تہ........!”

“ڪو ڏُک اٿئي؟؟”

“جي نہ تہ.”

“تعجب آهہ!!.”

“چو.................؟؟.”
“ڪاوڙ پيي نہ اٿئي؟.”
“بلڪل نہ پر چو؟؟.”
“اٺ سال پهرين............ ”، هُوءَ چوندي رُڪجي وئي، مون ڪيس ڏٺو ۽ سندس نگاهون هيٺ ٿي پيون، ڪنهن پل هيٺ پيرن ڪي ٿي تڪيائين تہ ڪنهن پل هٿ جي خالي ترين ڪي، جڻ ترين جي لڪيرن ۾ وڃائجي ويل لڪيرون ٿي ڳوليائين!!.
“ڇا اٺ سال پهرين آسيہ؟.”، پُڇيومانس تہ هُن ڪنڌ مٿي ڪنيو، هڪ نگاهہ وري مون ڪي ڏسي وري نگاهہ جهُڪائي ڇڏيائين، ڪو بند هو جيڪو ساڻس نٽي پيو، جنهن جي جُستجو ۾ هُوءَ نظر پئي آئي!!.
ان ڪان اڳ جو مان ڪائنس ڪجهہ پُڇان هُن چيو: “جليل........... سچ تہ مان توڪان ڏاڍي شرمنده آهيان.”
“ائين نہ چئبو آهي چريءَ.”
“ها سچ.................
“پر چو تہ پلا؟.”، چيومانس: “آخر چو شرمنده آهين؟.”
هُن جي نماڻي نهار مون ڏانهن اُٿي ۽ ڌيرج سان چيائين: “جليل توکي خبر آهي منهنجو بابا ڪڏهن پيي..............
“ان ۾ شرمنده نہ ٿيڻ گهُرجي.”، چيومانس: “ضروري ناهي تہ.............
“پر مان توسان وفا تہ ڪانہ ڪري سگهيس جليل!!.”
آسيہ پيو پيرو منهنجو نالو ورتو.............. مون ڪي سُنو لڳو، چيومانس: “اها بي وفائي ڪانهي آسيہ!.”، هن تعجب مان مون ڪي ڏٺو تڏهن چيومانس: “اها مجبوري آهي بي وفائي نہ..
“پر جليل..............
“ها آسيہ جي عبادتگاهن ڪي ٻهاري ڏيندڙ هُجان ها تہ توکي ائين تورئي پل پل ياد ڪندو رهان ها!!.”
“ڇا مطلب جليل؟.”
“مطلب........ تنهنجو پيءُ مون ڪي پرهيزگار سمجهي توکي منهنجو ڪري ڇڏي ها!.”
“اهو توڪان پُڇو ڪونہ!!.”
“سجدا دل سان ڪجن آسيہ ڪنڌ وارا ڪهڙا سجدا!!.”

“پر جي ڪنڊ جهُڪائي وٺين ها تہ............
“ڪنڌ جهُڪائڻ اهم تہ نہ آهي آسيہ!.”، چيومانس: “پر پنهنجي پاڻ سان فريب ڪيئن ڪجي؟؟.”

منهنجي ڳالهہ جو هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو بس هُوءَ چُپ رهي، مان پي چُپ ٿي ويس، مان چسو هئس، منهنجو ڳالهائڻ پي چسو ٿي پيو، لفظ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويٺا، هُوءَ ڏُڪاري ٿي پئي، مون ڏُڪ ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو، مان گُذري آيو هئس، مون گُذري وڃڻ ٿي چاهيو، هُن جي من ۾ چيت هُئي، چيت تہ منهنجي من ۾ بہ هُئي پر مون چيت کي دفن ڪري ڇڏيو هو دل ۾.

“ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ضروري ناهي تہ هر ڳيري ڪو سبب هُجي، ڪڏهن ڪڏهن بنان سبب جي پي ڪجهہ ڪري ڇڏبو آهي!!!.”

“جليل...............!!.”،

هوءَ اُداس ٿي پئي، هن عليل چوڻ ڇڏي ڏنو، مان جڻ اهو عليل رهيو نہ هئس!!.

ڪافي وقت ٻُڌڻ ڪان پوءِ هُن وري آواز ڏنو: “جليل...............!!.”، مان پي ڪنهن لهر ۾ لُڙهندي بچي ويس.

“او جليل.............
“ها چئو....”
“بائيڪ نہ اٿئي نہ؟.”
“نہ.............!!.”
“اجان پنڌ هلين ٿو؟؟.”
“ها ڊبل ون اٿم............ اجان پنڌ هلان ٿو.”
“مون کي وڻٽو آهي جليل!.”
“وڃڻ وارن جا رستا موڙي نہ سگهبا آهن آسيہ!!.”، هُن خالي نظرن سان ڏٺو تہ چيومانس: “رڪشہ ڪري ٿا وڃون؟”
“تو وٽ ڀاڙو نہ هوندو!.”، پل رکي مُرڪندي چيائين: “عليل جو آهين اجان!!.”
“ها ڀاڙو تہ نہ اٿم!!”، چيم: “پر تون تہ آهين!!.”
“تون جهٽ جليل ٿي پئو تہ...........
“تہ چا؟؟.”
“تہ هاڻ پوءِ ئي توسان ملڻ ايندس مان.”

مان مُرڪي پيم تڏهن هن چيو: "منهنجي Husband سان ملندين تون؟".
"ها ملي تہ وٺندس پر..............
"پر ڇا؟؟."
"پر هُوءَ پُڇندئي ڪونہ تہ ڪير آهي عليل؟؟."
"هُوءَ منهنجي پڪي ڏاڍي بہ آهي!."، مُرڪي پئي.
"خبر پئجي ويس نہ تہ مان ڪنهن جو عليل آهيان تہ............
"ڏاڍي جي اثر مان نڪرندو تہ خبر پوندس نہ!!."
مان هن کي ڏسندو رهيم ۽ هُوءَ ڪائي دير ائين پوڳ ڪندي رهي پر پوڳن درد نہ سُمهاريا تڏهن هُن وري چيو: "مون کي وڄٽو آهي عليل...........
مون کي خبر هئي مان ڪڏهن بہ جليل تي نہ سگهندس تڏهن تہ هن مون کي وري تي عليل سڏيو: "مون کي وڄٽو آهي عليل!."
"قدم جي پڌي سگهجن ها تہ وڇوڙن جا وجود ئي نہ هُجن ها!."، چيم.
آسيہ چُپ تي وئي، ڪافي دير ماٺ ڪجهہ پيي نہ ڪُڇائين، ٿبيءَ بہ پئجي وئي، جڏهن واپس موٽي تڏهن نہ ڄاڻ الاءِ ڪيترا غوطا ڪائي موٽي!!.
"هل رڪشہ ڪيون تا."، چيومانس.
ٽڌو ساهہ پري ڇيائين: "هُوءَ تو وانگر عليل تہ نہ آهي!."
"هُن وٽ بائيڪ تہ هوندي!"، اڪيون اڪين بہ وجهندي چيومانس.
خالي مُرڪ مُرڪندي ڇيائين: "هُن وٽ ڪرولا آهي عليل!."، هُوءَ اُٿي بيني، مان هٽ جون ترپون مهٽي ساٽس اُٿي پيس، هُن مون کي ڏسندي چيو: "مان هلان تي عليل...............
"ها توکي وڃڻ گهُرجي آسيہ!!."، چيومانس.
هُن پنهنجو پرس سنڀاليو ۽ هڪ نظر مون کي ڏسندي ڇيائين: "ڇانهہ جو بِل..............؟؟."
مان هُن جي اڪين مان اڪيون ڪڍي نہ سگهيم پر هُن نظرون چورائي ورتيون: "محبت کي ڪيئن نہ هِن دنيا جي مول ماپن جي تِڪسات تي تنگي ڇڏيو اٿئي!!!."، چيومانس: "بل ڏئي وٺندس مان."
هُن اجهاٽل اڪين سان مون کي ڏٺو: "ها آسيہ تنهنجي Husband وٽ Corrolla پيي هوندي تہ ڪاروهنوار پيي هوندو پر تنهنجي عليل جهڙيءَ علالت نہ هوندس، چريائپ نہ

هوندس............ چنڊ هوندس پر چڪور نہ هوندس............ چاهت نہ هوندس!!!”، اهو مان چئي نہ سگهيم.

مان هُن کي ڏسندو رهيم، هُن وچ ۾ وري چور نظرن سان مون کي ڏٺو: “منهنجو Husband منهنجو انتظار پيو ڪري!!.”، هُن پنهنجو فون ڏسندي مون کي چيو: “مان هلان ٿي عليل!!!.”

هُوءَ در ڏانهن مُڙي وئي............... مون هُن کي پُٺيرو ويندي ڏٺو ۽ ڏٺم ٽيبل............. جنهن جي شيشي تي ڪي نظرون ڪِريل هُيون، ڪِريل نظرون شيشي تي پٿر ٿي ويل، برف وانگر ڄميءَ سرد ٿي ويل.

* * * * * * * * * * * *

# هُوءَ مري وئي

“هُوءَ مري وئي آهي!!”.

انتهائيءَ ڏُبري ۽ ڪمزور شخص، جنهن جو بُت ڪنهن هڏائين پنجري ڪان گهٽ نہ هُيو، اکيون ڏرا ڏئي ويون هئس ۽ مُنهن سُڪل چُوپي جهڙو هئس، اذ اچي متي واري اُن شخص چيو: “هُوءَ مري وئي آهي!!”.

ساڻس وينل پنج ست ڄڻن سندس آواز کي ڪنايو، هڪ بہ ڄڻا گهُنڊ وِجهي ڪيس ڏسڻ لڳا، سندن پرون گُتجي ويا ۽ باقي پنهنجين ڪاڏين ۽ لونڊڙين کي هٿ جي ٽيڪ ڏئي سوچ ۾ ٻُڏي ويا.

“توهان کي يقين نٿو اچي!؟؟”، هُن ڏُبري وري چيو: “مان چوان پيو نہ تہ هُوءَ مري وئي آهي.”.

“نہ........ مُئي ناهي اڃان!!”، ٿُلهي گينڊي جهڙي همراهہ، جنهن جي ٽِڪڻ تي هڪ وار بہ نہ هو، صرف ڪياڙيءَ جي آخريءَ چيڙي تي، ڪنڌ ڪان ٿورو متي ڪجهہ وار بچيل هئس، تنهن بندري شخص چيو: “توهان ڪيس آخري پساهن ۾ ڇئي سگهو ٿا!!”.

“آخري پساهن ۾!!؟؟”، پينٽ شرٽ پاتل همراهہ پُڇيو.

“ها آخري پساهن ۾!”، بِندري جواب ڏنو.

“پر مان چوان ٿو تہ هُوءَ مري چُڪي آهي.”، ڏُبري ڄڻ رنڀ ڪئي.

“نہ هُوءَ سڪرات ۾ آهي.”، بِندرو ضِد ٻڌي بيهي رهيو ۽ پينٽ شرٽ وارو ٻنهي کي حيرانيءَ منجهان ڏسڻ لڳو.

“ڇئبو تہ بيمار آهي!!”، ننڍڙن شيشن واري عينڪ پاتل ڀائيءَ جو گهڻي دير ڪان چُپ وينو هو تنهن چيو.

“بيمار...............!!”، بِندري چيو: “بيمار نہ بيماري جي آخريءَ اسٽيج تي آهي.”

“توهان آخر منهنجي ڳالهہ تہ اعتبار چو نٿا ڪريو؟؟”، هُن نِبل انسان ڄڻ احتجاج ڪيو: “مان چوان پيو نہ تہ هُوءَ مري چُڪي آهي.”

سڀ چُپ ٿي ويا تڏهن هُن ساهہ کڻي چيو: “هُن جو وجود بہ هاڻي باقي نہ آهي.”، ڪن رکي هُن ڄڻ فيصلو ڏيندي چيو: “سندس ساهہ جي آس رکڻ چريائپ آهي، ڪيس وري جيئرو ڏسڻ خواب آهي!!!”.

ٻيا سڀئي حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳا، سندن اکيون کُليل ئي رهيون، گهڻي دير تائين ڪنهن بہ اک نہ ڇنڀيءَ، لڳاتار سوچ جي ٻوڏ ۾ سڀئي ٻُڏندا ترندا رهيا، هُنن جي ڪچهريءَ تي خاموشي جو تهہ چڙهي ويو، هرڪو سوچن ۾ دفن ٿي ويو، ڄڻ ڪنهن ۾ همت نہ هُجي تہ ڪوئي ڳالهائي!!.

ڪوئي ڳالهائي بہ تہ هاڻ ڇا ڳالهائي؟؟.

هُوءَ تہ مري وئي!!!.

اڇي مڇي واري اڌڙوٿ، جنهن جي سِر جا سفيد وار گهاٽا ۽ گهُنڊيدار ها تنهن سگريٽ ڪڍي دُکايو ۽ هڪ اونهو ڪش هڻي دونهين کي ڇڏيائين تہ سگريٽ جو دونهون سندس نڪ ۽ وات مان نڪري مڇي اُڏاڻو ۽ سندس سِر جي آڪيري نُما وچڙيل وارن ۾ تحليل ٿي گُم ٿي ويو، هُن جڏهن ٻيو ڪش هنيو تڏهن سوٽيڊ بوٽيڊ همراهہ ڳالهاڻو: "تعجب آهي..... اجان ڪالهہ ئي تہ مون ڪيس ڏٺو هو!!."

هُن نگاهہ ڪٽي سين ڪي ڏٺو پر ورندي ڪنهن بہ نہ ڏني تڏهن وري پاڻ ئي چوڻ لڳو: "يقين نٿو اچي هُوءَ ايترو جلد مري بہ سگهي ٿي!."

"ساهہ تي ڪهڙو ڀروسو؟"، ڏٻري چيو.

"ڇا تہ سندس جوانيءَ هُئي!."، آڪيري نُما وارن واري شخص چيو: "سندس دؤر تہ غضب جو دؤر هو، مون تہ ڪيس اُن وقت عروج ڏي ويندي ڏٺو هو پر........

"ها...... هُن انهيءَ وقت ڪاميابي جا مرحلا طيءَ پئي ڪيا."، ٻِندري بہ وارو ورتو ۽ چوڻ لڳو: "ڪيس تہ اجان اڳتي وڌڻو هو جام پر........

"پر موت ڪيس ماري وڌو."، ڏُٻري، ٻِندري جي ڳالهہ ڪٽي ورتي.

"پر هُن جو ائين مرڻ تہ مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي!!."، اڇي مڇي واري چيو.

"ائين مرڻ؟؟."، ٻِندري حيرت مان پُڇيو: "ڇا مطلب ائين مرڻ؟؟."

"ها ائين اوچتو مري وڃڻ."

"ادا هُوءَ بيمار جو ٿي پئي هُئي."، ڏُٻري وضاحت ڪئي: "لڳي تہ ڪڏهن هُن کي گولي بہ هئي تڏهن بہ هُوءَ مُئي نہ هُئي بچي وئي هُئي."

"سندس بيماري جو علاج نہ ٿيو ڇا؟؟."

"علاج تہ ٿيو پر........"، ڏُٻرو ايترو چئي ماٺ ٿي ويو تڏهن گنجو شخص جو گهڻي دير کان ماٺ هو تنهن پُڇيو: "پر ڇا؟؟."

"پر سندس نيڪ طرح پرگهور لهڻ وارو بہ ڪوئي ڪونہ هو!!."

“معنيٰ سندس تيمارداريءَ بہ نہ ٿي سگھي؟.”
“ها هُوءَ بي قدرن جي رحم و ڪرم جي نظر ٿي وئي!.”
“سندس ڪو اوهي واهيءَ نہ هو ڇا؟؟.”، سوٽيڊ بوٽيڊ پُڇيو.
“نہ نہ...........”، ڏُٻري جڻ ريهہ ڪئي: “اوهي واهيءَ تہ انيڪ ها پر مٿس ڪنهن ڌيان ئي نہ ڏنو!.”
“نہ اصل ۾ سندس پنهنجا معالج مري ويا ها ۽ هُوءَ نون معالجن جي ور چڙهي وئي.......... سيڪڙاٽ طبيبن سندس درد نہ سُڃاتو ۽..........!!.”، گنجي ڇئي ساهہ پٽيو ۽ ڏُٻرو ڪيس اکيون ٽِمڪائي ڏسڻ لڳو، پينٽ شرٽ واري پُڇيو:“۽ ڇا؟”
هڪ ٿڌو ساهہ کڻي گنجي ٿُلهي همراهہ چيو: “۽ هُوءَ سڀ هُن جو ڪو دارون نہ ڪري سگھيا.”
“ائين بہ هو پر اصل ۾ هُوءَ لاپرواهيءَ جي ور چڙهي وئي.”، ڏُٻري راءِ ڏني.
“ها نِيم حڪيمن بہ تجربا ڪري ڪيس ڳِٽيءَ جوڳي حالت ۾ پُڄائي ڇڏيو!.”، ٿُلهي شخص چيو، جنهن جو نڪ پيي ٿُلهو ۽ بي ڊولو هو.
“پر مان سمجھان ٿو تہ هُن ڪي اجان اڳِتي وڌڻو هو پر................
“خير ڪجھ بہ هو پر هاڻ هُوءَ پاڻ ۾ نہ رهي آهي!.”، ڏُٻري پينٽ شرٽ واري جي ڳالھ ڪٽيندي چيو.
“پر مون ڪي اجان يقين نٿو اچي تہ ڪو هُوءَ.................”
“يقين بہ اچي ويندئي.......!!.”، ڏُٻري سُڪل شخص چيو: “وقت سان گڏ توکي پيي پتو پئجي ويندو تہ هُوءَ نہ رهي آ”.
“ها ادا وقت وڏو ظالم آ”، ڪنهن چيو.
“اڙي وقت وڏو ظالم نہ وقت وڏو مرهم آ”.
“وقت بي رحم آ، هر شيءِ ڳڙڪائي ويندو ۽ هُن جو بہ نام نشان هاڻ ختم ٿي ويندو مُستقبل قريب ۾!!”.
“پر حيرت آ يار!.”، سوٽيڊ همراهہ تشويش ۾ هو تنهن چيو: “يار اجان چند ڏينهن پهرين ئي تہ مان هُن سان مليو هئس”.
“هُوءَ اُن مهل توکي بيمار نہ لڳي هُئي؟”
“بيمار.......!!.”، هُن چيو: “نہ بيمار تہ نہ هُئي هُوءَ ها باقي ڪجھ ٿڪل تہ ضرور هُئي”.

“هُوءَ ٺڪل نہ هُئي.”، سُڪل چيو: “هُوءَ بيمار هُئي”.
“پر خير.......... موں کي الاءِ ڇو يقين نٿو اچي”.
“توکي يقين ڪرڻو ئي پوندو تہ هُوءَ..................
“هُوءَ جوانيءَ ۾ ڪيئن ٿي مري سگهي!!؟؟”.
“موت تہ ٻاروتڻ، پيريءَ ۽ جوانيءَ نہ ڏسندو آهي مُحترم سائين!”.
“ها اُهو تہ آهي پر پوءِ ڀي............
“پر پوءِ ڀي ڇا؟؟”، سُڪل شخص پينٽ واري همراهہ کي مڃائڻ لاءِ تيار هو، سوٽيڊ چيو: “پر پوءِ ڀي اِهو مُمڪن تہ نہ آهي”.
“ڪجهہ ڀي نامُمڪن ناهي!!.”، سُڪل ڄڻ فيصلو ڏنو.
“پر........!!.”، هڪ احتجاج جو اڌ ۾ رهيو ۽ سُڪل ڳالهہ ڪٽيندي چيو: “پر هُوءَ مري چُڪي آهي ۽ اسان کي هُن جو سوڳ ملهائڻ گهُرجي”.
“ها هُن جي ياد ۾ پاڻ کي ڪو ڏِهاڙو ملهائڻ گهرجي!.”، ڪنهن چيو.
“نہ ڪا شام هُن جي نانءُ ڪرڻ گهُرجي.”، ٻيو آواز آيو.
“جي ڀلا ڪا رات جي رهاڻ هُن جي نانءُ سان رچايون تہ؟؟.”، ٽِئين پُڇيو.
“ماں تہ چوان ٿو هُن جي نالي سان ڪا يادگار ڪاميٽي جوڙيون!.”، اِن چوٿين آواز سان بحث ئي ڇِڙي پيو.

هُوءَ سيئي سوچي سوچي ڇِتا ٿي پيا، بحث ۾ جهڳيءَ هٽي هٽي مرڻ جهڙا ٿي پيا پر ڪنهن بہ هڪ ڳالهہ تي هُوءَ سيئي مُتفق ٿي نہ سگهيا ۽ هڪٻئي کي صلاحون ڏيندا رهيا ۽ هڪٻئي جي صلاحن ۽ مشورن مان چُڪون ۽ رولا ڪيندا رهيا پر سوٽيڊ بوٽيڊ همراهہ پنهنجي ڪاڏيءَ کي هٿ ڏئي سين کان بي نياز ٿي گهِري سوچ ۾ ٻُڏو ئي رهيو پر هُوءَ لڳاتار پاڻ ۾ جهڳڙندا رهيا تان جو ڪافي وقت سندس انهيءَ پٺ ڪوهہ ۾ گُذري ويو.

ڪافي دير جي ڪشمڪش کان پوءِ جڏهن هُوءَ سڀ نِساها ٿي پيا ۽ واري واري سان ٿڌا شوڪارا هٽي چُپ ٿي ويا سيئي، تڏهن ائين لڳو ڄڻ هُوءَ سڀ ڪنهن مُئي جي تڏي تي اداس ۽ افسرده وينا هُجن!!.

سين جا مُنهن لهي ڍرڪي پيا، اکيون چنجهيون ٿي سُڪڙجي اندر پيهي ويون، نِرڙ جا گهُنڊ ۽ گهُنج وري گهِرا ٿي پين پر سوٽيڊ همراهہ اڃان ڀي ڪاڏيءَ کي هٿ ڏئي ڪجهہ سوچيو ٿي تہ ڪنهن سرگوشيءَ ۾ چيو:
“ٻُڌو............!!.”

ڪنهن بہ ڪنڌ نہ چوريو، سين جون صرف آواز ڏانهن اکيون ڦِريون، هُوءَ سيئي آواز ڏانهن متوجہ ٿي پيا، هُوءَ جڻ هُئا مُئل پر سندن دوڏا ٿِمڪيا ٿي!!.
جنهن چيو ٻُڌو، تنهن کن رکي چيو: "ڪنهن جي مرڻ سان ڪوئي مري تہ نہ ويندو آهي!."
"چا.........؟؟"، پينٽ واري همراهہ رڙ ڪئي ۽ پوءِ آخر ۾ چپن ۾ ٽُڪو ڪيائين:
"Foolish......!!"
ٻيا سڀ ان کي اچرج منجهان ڏسڻ لڳا، ڳالهاٽو ڪوئي پي نہ، ڪافي دير هُوءَ ائين گُم سُم وينا رهيا، مايوسيءَ سندس من ۾ گهر ڪري وئي، هي سيئي هُن کي بچائي نہ سگهيا، هنن جي اڳيان هُوءَ مري وئي، اِهو ڏُک ۽ ارمان سين کي ڪائڻ لڳو، سندس مُنهن تي سوڳواريءَ جون ريکائون اُڀري آيون، هُوءَ روئٽهارڪا چهرا ڪٽي وينا رهيا، سوچيندا رهيا، لوچيندا رهيا تہ ڪين هاڻ تہ ڪُجھ ڪرڻ کپي، هُوءَ سيئي هُن جي مرڻ پُڄاڻان ڪجھ ڪرڻ پيا چاهين، جيڪو هُوءَ هُن جي حياتي ۾ ڪري نہ سگهيا، هُوءَ پنهنجا پنهنجا جڻ پاپ ڌوئڻ پيا چاهين پر هُوءَ سيئي ڪنهن بہ نتيجي تي پُڄي نہ سگهيا، هُوءَ ڏڙن ۾ ورهائجي ويا، هُنن ۾ گروپ بنديءَ ٿي پئي، هڪڙا چون تہ هيئن ڪريون تہ ٻيا چون هُونئن ڪريون، ڪجھ ڪرڻ لاءِ هُوءَ آمهون سامهون ٿي پيا ۽ مايوس چهرن سان مُئل وجود ۾، بيمار ساهہ ڪٽندي هُوءَ مسلسل هڪٻئي کي تڪيندا رهيا، تڏهن هڪ خوبصورت نوجوان عين اُن گهڙي سين کي سلام ڪري اچي سندن ڪچهريءَ ۾ ويٺو، نوجوان جو چهرو خوشي مان ٻهڪيو پئي ۽ مُسڪراهٽ سندس چپن جي سِرن تان گُم نہ پئي ٿي. هُوءَ هر هر مُسڪرائي پيو تہ سندس چمڪندڙ موتي جهڙا ڏند تجلا ڏيڻ ٿي لڳا، نوجوان جو تر وتازه چهرو ۽ سراپا خوشي ڏسي هُوءَ سيئي جڻ چِڙي پيا!!.
نوجوان سندن غمگين چهرا ڏسي ذر ذر ڪانئن پُڇڻ لڳو: "ڳالهہ چا آهي؟، چو اوهان سين مُنهن لاٿو آهي؟."
پر ڪنهن بہ ڪا ورندي نہ ڏني، اندر ئي اندر هُوءَ سڀ اُن نوجوان تي خار ڪائيندا رهيا جڻ ڪڙهندا رهيا، جيڪي ڪجھ وڏيڪ پوڙها ها اُهي تہ بند وات ۾ ڏند پي ڪرٽيندا رهيا پر نوجوان نہ مُڙيو ۽ پُڇندو رهيو ۽ هنن سانجهيءَ چهرن کي ڪلائڻ جا ڪيگر ڪندو رهيو پر هُوءَ سيئي مڪ ماريو وينا رهيا، ڪجھ پي نہ ڪُڇيا، جڏهن نوجوان جو اسرار حد ڪان وڌي ويو، تڏهن گنجي بي ٻولي جڻ دانهن ڪئي:
"هُوءَ مري وئي آهي!!!."

“اوهه........ اوهان سڀ تڏي تي ويٺا آهيو!؟”، نوجوان يڪدم ڄڻ پنهنجي غلطي محسوس ڪري ورتي: “آءِ.ايم.ساري........... مون کي خبر نہ هُئي!.”، نوجوان معافي گهُرندي چيو ۽ هُوءَ سڀ اکيون ڦاڙي نوجوان کي ڏسڻ لڳا، نوجوان پل لاءِ ٻُڏتر ۾ پئجي ويو ۽ جلد پاڻ سنڀالي ورتائين پوءِ ڪجهہ سوچيندي چيائين: “پر اوهان سڀ ڪرسين تي ڇو ويٺا آهيو؟؟، مُئي جي تڏي تي تہ.....

“اوهان اُبهرا نوجوان آهيو نہ!!.”، سُڪل ڳالهہ ڪٽيندي چيو:“اوهان کي زماني جي خبر ڪهڙيءَ؟”

نوجوان جي ڳالهہ اڌ ۾ رهجي وئي، هُوءَ سڀ وري سوچڻ لڳا پر نوجوان سِرڪي سوٽيڊ همراهہ جي ڪن تي پنهنجا چپ آندا ۽ ڪائنس ڪجهہ پُڇيائين.

پينٽ شرٽ واري همراهہ نوجوان کي سرہاڻن ۾ ڪو جواب ڏنو تہ نوجوان رڙ ڪئي: “ What foolish......!!”

هُوءَ سڀ ڇرڪي پيا ڄڻ ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي پيا هُجن ۽ حيرت مان سيئي نوجوان کي تڪڻ لڳا، تڏهن نوجوان وري پُڇيو: “ڪير تو چئي تہ هُوءَ مري وئي آ؟؟.”

ڪويي نہ ڳالهاڻو، سڀ نوجوان کي تڪڻ لڳا، نوجوان اتي بيهي رهيو، پينٽ وارو پائيءَ ششدر ٿي پيو، تڏهن نوجوان وري سيني کي مخاطب ٿيو: “ڪير تو چئي هُوءَ مري وئي آ؟.”

“مان تو چوان تہ هُوءَ مري وئي آ.”، ننڍڙين شيشن واري عينڪ پاتل اڌڙوٽ چيو.

“نہ هُوءَ ڪانہ مُئي آ.”، نوجوان ڏيرج سان چيو.

“نہ هُوءَ مري وئي آ............!”، بِندري ڄڻ فتويٰ ڏيندي چيو: “مان پاڻ هُن کي اسپتال ۾ مرندي ڏسي آيو آهيان.”

“مُحترم دوست..........!!.”، نوجوان انتهائي پُرسڪون ٿيندي چيو: “يقينن اوهان کي ڪوئي پولو ٿيو آهي.”

“نہ...... مون کي ڪوئي پولو نٿو ٿي سگهي!”، بِندري احتجاج ڪيو: “مجان تو تہ مان پوڙهو ٿي چُڪو آهيان پر اجان نظر واري عينڪ استعمال ڪرڻ شروع نہ ڪئي اٿم.”

“مُحترم سائين.......!.”، نوجوان وري چيو: “اوهان کي ضرور ڪو وهم جاڳيو آهي باقي هُوءَ نہ مُئي آهي....... هُوءَ تہ اجان زنده آهي بلڪ........

“نہ هُوءَ مري وئي آهي!”، پوڙهي ضد ڪيو: “مون ڪو سپنو نہ ڏٺو آهي”.

“سپنن ڏسڻ جي مُند گُذري وئي!.”، نوجوان سرباٽ ڪندي مُرڪي پيو، سندس سُھڻا ڏند چپن جي وِٿين مان ظاھر ٿي تڏھن جرڪڻ لڳا جڏھن ھُن چيو: “نہ ائين ڪونھي ھُوءَ ناھي مُئي”.

بِندري اڪيون مھٽيون، سوٽ واري ھمراھ جي نِرڙ جا گھُنڊ ڍِرا ٿي ڍھي ويا، نوجوان چيو: “نہ ھُوءَ نہ مُئي آھي...... مان ان ڳالھ جو گواھ آھيان تہ ھُوءَ زندھ آھي”.

“تون گواھ آھين!؟”، ڪنھن پُڇيو: “اُھو ڪيئن؟؟”.

“چو تہ مان زندھ آھيان!!!.”، نوجوان چيو.

سڀ حيران ٿي پيا، ٻئي ڪنھن پُڇيو: “معنيٰ؟؟”.

“معنيٰ ھُوءَ زندھ آھي”.

“چا مطلب؟.”، گنجي شخص ڏند ڪرٽيندي نوجوان ڪان پُڇيو.

“مطلب مان ۽ ھُوءَ ھڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آھيون، مان زندھ آھيان تہ ھُوءَ ڪيئن ٿي مري سگھي!!”.

“نہ ھُوءَ مري وئي آھي!”، گنجي احتجاج ڪيو.

نوجوان چيو: “نہ سائين نہ..........!، جيسين مان زندھ آھيان، ايسين ھُوءَ مرڻي ناھي ۽....... ۽.........”، نوجوان ايترو چئي ماٺ ٿيو تہ بِندري پُڇي ورتو: “۽ چا؟؟”.

“۽ منھنجي مرڻ ڪان پوءِ بہ ھُوءَ تہ مرڻي ڪانھي!!”.

نوجوان چيو: “جيسين ڌرتيءَ رھڻي آ، جيسين ٻوليءَ رھڻي آ، ھُوءَ مرڻي ڪونھي ايسين ھُوءَ مرڻي ڪونھي!!”.

سڀ کُليل اکين سان حيرانيءَ مان نوجوان کي ڏسڻ لڳا، پينٽ پاتل ھمراھ سگريٽ ڪڍي دُکايو، بِندرو چُپ ٿي ويو، گنجي مٿي کي ھٿ سان ٺيڪ ڏني ۽ نوجوان کي ڪارڊ ڪٽي اڳتي وڌايا ۽ ھڪ ھڪ ڪارڊ سڀن کي ڏيندي چيائين: “نہ سائين ھُوءَ نہ مُئي آ، مان ھُن جو مينٽرو زندھ آھيان تہ منھنجي مومل ڪيئن ٿي مري سگھي!!”.

“پر.......................

“پر ہر ڪجھ بہ نہ.”، نوجوان جھوني جي ڳالھ ڪٽيندي چيو: “سر........ ايندڙ چنڊ جي چوڏھين رات مان ھُن سان لائون لھندس”.

“پر........................

“پر ھُوءَ مُئي ناھي زندھ آھي!.”، نوجوان ٻيھر ڳالھ ڪٽي ورتي: “مون وانگر تر و تازھ، ھشاش بشاش ۽ نوجوان آھي ھُوءَ..............!!، مُنھنجو ۽ سندس وھانءُ آھي، اسين

اوهان جو انتظار ڪنداسين، ايندڙ چوڏهين رات چانڊوڪي ۾ اوهين ضرور پٽ نگريءَ اچجو اسان کي لائون ڏيڻ“.

”پر اسين تنهنجي ڪُنوار جي ڳالهه نہ پيا ڪريون اسان تہ..............

”ڇا اسان تہ؟؟“، نوجوان دهمان سان پُڇي ورتو.

اسان تہ ڇئي ڄڻ ڪو ميچيءَ جو ڪنڊو پوڙهي جي ٻِڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هجي ۽ هُوءَ ششدر اکين سان نوجوان کي تڪيندو رهجي ويو، نوجوان جي اکين جي جوت ڏسي ڪائنس سڀ لفظ وسري ويا، نوجوان هُن کي غور سان تڪيندو رهيو، تڏهن هُن پنهنجا گُم ٿي ويل ساهہ جائيتا ڪندي ڄڻ ڦٿڪي چيو: ”اسان تہ سنڌيءَ ڪهاڻي جي ڳالهه پيا ڪريون!!!“.

”مان پِي ان جي ئي ڳالهه پيو ڪريان!!.“، نوجوان ڌيرج سان چيو: ”هُوءَ ئي منهنجي مومل آهي ۽ مان ئي هُن مينڌرو آهيان، هُوءَ مُنهنجي سسئي آهي، مان هُن جو پُنهون آهيان، مان زندهہ آهيان، هُوءَ ڪيئن ٿي مري سگهي؟؟. هُوءَ ۽ مان لائون لهنداسين، هُوءَ مُنهنجي ڪهاڻي آ ۽ مان هُن جو ڪهاڻيڪار آهيان.“

ايترو چئي نوجوان مُرڪي وريو پوئتي ۽ هڪ خُماريل لوڏ سان ويو اڳتي وڌندو، پُنيان هُوءَ سڀ اڳتي وڌندڙ نوجوان کي پنهنجين ٿمڪندڙ اکين سان ويندي ڏسندا رهيا.

* * * * * * * * * * * *

# خالي هٿ

هُوءَ ننڍپڻ کان ئي بانسريءَ وڄائي سگهندو هو پر جڏهن مُنهن تي ڏاڙهيءَ مُڇن جي ساوڪ اُڀري آيس ۽ جواني کي پهتو، تنهن وقت سندس بانسريءَ وڄائڻ واري مهارت بي مثل تي پئي!!.

بانسريءَ ۽ هُن جو ميل ڏاڍو سُندر ٿي پيو، ساز ۽ آواز جڻ هُن جي روح مان ڦُٽي تي نڪتا ۽ پوءِ هُن جڏهن بہ بانسريءَ وڄائي تڏهن هُن جڻ هڪ اڻ ڏٺي پيڙاءُ کي ٿي پيدا ڪري ڇڏيو!.

هُن جي انهيءَ انداز کيس ٻين سڀن کان مُنفرد ڪري ڇڏيو، کيس ڏسي گهڻن کي رشڪ ٿي آيو پر بانسريءَ وڄائڻ سان بہ هُن وانگر سا هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هُئي.

مان ۽ هُوءَ جت ننڍپڻ کان جواني تائين گڏ پڙهياسين، اُتي پرائمري کان هاءِ اسڪول ۽ پوءِ ڪاليج بہ گڏ پڙهياسين، هر سال هر ڪلاس ۾ گڏ هڪ ئي بئنچ تي ويهڻ ۽ هر شام گڏ گهمڻ ڪُڏڻ تہ معمول هو پر بانسريءَ وڄائڻ وقت هُوءَ سدائين مون کان ڌار ٿي ويندو هو، جُدا ٿي پوندو هو جڻ تہ هُوءَ گُم ٿي پوندو هو ۽ مان روز ان ويل بيحد اداس ٿي پوندو هئس!.

کيس گهڻو ئي چيم: "يار حارث مون کي بہ بانسريءَ وڄائڻ سيکار، منهنجو بہ من چاهي ٿو تہ مان بہ اهڙي سُهڻي بانسريءَ وڄايان."

پر هُوءَ هميشہ جواب ۾ مُرڪي پوندو هو، کيس خبر هُئي تہ مان ڪڏهن بہ بانسريءَ وڄائي نہ سگهندس تڏهن تہ هُن ڪڏهن بہ نہ ها ڪئي ۽ نہ ئي ڪڏهن هُن مون سان نہ ڪئي پر جڏهن بہ ٿي بانسريءَ کي ڇيڙي ڇڏيائين تہ من ۾ ٿي عجيب هلچل پکيڙي ڇڏيائين!.

هُوءَ بانسريءَ وڄائي ڇڏيندو هُو، دل ۾ درد جاڳائي ڇڏيندو هو ۽ مان اداس ٿي پوندو هئس پر پوءِ مان اُن وقت سائين منير شيخ ڊرائنگ ماستر جي مدد سان آخر ڊرائنگ ۾ وڃي پناهہ ڳولي ورتي ۽ ڏينهون ڏينهن پاڻ کي ڊرائنگ ۾ دفن ڪندو ويس، چاهہ وڌندو ويو، مُصوري من ۾ گهر ڪندي وئي، ڦِڏيون لڪيرون سڌيون ٿينديون ويون، ساٿ هلندو رهيو، سنگ نہ ٽُٽو، نِباهہ هو جو بانسريءَ سان بہ ٿيندو رهيو، مصوري سان بہ هلندو رهيو تہ دوستي سان بہ وڌندو ويو!!.

جڏهن انٽر پاس ڪئي اسان تڏهن بانسريءَ حارث جي سرتيءَ هُئي، رنگ ۽ بُرش منهنجا دوست ها ۽ اسان سنگتي هياسين!!.

گهر جو هڪ ڪمرو ڇڻ منهنجو ڪمرو نہ هُيو پر ڪو تصوير خانو هُيو، رنگ، انيڪ قسمين قسمين بُرش، ڪي ڪينواس، ڪاغذ، شيٽون، پينسلون ۽ اهڙو ٻيو گهڻو ڪجهہ ۽ باقي ڪي مڪمل تصويرون، ڪي اڌوريون تصويرون، سڀ بي ترتيب هِت هُت ٽِڙيل پکڙيل بي ڍنگائي جي انتها!!.

اُن ڪمري ۾ منهنجون ۽ حارث جون انيڪ ڪچهريون ٿيون، حساس، سنجيده، فلسفي، ادب، تاريخ کان ويندي پيار مُحبت تي..... ڪِل پوڳ کان وٺي پنهنجين پريشانين تي ڳالهائيندا هئاسين اُن ڪمري ۾!!.

اهو ڪمرو جو ناهيو تہ بينڪ لاءِ ويو هو پر پوءِ منهنجن لڇڻن جي ڪري مون کي عطا ڪيو ويو تہ جيئن منهنجو جهان هڪ پاسي ئي هُجي!!.

انهن ئي ڏينهن ۾ حارث کي هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ ڪا ڪلارڪ جي سستي نوڪري ملي وئي ۽ هُوءَ بنهہ گهٽ پگهار تي اها نوڪري ڪرڻ لڳو، اسان جي ملاقاتن جي سلسلي کي ٿورو بُنجو اچي ويو، مهيني ماسي ڪا اڌوري ملاقات ٿي تہ ٿي نہ تہ حارث ڪلارڪي ۾ گُم ۽ مان مُصوري ۾ فنا!.

گهڻا ڏينهن پوءِ جڏهن مان B.A جي ٻئي سال جو فارم ڀري رهيو هئس تڏهن هڪ شام حارث آيو، اُن وقت مان هڪ ٽُٽل شيشي جي، ٽُٽل ٽُڪرن جي تصوير ناهي رهيو هئس، هُوءَ ڪائي دير گُم سُم ٻيهي اُن تصوير کي ڏسندو رهيو، سندس مُنهن بنهہ لٿل هو، ان ويل هُوءَ مون کي ڏاڍو اُٻاٽڪو، نِساهو، اڻ ٿانيڪو پئي لڳو، کُلهي ۾ هٿ وجهي هلڪو ڊونڊاڙيومانس، ڇرڪي پيو ۽ هڪ ٿڌو ساهہ ڀري ڄڻ دُنيا ۾ موٽي آيو.

اُن شام سندس ئي اصرار تي اها تصوير اڌ ۾ ڇڏي اسان گهران نڪري آياسين ۽ چُپ چاپ هلندي هلندي شهر کان ٻاهر وهندڙ شاخ جي پُل تي اچي وينا سين، مون ساڻس ڪجهہ ڳالهائڻ پئي چاهيو پر هُن جي خاموشي منهنجي ڪنهن بہ لفظ جي ٽيڪ سان نہ ٽُٽي!.

شام ڏاڍي اداس هئي پرئين پر شهر جي ٻئي پاسي سج لٿو ٿي ۽ شاخ جي وهندڙ پاڻي پُل هينيان گُذرڻ مهل سُريلو سرگم تي پيدا ڪيو، ان ويل حارث پولار مان نظرون ڪيڍي ڪي گهڙيون شاخ جي وهندڙ پاڻي کي ڏٺو ۽ پوءِ بانسريءَ جو هڪ سِرو چپن تي رکي ساز ڇيڙي ڇڏيائين.

ڪو درد هُيو جو ويو آلاپ بڻجندو، جيڪو هُن مون سان ڪڏهن بہ نہ سليو هو ۽ اڄ فضا ۾ ائين هر ڏُک کي تحليل ڪري ڇڏيو هئائين.

گهڻي دير ڪان پوءِ جڏهن هر طرف انڌاري جو گُمان ٿي چُڪو هو ۽ شهر جون روشنيون ٽِمڪڻ لڳيون هُيون تڏهن بانسريءَ تان هُن پنهنجا چپ هٽائي ڇڏيا ۽ ٻوٽيل اکيون کوليائين تہ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو هڪ انبوهہ سندس بانسريءَ جي درد جي آلاپ ۾ اسان جي اڳيان سوگهو ٿيو بيٺو هو، هڪ سحر هو جيڪو مون سميت اتي موجود ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڪان ٽُٽي نہ سگهيو، گهڻا بُت مون سميت پٿر ٿي بي حرڪت ٿي ويا ها!!.

هن منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ اسان شاخ جي پُل تان ماڻهن جي هُجوم مان نڪري هليا آياسين ۽ پويان رهجي ويون حارث جون انيڪ تعريفون جي ماڻهن بجا ٿي ڪيون، جن ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ هو.

واپسيءَ مهل ڪائنس سندس اپاٽڪائي جو سبب پُڇيم، هڪ اداس مُرڪ ڪان پوءِ چيائين: "بس يار منهنجي بانسريءَ سان ڪنهن کي عشق ٿي پيو آهي!."

"بانسريءَ سان عشق؟؟."، پُڇيومانس.

"ها بانسريءَ سان عشق!."، ڪن رکي چيائين: "پر تون فلرٽ چئي سگهين ٿو".

"پوءِ بانسريءَ ڏئي ڇڏينس!".

"بانسريءَ تہ ڏئي ڇڏيانس پر......... بانسريءَ جا سُر ڪيئن ڏيانس!؟".

"سُر سنڀالي وٺندي، آخر بانسريءَ سان عشق جو اٿس."، چيومانس.

"بانسريءَ کي عشق بانورن سان ٿيندو يار!."، چيائين: "ڪو وقتي چانورن سان نہ."

مان سندس ڳالهہ سمجهي نہ سگهيس ۽ ساڻس گڏ هلندي جڻ ڪائنس پوئتي رهجي ويو هئس، تڏهن هُن چيو: "يار اعجاز........ جنهن اسڪول ۾ مان ڪلارڪ آهيان ان اسڪول ۾ ڪجهہ ڏينهن پهريان هڪ فنڪشن ٿيو هو".

مان خاموش ٿي رهيس تہ هن وري پاڻ ئي ڳالهايو: "مون ان فنڪشن ۾ بانسريءَ وڄائي هُئي ۽............

"۽ چا؟؟."

"۽ ان اسڪول جي مالڪ جي ڀائٽيءَ منهنجي بيحد تعريف ڪئي!".

"چو بين نہ ڪئي چا؟؟."، ڪلندي چيومانس.

"نہ يار بين بہ ڪئي پر هُن بيحد ڪئي ۽ پوءِ.........

"چا پوءِ؟".

"پوءِ هُن روز ملڻ تہ معمول ئي ٺاهي ڇڏيو!."، مان سواليہ نگاهن سان هن کي ڏسڻ لڳس تڏهن هُن چيو: "اعجاز منهنجي تہ هُن نوڪري ئي چٽ ڪرائي ڇڏي!!".

“چا مطلب نوڪري ڇٽ!؟”.

“هُن جو روز ائين آفس ۾ اچي ملڻ ٺيڪ نہ هو ۽ ماڻهن سندس چاچي ڪي مون خلاف اڪسائي ڇڏيو”.

“پوءِ هن.............

“پوءِ هن جو چاچو ماڻهن جي چئي ۾ اچي ويو ۽ اجايو شڪ تي پيس، منهنجي ڪردار تي داغ هڻي ۽ ڪئي الزام ڏئي مون کي نوڪري مان بيدخل ڪري ڇڏيائين!”.

“چو تو پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجھ بہ نہ چيو چا؟”.

“مون ڪان هن صفائيءَ ورتي ئي ڪانہ!، مون تي هن اعتبار ڪيو ئي ڪونہ!!”.

“چوڪري بہ ڪجھ نہ چيو پنهنجي چاچي کي؟؟”.

“پريا تہ لاتعلق ئي تي پئي اعجاز.......... بلڪ منهنجي خلاف تي پئي!”.

“خلاف تي پئي چو؟”.

“پائنيان تو مائٽن جي ڊپ ڪان”.

“تنهنجو بہ هن سان ڪو تہ رولو هوندو؟”.

“نہ ڪو رولو نہ هئم........... فقط ڳالهائڻ جي حد تائين”.

“تہ پوءِ خير آ نوڪري بي ڪا ملي پوندئي يار”، چيومانس: “هونئن بہ گهٽ پگهار ئي تہ هُئي ۽ گهٽ پگهار واري نوڪري بي بہ آسانيءَ سان ملي ئي پوندي ڪا!!”.

“نوڪري جو ڏُک نہ اٿم اعجاز!”.

“تہ پوءِ چوڪري جو ڏُک اٿئي؟؟”.

“نہ چوڪري جو بہ ڏُک نہ اٿم”، کن رکي چيائين: “بي همدردي ماري وڌو اٿم”.

“بي همدرديءَ؟؟”، تعجب مان پُڇيومانس.

“ها يار هڪ بي همدرديءَ...............!!”.

مان خاموش ٿي ويس سمجھ ۾ نہ آيم تہ بي ڪهڙيءَ همدرديءَ حارث کي پريشان ڪيو آهي!. مان سوچيندو ئي رهيس تڏهن حارث وري ڳالهاٽو: “خبر اٿئي اعجاز جڏهن پريا جي چاچي مون کي خُوب ذليل ڪري اسڪول مان ڪڍيو ۽ پريا سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ مُنهنجي برخلاف تي پئي تڏهن وجيھ جي همدرديءَ مون کي..................!!”.

“وجيھ............!!”، پُڇيومانس: “ڪير وجيھ؟؟”.

“پريا جي وڏي ڀيڻ آهي وجيھ اعجاز”.

“اها همدرديءَ توکي قبول آهي حارث؟”.

“خبر ناهي پر............. پر سندس همدرديءَ ۾ عجيب ڇڪ آهي يار”.
“پوءِ تون ڀي ڇڪجي وڃ نہ ڀلا!”، يوڳ ڪندي چيومانس.
“يار مان تہ اڳ ئي گهر ۾ قيد ٿي رهجي ويو آهيان، رسمي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ئي پريا ايڏو رُسوا ڪرايو آ جو پاڙي جي تہ وات وات ۾..............
“ايڏي ڳالهہ وڏي وئي، مون کي ٻڌايئي ڀي نہ؟؟”.
“ڪهڙيءَ شُهرت جو سبب ٻڌايان ها يار!”.
“۽ هاڻ؟؟”، پُڇيومانس.
“۽ هاڻ پريا ۽ هنن جي خاندان جي اهڙي ورتاءُ پُڄاڻان وجيهہ معافي گهُري آهي پر.............
“پر ڇا حارث؟؟”
“پر يار معافي گهري جڻ محبت آچي اٿس!”.
“توکي اها محبت منظور آهي حارث؟”.
“خبر ناهي.......... مان تہ ڏاڍو مُضطرب آهيان يار!”.
“پر ڪٿي پريا ئي تہ نہ...............
“نہ يار پريا تہ ڏاڍي خود غرض آهي”، هُن منهنجي ڳالهہ ڪٽي ورتي: “هُوءَ ائين ڪڏهن بہ نہ ڪندي”.
“۽ وجيهہ؟؟”.
“وجيهہ تہ بيحد حساس آهي يار”.
“حساس ماڻهوءَ جام ڏُک ڏيندا اٿئي حارث!”.
حارث جا قدم بيهي ويا، گهوري مون کي ڏٺائين، هڪ خاموشي جا طاري ٿي وئي!.
هُوءَ ڪي پل ائين خالي نظرن سان مون کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: “في الحال تہ اها حساس وجيهہ خود پاڻ پئي انيڪ ڏُک ڏسي!”.
مان خاموش رهيس تڏهن پاڻ چوڻ لڳو: “خبر اٿئي جڏهن هن جي مون کان معافي گهرڻ واري خبر پريا کي پئي تڏهن کان پريا تہ وجيهہ جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، ٻُڌو اٿم نہ صرف پريا پر پريا جي ئي چُرچ تي سموري گهر مهڻن ۽ طعنن سان وجيهہ کي اٿندي ويهندي...........
مان چُپ چُپ هُن کي ٻُڌندو رهيم ۽ هُوءَ چوندو رهيو: “يار اعجاز وجيهہ تہ منهنجي ڪري پريي گهر ۾ اڪيلي ٿي پئي آهي، سين ڪان ڪٽجي، ڏار، الڳ ٿلڳ، تنها ۽ اداس

رهڻ لڳي آهي!.“، حارث جذباتي ٿي چُڪو هو، سوچيم فطرت جا پريمي ڪيڏا حساس، نماڻا ۽ درد دل رکندڙ هوندا آهن!.

ڪيس بس ايترو چيم: ”يار تون گهڻو اڳتي نڪري چُڪو آهين........... خيال رکجان حساس ماڻهوءَ ڏُک کي تڪڙو قبول ڪري وٺندا آهن تہ حساس ماڻهوءَ ڏُک ڏيندي بہ جهٽ ڪندا آهن!“.

هن کي بہ ڪين ڳالهايو ۽ اسان جا قدم وڌندا ويا، جڏهن گهر پهتاسين تڏهن هن چيو: ”اعجاز......... بانسريءَ کي بہ شايد عشق ٿي پيو آهي!!“. مان مُرڪي پيس ۽ هُوءَ موڪلائي هليو ويو.

گهڻا ڏينهن پوءِ زندگي گُم ٿي وئي، انيڪ ڪم بي انت نموني ٿيندا ويا، هڪ مشيني وهنوار هلندو رهيو، تڏهن ڪافي وقت کان پوءِ هڪ ڏينهن حارث جو فون آيو، حال احوال ورتائين، ڪِن دوستن جو پُڇيائين ۽ تصويرن جو پُڇيائين ۽ پوءِ هڪ اونهون ساهہ کڻي چوڻ لڳو: ”يار اعجاز............ هڪ ڪم ڪندين؟؟“.

”ها ها چو نہ!، حُڪم ڪر؟.“، چيومانس.

”يار ڪو شاعر دوست اٿئي؟“.

مون کي فرمان باغي ياد اچي ويو: ”ها آهي هڪ شاعر دوست!.“، سوچيندي چيم: ”پر يار هُوءَ ڏاڍا تہ نہ هٺندو آهي!“.

”هاهاها..............!.“، کلي ڏنائين، مون ڪافي وقت کان پوءِ حارث جو ٽهڪ ٻُڌو.

”ان ۾ کلڻ جي کهڙي ڳالهہ آهي؟.“، چيم.

”ادا مان شاعر کان ڏاڍو هٺائڻ نٿو چاهيان.“، کن رکي چيائين: ”مون کي تہ بس هڪ غزل لکرائڻو آ“.

”ها چوندو مانس غزل لکي ڏيندو فرمان“.

”تہ پوءِ چوينس تہ هڪ اهڙو غزل.................

۽ ٻئي طرف کان ڪال ئي ڪٽجي وئي جڻ حارث ئي لاپتہ ٿي پيو!، اُن فون کان پوءِ وري نہ ڪو فون، نہ ڪڏهن ڪو ميسيج ۽ نہ نياپو، نہ ڏس پتو!.

فرمان بہ ملي ويو، هُن کو غزل بہ لکي ڏئي ڇڏيو پر حارث وڃائجي چُڪو هو، فرمان جي غزل وارو ڪاغذ مُنهنجي کيسي ۾ رهجي رهجي پُراڻو ٿي ڦاٽي ويو!.

مون انيڪ ڏينهن حارث جو نمبر ملايو پر حارث مون ڪي مليو ئي ڪونہ!، هُوءَ الائي ڪهڙي پنڌ جو راهي ٿي ويو هو بس سندس آخري نياپو مليو تہ: ”وري ملون نہ ملون!.“، باقي حارث جو ڪو ڏس پتو نہ پيو.

ڪجھہ مهينن ڪان پوءِ هڪ ڏينهن مان پنهنجي بي ڍنگي ڪمري ۾ پنهنجي اڌوري ڇڏيل انهيءَ ساڳي ٽُٽل شيشي جي ٽُڪرن جي تصوير مڪمل ڪرڻ جو سوچي رهيو هئس جيڪا انهيءَ شام حارث جي اسرار تي اڌ ۾ ڇڏي شهر ڪان ٻاهر شاخ جي پُل تي اچي وينا هئاسين.

تصوير ڪافي پُراڻي ٿي بلڪ هنڌان هنڌان ڦاٽي چُڪي هُئي، رنگ ٻي بي رنگ ٿي پيا هئس، مان سوچي رهيو هئم تہ تصوير کي ڪيئن ۽ ڪٿان شروع ڪجي تہ انهيءَ پل هڪ شخص در ڪڙڪائي اندر هليو آيو، ڪيس ڏسي پل لاءِ اکيون مهٽيون پئجي ويون ۽ ڪجندڙ بُرش بيهجي ويو، سوچڻ لڳس: ”ٽُٽل شيشي ۽ حارث جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي!؟.“، جڏهن بہ ان تصوير ۾ هٿ وجهان ٿو تہ حارث جو اچڻ ٿئي ٿو نہ تہ نہ!!.

مون کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي تہ اهي مهينا مون ان تصوير کي اڌ ۾ ڇو ڇڏي ڏنو!!. جيڪڏهن مان ان تصوير تي ٿورو ٿورو ڪم ڪندو رهان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ حارث سان ميل تہ ٿيندو رهي ها!.

”هاڻ تہ تون بہ مون کي سُڃاڻڻ کان انڪار ڪندين اعجاز!؟؟.“، مان ڇرڪي پيس جڏهن هُن ائين چيو. آواز ڄاتل هو، شڪل بہ ڪا اجنبي نہ هُئي بس ڏاڙهيءَ بيحد وڌيل هئس پر هُوءَ ڪو مُلان نہ هو!!.

مان ڪيس بي يقينيءَ سان تڪڻ لڳس، حارث ايڏو ڏُٻرو ۽ ڪمزور!!.

ڪهڙي جوڳ منهنجي يار کي جهوري وڌو؟، مان هن دونهاتيل، ڪمزور ۽ سُڪل چهري کي ذهن ۾ اُٿلائي پُٿلائي جڻ حارث جي هشاش بشاش اُجري  چهري کي پئي ٿي ڳوليو!.

”ها وڏو مصور جو ٿي ويو آهين!.“، پيگل شيشي جي اُن پُراڻي تصوير ڏي اشارو ڪندي هُن چيو: ”هاڻ تون بہ ڪيئن سُڃاڻيندين!!.“.

”حارث...............!.“، مون جڻ دانهن ڪئي ۽ سوچن جو سمنڊ پل ۾ اکري پيس.

”تعجب آ.......“، هُن چيو: ”ڪوئي آهي اجان........ جو وجايل وجود کي ڄاڻي ٿو.......... سُڃاڻي ٿو!!“.

مون چڪي پاڪر پاتو مانس، پنهنجي ڳلي سان لڳايو مانس، دل پرچي آئي، چيم: “پاڳل ٿي پيو آهين يا مجذوب؟؟”.
“عشق ڪرامت، عشق امانت، عشق هئي رنگ رچيندا..............!”.
“حارث...... او حارث منهنجا يار......!”، حيران ٿيندي کيس چيم: “هي ڪهڙا پنهنجا حال ڪيا اٿئي!؟؟”.
“عشق سمجهين سمنڊ ديان چوليان، عشق آڙاهہ مچيندا!”، هُن منهنجي ڪُلهي کي پنهنجي هٿ سان دٻائيندي چيو.
“پر يار.......... تون تہ اڄ صفا مون کي ڪو پهتل پيو لڳين!”، چيومانس.
“پهچڻ جو پنڌ پري آ پيارا!”.
“ڪهڙي دڳ وجي پهتو آهين؟؟”.
“مصور آهين......... ڪي چِٽ چِٽيندي چا؟؟”.
“نہ پر.............
“ياد اٿئي ڪڏهن تو کي غزل جو چيو هُيم؟”، هن منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو.
“ها ياد آهي مون کي تو غزل جو چيو پئي”.
“تہ پوءِ ٻيون ڳالهيون ڇڏ”، هن چيو: “اڄ پاڻ فقط غزل جو ڳالهيون ڪنداسين اعجاز”.
“غزل جو ڳالهيون!!؟”، حيران ٿي پيم مان!، سوچيم، پريا ۽ وجيهہ کان پوءِ ڪهڙي غزل منهنجي دوست حارث کي درد کان ديوانگيءَ تائين پُڄائي ڇڏيو آ!.
“ها غزل جون ڳالهيون ڪنداسين اعجاز جو وري.......... ملون نہ ملون!”.
“چا مطلب حارث؟؟”، پريشان ٿي پيم: “اڄ هي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين وري ملون نہ ملون؟”.
“اعجاز اڄ ڪي پاسڻ نہ ڏينداسين.......”، هن چيو: “اڄ فقط ڪجهہ ڳالهيون ڪنداسين، پنهنجيون ڳالهيون، وجيهہ جون ڳالهيون، غزل جون ڳالهيون!!”.
مان حيرت مان کيس ڏسندو رهيس، ڪجهہ دير جي خاموشي کان پوءِ هن چيو: “يار......... ڇوڪريون ائين ڇو ڪنديون آهن؟”.
“چا ڪنديون آهن؟”.
“درد......... ڏُک ڇو ڏينديون آهن!؟”.
“اسان بہ تہ کين غم ئي ارپيندا آهيون!”، چيم.

“هُن ڪي مون سان محبت نہ ڪرڻ گھُرجي ها!!”.

“غزل ڪي؟؟”، پُڇيم تہ هُوءَ مُرڪي پيو ۽ ٿڏو ساهہ کڻي چيائين: “غزل تہ ڪنهن سان بہ محبت نہ ڪندي آ”.

مان مُنجھي پيس، پُڇيم: “ڇا مطلب؟”.

هن ڪلندي چيو: “غزل سان تہ هرڪو محبت ڪندو آ پر غزل ڪنهن سان بہ محبت نہ ڪندي آ”.

“مان سمجھيم ڪونہ؟.”، چيومانس: “ڪير غزل؟ ڪهڙي غزل؟؟”.

“تون نہ سمجھندين اعجاز!.”، هن ٿڌي آهہ ڀري چيو: “وجيهہ ڪي مون سان محبت نہ ڪرڻ گھُرجي ها!!”.

“پر غزل جو ٻُڌا مون ڪي؟”.

“محبوب جي صورت غزل ئي تہ آهي اعجاز جا دل ۾ گهر ڪري ٿي”.

“تنهنجي دل ۾ گهر..............

“منهنجي دل ۾ غزل وجي ٿي تند وانگي!”.

“حارث موٽي اچ.”، چيم: “مان ڪيئن ڏسان توکي هن حال ۾؟”.

“پير لِڦون آهن، پنڌ اوکو آ يار”.

“توکي پاڻ سنڀالڻ گھُرجي............

“هُن ڪي مون سان محبت نہ ڪرڻ گھُرجي ها.........!!”.

“ڪنهن کي غزل کي؟”.

“نہ وجيهہ کي!!”.

“وجيهہ کي؟؟”.

“ها وجيهہ کي اعجاز مون سان محبت نہ ڪرڻ گھُرجي ها!”.

“پر ڇو؟؟.”، چيم: “تو ۾ آخر بُرائي ڪهڙي هُئي جو...........”

“مون ۾ آخر چڱائي بہ ڪهڙي هُئي؟”، هن چيو: “منهنجي ڪارڻ ئي تہ تنهائيون هن جو مُقدر بڻجي ويون............!!”.

“روڳين کي تنهائيون تہ پوڳٽيون پونديون آهن حارث!.”، چيم: “اڪيلايون ۽ اداسيون روڳين جي ئي تہ ملڪيت آهي!!”.

“ڇوڪرين کي ائين نہ ڪرڻ گھُرجي!”، هُن چيو: “گهٽ ۾ گهٽ مون جھڙي نامُراد جو انتظار تہ قطعي نہ ڪرڻ گھُرجي!!”.

“انتظار تہ آس جي بُنياد تي ئي ڪيو ويندو آهي.”، چيم: “اُميد زندگي جي محبوبا جو آهي”.

“توکي مصور نہ وڪيل هئڻ گهُرجي ها!”.

ڳالهہ مٽائيندي چيومانس گهٽو اڳ مون کان غزل گهُريو هُيئي؟”

“ها گهُريو هُيم!”.

“ڪا خاص ڳالهہ هُئي؟؟”.

“خاص ڳالهہ.............!!.”، هُوءَ پل تائين مون کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: “سڀ خاص ڳالهيون وجيهہ ۾ ئي تہ هُيون........... هاڻ تہ وجي يادون ئي رهيون آهن باقي!”.

“چيو هُيم نہ تہ حساس ماڻهوءَ ڏُک ڏيندا آهن، وجيهہ جي بي وفائي توکي جاڳ جا سپنا ڏئي وئي نہ نيٺ!!”.

“بي وفائي؟؟، مون کي وفا ماريو آهي اعجاز!”.

“وفا؟؟”.

“ها وفا........... اعجاز وفا......... باقي وجيهہ تہ بي وفا نہ هُئي نہ آهي”.

مون ڏٺو ماڻهوءَ نفرت ۾ گهٽ مرندو آهي محبت ۾ تہ صفا خاڪ ٿي ويندو آهي!، ڪڏهن ڪڏهن نفرت انسان تي گهٽ اثر ڪندي آهي پر محبت انسان کي مڪمل سوگهو ڪري نهوڙي ڇڏيندي آهي ۽ حارث جهڙو هوشيار ۽ اجرو انسان محبت جي مام ۾ اڄ مون قابوءَ ۾ قيد ڏٺو!.، پُڇيومانس: “وجيهہ ئي آخري چوڪري آهي؟”.

“ها وجيهہ ئي پهرين چوڪري آهي جا مون لاءِ آخري چوڪري آهي.”، مُرڪي چيائين: “ٻيو سڀ تہ.............

“ٻيو سڀ تہ ڇا؟؟”.

“ٻيو سڀ تہ رُڃ آهي سُڃ آهي اعجاز.”، هن ڏاڍي نا اميدي سان چيو ۽ مون کي سندس لهجو ٿڪائيندڙ لڳو، سندس ڪمزور چهرو چڻ نيرو ٿي پيو، مان چُپ ٿي ويس، سندس لهجو ۾ لقاءُ عجيب ۽ بدليل ٿي پيو هو، جڏهن هُن ٻيهر ڳالهہ شروع ڪئي، ڪنڌ هيٺ هئس، زمين کي ائين گهوري رهيو هو جو اجهو ٿو زمين اندر پيهي وڃي!!.

“اعجاز......... يار شايد وري ڀاڻ ملون نہ ملون!!.”، ايترو چئي هُوءَ اٿي بيٺو، ٻانهن مان جهليومانس، هڪ نظر مون کي اداس اکين سان ڏٺائين ۽ وري پوءِ پنهنجي هٿ جي ترين کي تڪڻ لڳو، ڪا گهڙيءَ خالي هٿ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ٻانهن ڇڏائي در ڏانهن وڌيو،

هن جو ڪمزور وجود ڏسي پائنيم اجھو ٿو ڪري پوي پر هُوءَ در وٽ پھچي بيھي رهيو، واپس مُڙندي چيائين: "اعجاز هڪ تصوير ناهيندين؟؟".

مان سواليہ نظرن سان ڪيس ڏسڻ لڳس ۽ هُوءَ ڳالهائيندو رهيو: "ها اعجاز هڪ تصوير منهنجي لاءِ ناهجانءِ............ ان ڇوڪري جي جيڪا اڌ ڏڳ ۾ وفا جو روڳ ڏئي هلي وڃي!!".

مان حيرانيءَ مان ئي ڪيس ڏسندو رهيس، ڪجھ بہ ڪُڇي نہ سگهيس، تڏهن هُوءَ اڳتي وڌي آيو ۽ چوڻ لڳو: "بُڌاءِ اعجاز............ منهنجي تصوير ناهيندين نہ؟؟".

اُن وقت هُوءَ بلڪل لُڙهي چُڪو هو، نِبل ۽ بيحد ڪمزور حارث مون اڳيان هو، هڪ پيڙاءُ جي لهر وجود کي ويڙهي ويم، درد جو حارث کي ڪائي ويو، تنهن فڪر منهنجي روح ۾ آليءَ ڪاني واري آڳ ڏڪائي ڇڏي، اندر ۾ لُڇيس ٿي مان، ڪي ماڻهوءَ مسيحا ٿيندا آهن ۽ ڪي مسيحائن کي ئي ماري ڇڏيندا آهن!، ڪوئي ڪنهن کي نہ ماريندو آهي بس انسان ئي انسان کي ماريندو آهي!.

ٿوري خاموشي ڪان پوءِ حارث چيو: "مُنهنجا ڏڳ پريا جي پنڌ ۾ نہ پر وجيھ جي وات ۾ ڪُٽي ويا اعجاز!!".

منهنجي سمجھ ۾ ڪجھ نٿي آيو، مان چُپ چاپ ڪيس ڏسندو ئي رهيس ۽ هُوءَ چوندو رهيو: "سواءِ نفرت جي مون ڪجھ ڪين ڪمايو نہ پنهنجي لاءِ نہ وجيھ لاءِ!!."، مان پٽر جو بُت بنجي پيو هيم، هن چيو: "جو جيون هو سو سارو دردناڪ هو.......... هڪ محبت هُئي سابہ.............

"سا بہ بي وفا ٿي وئي؟؟."، مون جلدي مان پُڇيو.

هن جهُريل نگاهہ مون تي وڌي ۽ چيائين: "وجيھ اڌ ڏڳ ۾ مون کي ڇڏي وئي اڌ ڏڳ ۾ وفا جو روڳ ڏئي.............

"اڌ ڏڳ ۾؟؟".

"وجيھ............... وجيھ خودڪُشيءَ ڪري ڇڏي اعجاز!!".

"ڇا.............؟؟؟".

"ها اعجاز ها...........!."، هن پن پن ٿيندي چيو: "سندس مائٽن جي هٺ ڌرميءَ وجيھ کي ڳِهيءَ وئي......... هُوءَ بہ ضِدي هُئي جو ان ڪمري جي قيدڻ ٿي وئي، جنهن ڪمري جون ديوارون ڪوئي ٽوڙي وري جاڳي نہ سگهيو آ".

سندس اکين جا بند پجي پيا، نہ ڄاڻ ڪٿان ايڏو سمنڊ اچي سندس اکين ۾ لٿو جنهن جي لاءِ منهنجو دامن ناڪافي ٿي پيو، هُوءَ روئندو رهيو، سُڏڪندو رهيو، ڄڻ ڪو معصوم ٻار هُجي!!.

ماں سوچڻ لڳس تہ حارث جي تصوير ناهجي، حارث جي تصوير مون لاءِ ڏاڍي ڏُکدائڪ هُئي، ماں سوچيندو رهيس ڪنهن بي وفا ڇوڪريءَ جي تصوير ڪيئن ناهجي جيڪا اڌ دڳ ۾ ڇڏي وفا ڪري باوفا ٿي وئي!.

وجيهہ جي وجود کي چِٽجي يا اڌ دڳ جو اسڪيچ ڪڍجي يا حارث جي خالي هٿن جي خالي ترين.............

منهنجون نگاهون حارث ۾ هُيون ۽ سوچي ماں تصوير کي رهيو هئس جو ڌڙام سان حارث وڃي هيٺ فرش تي ڪريو، منهنجا حواس خطا ٿي ويا، حارث جو سُڏڪڻ بند ٿي چُڪو هو، يڪدم سندس جسم ڇُهيم ۽ نبض ڏٺم جا اجان هلي رهي هُئي، سندس نِرڙ تي پگهر ماڪ ڦُڙن وانگر اُڀري آيو ۽ هڪ اڄاتو خوف منهنجي دل ۾ گهر ڪرڻ لڳو، ائين لڳو تہ ڄڻ حارث جي نبض هوريان هوريان بيهندي ٿي وڃي!!.

مون رڙ ڪرڻ ٿي چاهي پر ڪري نہ سگهيس، ڪوئي اکر زبان مان نہ اُڪليو بس مون حارث کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو، هُن آهستہ آهستہ پنهنجيون اکيون کوليون ۽ چيائين: "ٻُڌاءِ اعجاز............ منهنجي تصوير.........

ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيم، اُن ڪان اڳي جو ماں ڪجهہ چوان هُن ٻيهر چيو: "ٻُڌاءِ منهنجي تصوير ناهيندي نہ؟؟".

ماں وري بہ ڪجهہ ڪُڇي نہ سگهيس تڏهن هُن چيو: "پريا جي گهر مونسان وڌو................

"ها ماں تنهنجي تصوير ناهيندس!."، مون سُڏڪندي حارث کي چيو.

حارث ٿڏو ساهہ کڻي چيو: "مون کي خبر هُئي اعجاز............ منهنجي اڌ دڳ جي تصوير تون ئي ناهيندين."، هُن چيو: "جڏهن دُنيا جهان مون کي سُڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو تڏهن هڪ تون ئي هُئين جنهن مون کي سُڃاتو هو!!".

"گهٻراءِ نہ حارث........... ماں توسان گڏ آهيان ۽ ماں تنهجي تصوير بہ..........

"ها ضرور ناهجان پر..........!"، هُن جو آواز رڪجي ويو، منهنجي اکين جو بند پجي پيو تڏهن هن چيو: "پر غزل وانگي جام دير نہ ڪجان هن پيري اعجاز".

"ماں جلد ناهيندس تنهنجي تصوير حارث"، ڦٿڪي پيس ماں.

“ها مان تہ ناهي نہ سگهيس!!.”، هُن اکيون ٻوٽي ڇڏيون، نبض کي هٿ لاتو مانس جا جڻ ڏري ٽيندي پئي وڃي، مهنجي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو پر ٻي گهڙيءَ حارث هورئان مُنهنجو هٿ پڪڙيو ۽ هلڪو دٻاءُ ڏيندي چيائين؛ “اعجاز............

“مان توسان گڏ آهيان حارث.........

“اعجاز............... عشق ڪرامت!”، منهنجون سُڪي ويل اکيون ٻيهر نم ٿي ويون تڏهن هُن وري چيو؛ “اعجاز................ عشق امانت..............

منهنجي ٻِڙيءَ مان ڪو بہ لفظ نہ نڪتو، مان هُن کي دلاسو ٻي نہ پئي ڏئي سگهيس، هُوءَ ماٺ ٿي ڪا گهڙي اُيا ساهہ کڻندو رهيو ۽ پوءِ لفظ سندس زبان مان ٽِڙ پکِڙ ٿي ڪرندا ويا!!.

”عشق ڪرامت، عشق امانت، عشق هئي رنگ رچيندا
عشق سمجهين سمنڊ ديان چوليان، عشق آڙاهہ مچيندا
آکي سچل........... عشق دي ذات نرالي.......... عشق........... الله نال مليندا.......

“حارث............ حارث.............. او حارث منهنجا يار!!”،

منهنجا سڏ هوا ۾ رهجي ويا ۽ ٻئي پل ڪينواس فرش تي ڪري پيو، پگل شيشي واري تصوير ڪينواس جي هينيان ڦاسي پئي ۽ ڪينواس ۽ تصوير فرش تي نہ ڪريا جڻ شيشو فرش تي ڪري ذرا پُرزا ٿي ويو.

* * * * * * * * * *

# رحمان جي نگريءَ ۾ نہ رهندس

ان ڏينهن مان پوري سال کان پوءِ ڳوٺ آيو هئس پر ٻِئي ڏينهن ئي سوچيم پئي تہ سُياڻ واپس وڃجي!!!.

امان جي پر وني، ڪيس ٻُڌايم واپس وڃڻ جو تہ ناراض ٿي پئي هئي ۽ چوڻ لڳي؛ "اڃان ڪالهہ ئي تہ آيو آهين وري سُياڻ وڃين ٿو؟".

امان کي ڪيئن ٻُڌايان ها تہ سندس پُٽ ڪهڙيءَ قيد جو بانديءَ آهي، ڪيس جلاوطن ڪرڻ وارو ڪو غير نہ پر پنهنجو ئي آهي!!!.

"ٻارنهن مهينن کان پوءِ آيو آهين.............!!"، امان چيو: "ٻہ چار ڏينهن تہ رهي پئو".

مائرون بہ عجيب ئي ٿينديون آهن، ٻار وقت جي وهڪرن ۾ لُڙهي چُڙيءَ جهونا ٿي ويندا آهن پر مائرن لاءِ ٻار تہ سدائين ٻار ئي هوندا آهن. هر وقت هر وهيءَ ۾ اولاد، ماءُ لاءِ بس ٻار ئي هوندو آهي ۽ مائرن جا من پنهنجي ٻارن کان جُدا راس رهي نہ سگهندا آهن!!.

"امان نوڪري ئي......................"

"پر هي ڪهڙيءَ نوڪري؟، هي ڪهڙو اچڻ؟؟."، امان چيو: "گهر ڏيڍ ڏينهن جو رهڻ ۽ ٻارنهن ئي مهينا نوڪري!!".

مان ڪجهہ بہ نہ ڪُڇي سگهيس بس امان کي ڏسندو رهيس، جنهن نٿي چاهيو تہ مان ٻئي ڏينهن واپس حيدرآباد وڃان.

هڪ ڏينهن پهريان ڏهہ ڏينهن جي موڪل تي ڳوٺ آيو هئس، موڪل کان بہ چار ڏينهن وڌيڪ بہ ڳوٺ ترسي پئي سگهيس، وڌيڪ موڪل ڪرڻ سان ڪو فرق بہ نہ پويم ها ڇو تہ پويون پورو سال مون هڪ بہ موڪل ڪانہ ڪئي هئي ۽ پابنديءَ سان نوڪري تي وڃڻ ڪري موڪل جو مسئلو نہ هئم پر.......

پر مون واپس حيدرآباد وڃڻ پئي چاهيو، ها مان هڪ شام اڳ ڳوٺ پهتو هئس، اهو سڄو ڏينهن گهر گذاريو هئم ۽ ايندڙ ڏينهن حيدرآباد جي هوائن ۾ رُلي وڃڻ تي چاهيم!!.

مان سال پهرين بہ سوين سرد لاشون ساهہ ۾ سانڍي حيدرآباد وريو هئس ۽ ٻارنهن مهينا حيدرآباد ۾ گِدو چوڪ تي واقع ايگريڪلچر ڪامپليڪس جي، D-BLOCK جي هڪ فليٽ ۽ آفيس جي قبر وچ ۾ ايندي ويندي ۽ ويهندي گذاري ڇڏيا هئم، ڪئي اٽپورا ٿهڪ

سنگتين ساٿين سان گڏ سنڌوءَ جي پر ۾ ڦتا ڪيا هيم تہ ڪئي اڏوريون مُرڪون چپن تي رهجي ويون هيم، اهي مُرڪون، اهي ٿهڪ منهنجي هيڪلائي جا واحد گواهہ ها!!!.

مون انيڪ شامون جلي گذاريون، مون انيڪ راتيون جاڳي لُڇيءَ گهاريون، مون انيڪ صبح سواءِ ڪنهن جهونڪي هوا جي تڙپيءَ پڇريءَ گذاريا، مون موسمن جي ماتمڪدي ۾ پنهنجو جيون گهاريو، مون سرءُ ۾ پن پن پنهنجا خواب ڇاڻيا، مون اونهاري ۾ ٽِهڪيءَ ٽِهڪيءَ جبل ڏينهن ڪٽيا، سانوڻ ۾ بادلن سان گڏ برسيس، اڪيون جل ٿل پر جيون ڪسارو ۽ مان اُجارو.............

سياري جون سرد راتيون ۽ ڊسمبر جون ٽِڪيون هوائون، وجود ٺڙڪيا ٿي، پارو رڳن ۾ لٿو ٿي ۽ مان حيدرآباد جي روڊن تي روز آڌيءَ ويل دير دير تائين خوابن ڪي آٿتن جون لوليون ڏيندي ڏيندي ڦُٽ پاٽن جا انيڪ ڊِڪا ڪاڏا...........

بهار ۾ وري جڏهن ساڳيا خواب سرجيا ٿي من، تڏهن وري انهن خوابن جي آس تي موٽي آيس ڳوٺ ڏهہ ڏينهن موڪل ڪري، سوچيم پندرنهن ڏينهن پُڄاڻان ورندس مان پر هڪ ڏينهن ۾ ئي...............

”مان سُياڻ ورندس واپس.“، ڪافي دير سوچڻ ڪان پوءِ مون چڻ فيصلو ڪري ورتو: ”مان سُياڻي ئي ورندس حيدرآباد“.

امان کي بُڌائي ڇڏيو هئم پر پوءِ پي دل ۾ چيت هئي ڪا، جا چُڀنديءَ رهي!!، مون نٿي چاهيو امان کو ڏُک ڪري يا مان ايترو جلد واپس وڃي امان کي ڏُکي ڪريان پر ڳوٺ رهي مان ڏُک ڪيئن سهان!!.

مون ۾ ڏُک سهڻ جي سهپ نہ هُئي شايد تڏهين ئي تہ امان کي پئي ڏُکي ڪيم نہ تہ هوند موڪل جو ڪو مسئلو نہ هئم.

رات جو ڳچ حصو سوچن ۾ ڳرندي ڳرندي گذري ويو، گهر جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ سُڪون هو، آرام هو، چين هيو جو مون کي مُيسر نہ هو، اُن سڪون، اُن آرام مون کي جلاوطن ڪري ڇڏيو، سوچن ۾ وگهرندي نہ ڄاڻ ڪهڙي پل ننڊ آيم بس سُڄاڳي ٿي تہ صُبح جو، جنهن پل دنيا جهان پنهنجين ڪمين ڪارين ۾ مصروف هو.

مان اٿيس، منهن ڌوئي شيو ڪيم، امان بجاءِ شميءَ چانهہ ڪٽي آئي جا مون کي عجب سان ڏسڻ لڳي، شايد منهنجي شيو ڪرڻ سان حيراني ٿي هوندس ڇو تہ مون ڪڏهن بہ گهر شيو ڪئي ئي نہ هئي!!.

مان گهر رهيو ئي ڪٿي هئس........... جڏهن بہ گهر آيو هئس تہ واپس وڏيل ڏاڙهيءَ ڪٽي ئي حيدرآباد ڀڳو هئس پر هن ڀيري مون راحيل جي شيونگ واري سامان ڪي استعمال ڪيو هو.

“ضروري آهہ اڄ وڃڻ؟”، امان ايندي ئي چيو ۽ مان جُهري پيس، شميءَ هڪ نظر مون ڪي ڏنو ۽ پوءِ امان کي چيائين: “چاچيءَ...... چوڪر ڪي پلوءَ سان ٻڌندين ڇا؟؟”.

مان ڪي گهڙيون وڃائجي ويس، الاءِ ڇو ڪي انسان هجومن ۾ بہ اڪيلا هوندا آهن، سندن من جون اڪيلايون، دنيا جي هجومن تي حاويءَ ٿي پونديون آهن ۽ هُوءَ هر پل گُم سُم ئي رهجي ويندا آهن.

“نقاش......!!.”، امان چيو: “لازمي آهي تہ اڄ ئي تون................

“امان هن ڀيري مان ٻارنهن مهينن کان پوءِ نہ ايندس.”، امان جي نِرڙ ۾ گُهنڊ پئجي ويا، هُوءَ ڇڻ پريشان ٿي پئي، چيم: “امان هاڻ مان هر مهيني ايندس. حيدرآباد هتان بہ ڪلاڪن جو ئي تہ پنڌ آهي!!”.

“تنهنجي مرضيءَ پُٽ پر...............

“ڇڏ پر ور کي امان.”، مان امان جي سامهون ٿي بيٺم پر امان منهن پرتي ڪندي چيو: “ڄاڻان ٿي اهو ڪوڙ آ پر جيڪر هڪ بہ ڏينهن.........

“اوهہ چاچيءَ...... اوهان بہ نہ........!!.”. شميءَ چيو: “هن کي گهٽي محبت ڏئي هڪ ڏينهن لڳي تو هڏ حرام ڪندو نيٺ!!.”، مان امان کي ڏسندو رهيس، جنهن جون محبتون لازوال هيون.

“توکي حيدرآباد ۾ تنهنجا دوست ڇا سڏيندا آهن؟.”، شميءَ ڳالهہ مٽائيندي پڇيو، مون ڪيس ڏسي چيو: “نقيءَ ئي سڏيندا آهن”.

“پر نقيءَ تہ توکي مان سڏيندي اهيان!!.”، هن چيو.

“ٻين جي مون ڪي نقيءَ سڏڻ تي ڪا پابندي تہ ڪونهي.”، چيم: “تون نقيءَ چوندي آهين تہ ٻيا ٻي چوندا آهن”.

“هنن کي چئي ڇڏ هُوءَ توکي نقيءَ نہ سڏين”.

“اڙي ڪيئن جهليان هنن کي؟”، چيم: “هُوءَ منهنجا دوست آهن!، مون سان محبت ڪندا آهن هُوءَ سي ڇا سوچيندا؟”.

“هُوءَ توسان محبت ڪندا آهن؟؟”.

“ها تڏهين ئي تہ نقيءَ سڏيندا آهن”.

“ڇا آهين تون بيوقوف......................

“ڇو...........؟؟”.

“جيڪي توکي نہ چاهيندا آهن اُهي ئي توکي نقيءَ سڏيندا آهن جيئن مان!!.”، ڪن رکي شميءَ چيو: “جيڪي توسان محبت ڪندا آهن اُهي توکي نقاش سڏيندا آهن”.

مان هن کي ڏسندو رهيس ۽ هن سوچيندي چيو: “هونئن...... ها جيئن چاچيءَ!!”.

مان ماڻ رهيس هن وضاحت ڪئي: “ڏس چاچيءَ توکي نقاش چوندي آهي، هر پل گهور گهور پئي ويندي آهي، ڪڏهن بہ هن توکي نقيءَ نہ سڏيو آهي.”، امان مرڪي هلي وئي پر شميءَ ڳالهائيندي رهي: “معنيٰ حيدرآباد ۾ ڀي توکي ڪوئي پسند نہ ڪندو آ”.

مون حيرانيءَ مان ڪيس ڏٺو تڏهن هن چيو: “ها ها تڏهن ئي تہ سڀ توکي نقيءَ سڏيندا آهن مون وانگر”.

مون بئگ ڪنيو تہ جيئن ضروري سامان سهيڙيان، تڏهن هن وري ڳالهايو: “تون اُت بہ ائين ئي واڱڙو ۾ مُنجهيل رهندو هوندين...........ها تڏهين تہ....

“شميءَ.................

“شميءَ نہ............. شميم چئو نقيءَ.”،

“ها............. اُها ئي!.”، چيم: “مان مذاق جي موڊ ۾ ناهيان”.

“خبر اٿم ڇا.”، هن چيو: “تو وٽ ڪنهن موڊ جي هجڻ جو ڪو ڪارج ئي ڪهڙو آخر؟؟.”، مان ڪيس تڪڻ لڳس ۽ هن چيو: “ها سچ تہ چوان ٿي توکي خواب ڏسڻ کان سواءِ بيو ڪم ئي ڪهڙو آ.”، مان پٽر اکين سان هن کي ڏسندو رهيس ۽ هُوءَ ڳالهائيندي رهي: “خوابن جو ٿڪايل آهين تنهنڪري تو وٽ موڊ جو بحران آهي نقيءَ”.

مون ڪپڙن جا ٽي وڳا بئگ ۾ وڌا، بہ ٻاهر رکيم، هڪ پائٽو هيم ۽ هڪ ڪٽڻو نہ هيم، ڪي ڪاغذ سئولا ڪري بئگ ۾ رکيم، هڪ مئگزين هو جو ڪٽي بئگ جي پر ۾ سئولو ڪيم تہ جيئن وڃڻ مهل وسري نہ وڃي، تڏهن هن چيو: “مون سان ڳالهائين چو نٿو؟؟”.

“ڳالهائڻ لاءِ بچيو ڪجهہ ڪونهي!.”، چيم.

“ڇا مطلب؟؟.”، پُڇيائين.

“مان مذاق جي موڊ ۾ ناهيان شميءَ!!.”، چيم: “۽ تون سنجيده ڳالهائي نٿي سگهين”.

“اڇا پلا “ SORRY”، هن پنهنجا ٻئي هٿ ڪنن تي رکندي چيو: “ٻُڌ توکي مون وارو ڪم ياد آهي؟”.

“ها ياد اٿم.”، ڏک مان چيومانس: “اِهو ڪم بہ ڪو وِسرڻ جھڙو آهي ڇا!”.

“تون ان ڪري تڪڙو واپس وڃي رهيو آهين نقيءَ؟؟”.

“مان رحمان جي نگريءَ ۾ رهڻ نٿو چاهيان شميءَ............”

“اوهہ تہ جناب کي منهنجي ماسات تي ڪاوڙ آهي!!!”.

“رحمان تنهنجو ماسات آهي.........”، چيومانس: “مان ڀي تہ ڪجھ تنهنجو آهيان!”.

“ها آهين........ ڇو نہ آهين.”، شميءَ اڻ ڄاڻ ٿيندي چيو: “تون منهنجو سئوٽ جو آهين!”.

“شميءَ..........”، هن مون ڏي ڏٺو چيم: “مان فقط تنهنجو سئوٽ آهيان؟؟”.

“پوءِ ڇا منهنجو مُڙس آهين؟؟”.

“اوهہ شميءَ.............”، چيومانس: “ڏس توکي ائين نہ چوڻ گھرجي!”.

“ها نہ پوءِ تون ئي چوين پيو................”

“پر مان تہ..........”

“نہ تون ئي ٻُڌا نہ پوءِ؟؟”.

“سئوٽ سان گڏ ڇا مان تنهنجو منگيندو.................”

“مان فقط تنهنجي ناڻُ ئي ڪيل هئس نقيءَ.”، هن چيو: “اُهو ڀي جمڻ وقت!!”.

“پنهنجي ڳوٺن ۾ ناڻُ ڪرڻ ئي تہ منگڻو هوندو آهي شميءَ؟”.

“مان نٿي مڃان ان کي ۽ بس پليز نقيءَ.................”

“ڇو شميءَ؟ آخر ڇو؟؟”.

“توکي خبر آهي نقيءَ......”، هن چيو: “مان ماسات رحمان کي چاهيندي آهيان، هونئن ڀي وڏا چوندا آهن لکيو پرٽيو آهي، منگيو پرٽيو ناهي!!”.

“پر مان تنهنجو سئوٽ تنهنجو منگيندو آهيان شميءَ..............”

“نہ نقيءَ نہ..................... پاڻ سئوٽ آهيون، پاڻ دوست آهيون بس”.

پکين جا پر ڪيئن سڙندا آهن ان ويل پتو پيو هئم، رُڳو پر ئي نہ سڙيا هئم پر بريءَ سارو وجود ويو هئم: “شميءَ............!!”، هن ڪجيو ڪجھ بہ نہ فقط نگاهون ڪٽي مون ڏانهن ڏٺائين، چيم: “جيئن تو رحمان سان محبت ڪئي آهہ.................. تيئن مون

توکي چاھيو آ.“، ھُوءَ ڪجھ بہ نہ ڳالھائي، ڪپڙن جو جوڙو ڪڍي واش روم ڏانھن ويندي مون ڪيس چيو: ”شميءَ............ رحمان جي نگريءَ ۾ مان رھڻ نٿو چاھيان“.

مان جڏھن ڪپڙا بدلائي ٻاھر نڪتس، ھُوءَ اتي ئي ويٺي ھئي، مون چاتو ته منھنجي ڏک جي ھن کي ڪا پرواھ نہ ھئي، ھُوءَ تہ رحمان جي شميم ھُئي ۽ منھنجي بس شميءَ ھئي، جنھن جو مان فقط نقيءَ ھئس، ”شام جو ويندين؟؟“، ھن پُڇيو.

”نہ.............!“، بِنان ڏسڻ جي ڪيس جواب ڏنم: ”ھينئر ئي وڃان ٿو“.

”پوءِ اڇو جوڙو ڇو پاتو اٿئي؟؟“.

”اڇو رنگ امن جي نشانيءَ آھي.“، چيومانس: ”منھنجي ڪنھن سان ٻي جنگ ناھي!!“.

”پر ھونئن تہ ھميشہ ڪارو وڳو ئي پائي ويندو آھين.....“

”ھاڻ وڇوڙا جو ٻي معنيٰ ٿي ويا آھن شميءَ.“، چيم: ”فراق جي سياہ رات جڏھن ھمراہ آھي تہ تن کي ڪاري لباس جي ضرورت ڪھڙيءَ!“.

”اوھ نقيءَ.............. تون تہ آھين ئي چَٽ“.

”ھا...........“، چيم: ”ان لاءِ جو توکي نٿو وڻان“.

”نہ............. ان لاءِ جو تون ڪنھن کي بہ نٿو وڻين.“، چيائين.

”ڪنھن کي بہ ڇا مطلب؟؟“.

”ھا ڪنھن کي بہ نہ!!“.

”ڪنھن کي بہ مان مُراد؟“، چيم: ”تنھنجي ماءُ ئي ھوندي ان کي نہ وڻندو ھوندس“.

”نقيءَ بد اخلاق!!“، چوڻ لڳي: ”آھين نہ چٽ........... منھنجي ماءُ تنھنجي بہ ڪجھ ٿئي“.

”ھا چاچيءَ ٿئي منھنجي تہ!!“، چيم.

”پوءِ چاچيءَ کي گھٽ وڌ ٿو چوين؟“.

”گھٽ وڌ تہ نہ پيو چوانس پر.............“

”پر ڇا........؟؟“.

”پر افسوس لڳيم ٿو تہ تھنجي ڪري بابا ۽ چاچا جُدا ٿي ويندا ٻئي ڀائر“.

”توکي وڌن جو ڏک آھي نقيءَ يا پنھنجو؟؟“، ۽ مان ڪجھ بہ چئي نہ سگھيم ھڪ ٽڏي آھ اندر ۾ ئي رھجي وئي منھنجي تڏھن چيائين: ”نہ ٿيندا جُدا بابا ۽ چاچا...................... مريم ۽ راحيل جي شاديءَ جو ڪرائيندا سين!!“.

“مريم پي تہ تنهنجي پيڻ آهي!.” چيم: “ڪٿي ان کي بہ تو وانگر رحمان جي پاءُ رحيم سان..................

“شٽ اپ نقيءَ...........!!.”، هن رڙ ڪئي: “تون ايترو بہ بداخلاق هوندين......... مون سوچيو نہ هو”.

“ڇو؟، تون چوين تہ صحيح آ ۽ مان چوان تہ بداخلاق آهيان؟؟.”، مون ڇڻ احتجاج ڪيو.

“اوهه نقيءَ............ تون تہ صفا.................

“جاٺان تو سپ.”، چيم: “مان تہ بيوقوف، ڇٽ، بداخلاق.....

“بس بس.......”، هن چيو: “ٻُڌاءِ مون واري ڪم جو ڇا سوچيو اٿئي؟”.

،اِهو ايڏو آسان تہ نہ آهي مون لاءِ شميءَ!!.”، چيم.

“معنيٰ نہ ڪندين؟.”، مان خاموش ٿي پيس سواءِ ڪيس ڏسڻ جي باقي ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ ڇڻ ڪجهہ بچيو نہ هو، تڏهن هن چيو: “ٻُڌاءِ نقيءَ پليز.......

“ها تي ويندو تو وارو ڪم.”،ڪيس چوندي مون پنهنجيون اکيون بند ڪري ورتيون تڏهن هن چيو: “ڏس نقيءَ............... تو شاديءَ کان انڪار نہ ڪيو تہ..............!!”.

“تہ ڇا شميءَ؟”.

“تہ مان رحمان سان پڇي ويندس!!”.

“What?”، مان ڇرڪي پيس.

“ها نقيءَ..........”، هن هيٺ ڏسندي چيو: “اسان ڪورٽ مئريج ڪري ڇڏينداسين پر جُدا نہ ٿينداسين”.

“شميءَ تون..................

“ها نقيءَ.”، هن ڇڻ فيصلو ڪري ورتو هو، چيومانس: “توکي خبر آهي شميءَ تون ڇا پئي چوين؟؟”.

“ها خبر اٿم بس اهو منهنجو فيصلو آ.”، هن ڳالهہ کي ختم ڪندي چيو: “اسان هڪٻئيءَ کان سواءِ زنده نٿا رهي سگهون تون جي انڪار ڪندين تہ گهٽيون دليون ٽُٽڻ کان بچي وينديون ۽ عزتون بہ، نہ تہ................

“۽ منهنجي دل شميءَ........؟؟”.

“پليز نقيءَ...............

“ڇا پليز شميءَ ڇا؟؟”.

“مون کي ڪونهي خبر.”، هن چيو:“تون پنهنجي شادي کان انڪار ڪندين يا مان......................

“توکي ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي شميءَ!!.”، هٿيار ڦٽا ڪيا مون، بيوس ٿي پيس، چيومانس: “مان انڪار ڪري ڇڏيندس تون بس ڪنهن کي بہ رسوا نہ ڪجان”.

مون بئگ سنڀالي ورتو جڻ پرائي ديس ۾ هجان، اجنبيءَ هجان، پرديسيءَ هجان يا ڪنهن علائقي ممنوع ۾ هجان، دل تہ درهم برهم ٿي وئي هئي پر عجيب پيڙاءُ ۾ اچي گرفتار ٿيس، دل جو سور سيني ۾ ٽُنگ ڪري گذري ويو پر سلي ڪنهن سان بہ نہ سگهيس، پائنيان پل بہ هتي نہ ٽِڪان، پر هجن، ڪي ڪنبي هجن تہ جهٽ پڙڪو ڏئي اُڏاميءَ وجان، اُڏاميءَ بہ نٿو سگهجي، مري بہ نٿو سگهجي، منهنجا پر رحمان پٽي ڇڏيا، منهنجا ڪنبي شميءَ کوهي خاڪ ڪري ڇڏيا، مان اُڏاميءَ نہ سگهيس، مون امان سان ڪوڙو واعدو ڪيو مهيني تي موٽي اچڻ جو ۽ پنهنجون هاريل وِکون وڌايم ڪمري کان ٻاهر تہ جيئن حيدرآباد جي هوائن ۾ اچي مُنتشر ٿي وڃان!!!.

مون وِک کڻي ۽ هُن سڏ ڪيو: “نقيءَ.......................

پائنيم آخري پيرو منهنجو مُنهن ڏسڻ تي چاهي، بيهي رهيس: “ها چئو شميءَ”.

جڏهن هُوءَ ڪافي دير نہ ڳالهائي ۽ ڪمري جي پرين پير ڏسندي رهي، جنهن ۾ مان ڪنهن مهمان وانگر رهي واپس ٿي ويس، تڏهن چيم: “ها چئو شميءَ............!!”.

“تون ڪڏهن انڪار ڪندين نقيءَ؟”.

خواب جڻ ڪي Plane ها، جيڪي دماغ جي فضا ۾ Crash ٿي پيا، حسرتون هڪٻئي مٿان ڪريون ۽ مان دٻجي ويس احساسن جي هيٺيان، انهن خيالن جي هيٺان دفن ٿي ويس جن ۾ محسوس ڪيم تہ شميءَ کي منهنجو ذرو پيو خيال نہ هو.

“شميم............”، چيم: “مان حيدرآباد پهچي فون تي انڪار ڪري ڇڏيندس”.

هن خالي نگاهن سان مون کي ڏٺو، هن وٽ مون کي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو هو، جو پيو هُن مون کي ڏنو هو سو سڀ مون سنڀالي ورتو هو، ڪيس ٻُڌتر ۾ ڏسي چيم: “شميءَ.............. گهبراءِ نہ، مان جلد بلڪہ پُڄندي ئي شادي کان انڪار ڪري ڇڏيندس ۽............... ۽............ سڀ نيڪ ٿي ويندو”.

مان ڪمري جي قيد مان ٻاهر نڪري آيس، ٻاهر جي هوا پيو جڻ زهرآلود هئي، امان کان موڪلائي ورتم، گهر مان جڻ بي گهر ٿي پيس، ڳوٺ پيو اهڙو ڏيک ڏيڻ لڳو جڻ جهڙو پرايو هجي يا مان ڪو ڌاريو هجان، دل مقتل گاهہ نہ ٿي ڪو قبرستان ٿي وئي ۽ مان

من جي مُقام ۾ پنھنجي حسرتن جا لاشا سُمهاري هڪ اجنبي احساس ڪٽي ڳوٺ مان تڪڙو هليس ۽ رحمان جي نگريءَ مان نڪري آيس.

ٻہ سال ڪان ٻہ وڌيڪ وقت حيدرآباد ۾ گذري ويم پر مان پاڻ کي منتشر ڪري نہ سگھيم، خوابن جا مُردا روز رات جو پاسا ورائي جاڳي پوندا ها، مون شميءَ کي وسارڻ چاهيو پر هُوءَ عبادتگاهہ وانگر منهنجي من ۾ موجود رهي ۽ محبت جا منهنجي من کي ڪائي وئي تنهن ڪان پاڻ بچائي نہ سگھيس، ڪوئي چهرو اهو خال ڪتي تي پري سگھيو!!.

هر شڪل اوپري، هر چهرو اجنبيءَ!!.

ڪو ٻہ نہ هو پنهنجو ۽ پنهنجائپ هر ڪنهن ۾ تہ نہ هوندي آ سو بس رولڙي ۽ وائڙائپ جي نظر تي وئي زندگي.

ٻہ سال ڪن پھرين فون تي انڪار ڪري ڇڏيو هئم گھر وارن سان تہ مان شميم سان شادي نہ ڪري سگھندس، سبب پڇيو هئائون، سبب تہ ڪو هو ئي نہ مون وٽ ۽ مان ڪو سبب گھڙي ٻہ نہ سگھيس!!!.

"نہ مان شهر مان شادي ڪندم بس."، اجايو ۽ چسو ڪوڙ، جنهن تي ڪنهن اعتبار ئي نہ ڪيو!!.

انيڪ ڪاوڙون، انيڪ پُڇائون، انيڪ حيلا پر مون سين ڪي مُنهن ڏئي ڇڏيو، ڪائي ڪوشش ڪارگر نہ تي، منهنجي نہ ڪي 9 ڪوٽ اچي ويا، سڀ مون ڪان ڪاوڙجي ويا، بابا منهنجو مُنهن ڏسڻ نتي چاهيو، امان چيو تہ مون سندس سپنا ماريا آهن، چاچي چيو مان آهيان ئي نالائق، ڪپوت، چاچيءَ چيو تي نقيءَ جا تہ شروع ڪان ئي پير صحيح نہ ها مان تہ چوندي هئس پر ڪنهن مڃيو ئي نہ!!.

سڀ مون کي چندي ڌوڙي بيهي رهيا، مون تان ڇا گذريو، مان سڀ زهر پي چُپ رهيم، سين جون مان ڪاوڙون سهي ويس، سيئي ڪاوڙجي پيا پر شميءَ خوش هئي، هُوءَ نہ ڪاوڙي هئي ۽ مان ڪاوڙون، ناراضگيون سهي ٽِڪي پيس حيدرآباد پر امان جو پوءِ پي اسرار تہ واپس اچ.

مان پلا رحمان جي نگريءَ ۾ ڪيئن تي اچي سگھيس!، سو مان واپس نہ وريس ۽ ڪئي ڏينهن آفيس جي نظر ۽ موڪلون فليٽ جي ڪمري ۾ قيد تي رهجي ويون منهنجيون............ من ئي نتي چاهيو تہ فراق جي سياه رات ساڻ ڪري ڪيڏانهن نڪرجي!!!.

سو بس مشينيءَ زندگي تي اعتبار ڪري ويھي رهيس، ڪم، غم ۽ ٻيو مان.............. چُپ چپات، خاموشيءَ......... ٽُٽل سپنا ڄڻ ٽُٽل چوڙيون، وڪريل خيال ۽ اُلجھنون، بيزاريءَ ۽ بيوسيءَ.................

اهڙي ئي عالم منجهه هڪ ڏينهن آفيس ۾ مشينيءَ وهنوار تي هليو جو راحيل فون ڪئي، خبر چار ورتي مانس، چئي امان تي ڳالھائي ۽ ساڳيون ميارون، ڏوراپا ۽ طعنا.................

مان ڏوراپن ڪان متي چڙهي ويو هئس چو تہ مان پنهنجا ڏوراپا ڪنهن کي بہ ڏئي نہ سگهيو هئس، شميءَ کي بہ نہ ڏئي سگهيو هئس، جنهن سان مون محبت ڪئي هئي، مون بچپن گذاريو هو هن سان، مون ننديءَ وهيءَ ۾ ننديا سپنا پوکيا ها هن جي ساٿ جي آسري ۾ پر آسرا ڪرڻ اجايو وهنوار آهي، مون هن جو هٿ پڪڙي ٻاروتڻ طيءَ ڪيو هو پر شميءَ.................

امان پُڇندي رهي ڪڏهن تو اچين ڳوٺ؟؟، پر مان گهٽي دير ڪو خاطر خواهہ جواب ڏئي نہ سگهيس ڪيس، امان جو اصرار وڌي ويو تہ نيٺ بيزار ٿيندي ٿارڻ لاءِ امان کي چيم: “امان شميءَ جي شادي ڪرايو تہ اچان ڳوٺ!!.”، مان چِڙيءَ پيو هئس شايد روز بروز ساڳين ڳالهين تي، هڪ ئي ڳالهہ جي ورجاءُ تي، روز جي انهيءَ ضد تي تہ ڳوٺ اچ.

“ڪنهن سان ڪرايون شميءَ جي شادي؟”، امان ڌيرج سان چيو.

“جنهن سان هُوءَ چاهي!.”، وري بہ مون بي دليو جواب ڏنو.

“شميءَ جي شادي تہ توسان ئي ڪرائينداسين نقيءَ!”.

“تڏهين ئي تہ نٿو اچان ڳوٺ.”، چيم.

“چو پُٽ؟؟.”، امان چيو: “شميءَ تنهنجي سئوٽ آهي، تنهنجي مڱ آهي نقيءَ............

“پر امان..............

“پر چا؟؟”

“پر شميءَ پنهجي ماسات رحمان سان شادي ڪرڻ تي چاهي امان!!.”، چئي ويس مان: “اوهان هن جي شادي رحمان سان ٿيڻ ڏيو...........!!”.

“دماغ خراب ٿيو اٿئي يا پاڳل ٿيو آهين نقيءَ؟؟.”، امان چيو.

“ها امان..... مان نيڪ تو چوان.”، چيم: “اوهين شميءَ جي شاديءَ رحمان سان ڪرائي ڇڏيو، هُوءَ سچ هڪٻئي کي ڏاڍو چاهين ٿا”.

“چريو ٿيو آهين چا؟؟.”، امان حيرانيءَ ۽ ڪاوڙ مان چيو.

“ان ۾ ڇريي ٽيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آ؟.”، چيم: “سچ تہ چوان ٿو مان”.

“ڪنهن تنهنجي مٿي ۾ ٻُهہ پري آهي نقيءَ؟؟.”، امان چيو: “رحمان تہ ڪڏهوڪو پرڻجي چڪو آهي ۽ تو چوين ٿو تہ اسان شميءَ جي شادي رحمان سان ڪرايون!!.”، مان ڄڻ پٿر ٿي پيس، امان جي واتان رحمان جي شادي جو ٻُڌي!!.

امان چوندي رهي: “معنيٰ تون چاهين ٿو تہ اسان شميءَ کي ساڙي ڇڏيون؟، ٻُڌاءِ نقيءَ پرڻيل کي وري اسان پرڻايون؟؟؟”.

مان گهڻي دير ٻُڌي ويس، ڪو بہ لفظ اوڳاڇي نہ سگهيس، ڪجهہ سمجهڻ ٿي چاهيم پر ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيم، امان ڳالهائيندي رهي تہ شميءَ منهنجي مگَ آهي، چاچي جي ڌيءُ آهي ۽........ ۽........ ۽ سڀ ٻُڌندين بہ ڄڻ ڪجهہ نہ ٻُڌي رهيو هئس، سوچ سمجهہ وارا حواس باڪڙجي ويا هئم، جڏهن ڪافي دير نہ ڳالهاڻس تڏهن امان چيو: “هيلو........ هيلو...... هيلو، نقيءَ ٻُڌي رهيو آهين نہ؟؟، شميءَ فقط تنهنجي آهي ۽ تنهنجي رهندي ۽ هُوءَ تنهنجي ئي انتظار ۾ ويٺي آهي!!”.

“امان..............!!.”، چيم: “رحمان ڪٿان شادي ڪئي آهي؟”.

“پنهنجي ئي سئوٽ......... پڇائي پرڻيو آهي.”، امان چيو: “ٻُڌاءِ ڪڏهن ٿو اچين ڳوٺ تون؟”.

پڇڻ جو لفظ بہ عجيب هو!!، هڪ ڏينهن شميءَ پي چيو هو تہ جيڪر مون انڪار نہ ڪيو تہ هُوءَ رحمان سان پڇي ويندي ۽ اڄ منهنجي انڪاري ٿيڻ باوجود، شميءَ کان پهرين ڪنهن ٻيءَ سان رحمان پڇيءَ ويو!!!.

“هيلو............ نقيءَ............. پُٽ...... ڪڏهن ايندين ڳوٺ؟؟”.

“مان جلد ايندس ڳوٺ امان.”، چيم.

“جلد ڪڏهن؟؟.”، امان ضِد ڪيو تہ چيم: “شام جو”.

“اڄ شام جو.........؟؟؟”.

فون ڪال ڪٽجي وئي، رحمان شميءَ سان بيوفائي ڪري پنهنجي سئوٽ سان...........
نہ رهندس رحمان جي نگريءَ ۾ مان............ پر......... پر مان شميءَ کي بہ هاڻ نہ رهڻ ڏيندس رحمان جي نگريءَ ۾، مان شميءَ کي هٿ وٺي ايندس تہ جيئن هوءَ هٿ مون سان گڏ سنڌو ڪناري کُليل فضا ۾ آزاد ساهہ کڻي سگهي ۽ دلفريب ٽهڪ ڏئي سگهي!!.

وڃايل خوابن جون ذريون ذريون مون پل ۾ ئي ميڙي ڳولي ورتيون ۽ جهٽ ۾ سڀ سپنا وري جوڙي ورتا، ٽڪرا ٽڪرا ميڙي چوندي وري کي آئينا ناهي ورتا مون، مون

سوچي ورتو شميءَ کي هٿ وٺي ايندس مان پاڻ سان گڏ، هُوءَ اڪيلي هوندي جام......... تنها وياڪل!!.

ها شميءَ اُداس هوندي ۽............

مُضطرب تہ اڳي ئي هئس مان پر اڌوري آس ۽ بيچينيءَ اچي دل کي سوگهو ڪيو ۽ ڪنهن ڪم تي من نہ چاهيو، مون موڪل ڪري ورتي، فليٽ تي پُڄي ساڳي بئگ تيار ڪيم ۽ جهٽ ئي نڪري پيس ڳوٺ ڏي.

بس ۾ وينم تہ دل جو دهڪو وڌي ويم ڇڻ، پائنيان دل معمول کان ڪجهہ وڌيڪ تکو تکو پئي ٿي ڌڙڪي، شميءَ جو تصور ايندي ئي منهنجي ڪيفيت بدلجي وئي هئي، دل جي ڌڙڪن ۾ هڪ عجيب هلچل لڳي پئي هئي، شميءَ اداس هوندي......... هُوءَ پاڻ کي اڪيلو پائيندي هوندي........... هُوءَ ڏاڍي ڏُکي ٿي هوندي.............. هن وقت تہ.............. مان سوچي رهيو هئس.............

مون نٿي پئي چاهيو تہ شميءُ وڌيڪ ڪو پل تنها رهي، ڪو ڏُک سهي، ڪنهن جي بيوفائي جو ماتم ڪري، مون هن جو هٿ پڪڙي اڏامڻ ٿي چاهيو، مون چاهيو ٿي هُوءُ هر پل مُرڪي، مان هن سان گڏ هڪ لازوال ۽ اُوچي اُڏام آڪاش جي وشال وسعتن ۾ اڏاميءُ رحمان جي نگريءَ کان دور.........

فون جي آواز تي مان ڇرڪي پيس، خيال دونهان ٿي اڏامي ويا، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم بس حيدرآباد مان نڪري چُڪي هئي، روڊ جي ٻنهي پاسن ڏور ڏور تائين ڦهليل انبن جا باغ ها ۽ مون سان گڏ رفتار هئي جا وئي ڌوڪيندي ۽ دل جي تانگهہ بہ ائين ئي ٿي چاهيو تہ جلد پُڄان گهر ۽ شميءَ جو هٿ پڪڙي چوان ڏس شميءَ مان موٽي آيو هان................. توکان سواءِ مان تہ صفا.........اڌورو......

فون وري وڄڻ لڳو، جو ڪجهہ دير پهريان وڄي بند ٿي ويو هو، رسيو ڪري چيم:

"هيلو...............

"مان شميءَ ٿي ڳالهايان!!".

"ائين نہ پيو چوين ها تہ پيو سُڃاڻي وجان ها مان".

"شور وڌيڪ آ سمجهہ ۾ نٿو اچيم......"

"مون سُڃاتو آ توکي!."، چيم.

"ٻُڌو اتم ڳوٺ ٿو اچين....؟؟".

"ها شميءَ.................

“چو تو اچين ڳوٺ؟”، ڪن رکي هن چيو: “مون سان شادي ڪرڻ تو اچين؟؟”.
مان حيران ٿي پيس، سندس سوال عجيب ها، ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيس، تڏهن هن چيو: “تنهنجو پنهنجو ڳوٺ آهي نقيءَ........ جي ائين اچڻ چاهين تہ پلي اچ پر.............
“پر چا شميءَ؟؟”، لفظن جو پٽر چڻ هڪ هڏڪي سان اوڳاڇي ورتم.
“پر مون سان شادي ڪرڻ نہ اچجان!!.”، آئينا جيڪي وري جوڙيم سي سپ وري ڀڃي پٽ پئجي ويا.
“چو شميءَ؟؟، چو آخر...................؟؟”.
“ان سوال جو مون وٽ ڪو جواب ڪونهي پر پليز...........”
“شميءَ مان تنهنجو سئوٽ آهيان!، تنهنجي چاچي جو پُٽ، تنهنجو منگيندو.........................
“پليز نقيءَ..........
“ڏس شميءَ..........”، چيم: “اجان پي ڪجهہ نہ ويو آهي.......... رحمان بيوفائي ڪئي توسان تہ چا آهي؟ مان تہ آهيان نہ تنهنجو...........
“ڪو بہ ڪنهنجو ناهي نقيءَ.”، هن چيو: “مرد تہ سيئي مرد ئي هوندا آهن!”.
“پر مون تہ توکي چاهيو آ شميءَ؟.”، چيم:“اُجري چاندوڪيءَ وانگر منهنجي من ۾ رهي آهين سدا تون!!”.
“ڪتابي ڳالهيون دل تہ وندرائي سگهن ٿيون نقيءَ پر گهاءُ نٿيون پري سگهن”.
“مان تنهنجا گهاءُ پريندس شميءَ.”، چيم: “مان تہ اجان پي باوفا آهيان ڏس”.
“مان پي تہ باوفا آهيان نقيءَ!!.”، شميءَ چيو: “بي وفا نٿي ٿي سگهان مان”.
“چا مطلب آهي تنهنجو؟؟”.
ڪن رکي هن چيو: “رحمان بيوفا آهي نقيءَ تہ چا؟، مان تہ ناهيان، منهنجي من ۾ بيو ڪوئي پي ڪونهي ۽ مان شادي ڪرڻ ئي نٿي چاهيان”.
“پاڳل آهين تون!.”، چيم
“ها پاڳل ئي تہ آهيان مان نقيءَ.”، چيائين: “ديوارن جو پروسو ڪيم!، مان ڪنهن جي بہ نہ ٿي سگهندس”.
“بيوقوف نہ ٿي جٽ!!.”، چيم: “مان ڳوٺ اچي رهيو آهيان ۽ مان توکي وٺي ئي ويندم..............
“منهنجو موڊ مذاق جو نہ آهي”.

“مان ڪو مذاق نہ پيو ڪريان.” چيم: “مان بس ۾ آهيان ۽ سچ ڳوٺ اچي رهيو آهيان آخر تون منهنجي چاهت جو آهين”.

“مون کي چاهت جي ضرورت ئي ناهي نقيءَ!!.”، چيائين: “تون بس واپس موٽي وڃ”.

“توکي ضرورت نہ آهي پر مون کي تہ آهي نہ!!”.

“مان ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڏئي نہ سگهندس تون واپس موٽي وڃ نقيءَ پليز پليز..........”

“چريءَ آهين ڇا؟؟.” چيم:“مان هرگز نہ موٽندس، هر واري تنهنجي نہ هلندي، گهٽا تو ضِد ڪري ورتا مان بس اچي رهيو آهيان”.

“نيڪ آ تہ پوءِ اچ.”، هن چيو: “هت شميءَ نہ شميءَ جو توکي بہ لاش ملندو، مون ۾ هاڻ هونئن پي وڏيڪ ڪا سهپ بچي ڪانهي!!”.

“بي عقلي جون ڳالهيون نہ ڪر، مان آهيان نہ مان سڀ.............

“مان هاڻ ڪو ڏُک نہ سهندم نقيءَ.”، چيائين: “تون شميءَ جو مُنهن ڏسڻ اچي رهيو آهين نہ؟، ٺيڪ آ اچ............ مُنهنجو مُنهن ئي ڏسي واپس موٽي ويندين!!!”.

هن فون بند ڪري ڇڏي، مان خاموش ٿي ويس. ڪا هِڏڪي ڳلي ۾ اٽڪي پيم، ڪو ڳوڙهو اک اندر اپري، سُڪي خُشڪ ٿي ويو، پائنيم بس اگهٽي نہ پر پوئتي، پوئين پير تيزيءَ سان ڊوڙندي ٿي وڃي!!.

نوان پر جي ڦُٽا ها سي وري سڙي خاڪ ٿي ويا، بهار نہ آئي راس من کي، هُن ڪنهن بہ صورت ۾ نہ اپنائڻ چاهيو ڪنهن کي پر هُن هر ڀيري مون کي ٺُڪرائي ڇڏيو، ڪو بارود، ڪو ڊائناميٽ ڦاٽو جگر ۾ ۽ ڪنهن پهاڙ وانگر وکري ويس مان، ريزه ريزه ٿي ويس پل ۾، هن جو ميسيج آيو، بي دليو فون ڪنيم: “يقين مڃ نقيءَ مان زهر کائي ڇڏيندس جي تون نہ مُڙئين تہ.......

مون چاتو ٿي هُوءَ ضد، هٺ ۽ زبان جي پڪي آهي بيحد.............. هن جا ميسيج ڪرندا رهيا موبائل تي، ميسيج جي رنگ تون جڻ ڪنهن مُلان جو آواز هئي جنهن جڻ مُردي جو جنازو پڙهڻ لاءِ اجازت ٿي گُهري!!!.

انيڪ ميسيجن ۾ هڪ ئي سوال: “ٻُڌاءِ نقيءَ؟؟.” ۽ مان پريشان، وياڪل، وڃايل.......... سڀ ڪجهہ هاريل لُٽايل!!.

اُن ڏينهن مان رحمان جي نگريءَ مان نڪري ڳوٺ ڇڏي آيو هئس ۽ اڄ مان حيدرآباد ڇڏي آيو هئس، مان نہ هُن پاسي وڃي سگهيس، نہ وري مان هِن پاسي رهي سگهيس، ميسيجن جو ڪڙڪو جڻ ڪي ڌماڪا، بي دليو ٿي پڙهيم: "ڀُڏاءِ نقيءَ؟؟".

"ڇا ڀُڏايان شميءَ؟، مان تہ جڻ دربدر ٿي ويو آهيان!!."، جڻ ڏُک لکي موڪليم جو ٻہ ڳوڙها اکين مان وهي ڳلن تان گسڪيءَ ويا ها.

"واعدو ڪر ڳوٺ نہ ايندين!؟؟"، لُڙڪ تہ آهن ئي هيٺائي جي نشاني، پر ننڍڙا قطرا نِبل هُئڻ جو احساس ڏيارين ٿا، مان روئي نہ سگهيس، نِبل جو هئس، دل چيتون چيتون ٿي وئي، هُوءَ جو ضِد تي اڙي هئي: "ها مان ڳوٺ نہ ايندس شميءَ............... ڪڏهن بہ نہ!!."، مون فون جو بٽڻ پريس ڪري ڇڏيو ۽ جواب سِرڪي گُم ٿي ويو.

ڪجھ دير ڪان پو هن جو ميسيج آيو: "پاڳل ڪيترا ڇوڪرا شهر وڃي پرڏيجي ويا هڪ تون آهين جو ايتري عرصي گذارڻ جي باوجود بہ ڪا ڇوڪريءَ ڳولي نہ سگهيو آهين!!!".

منهنجا چپ سُڪي نوٽ ٿي پيا ها ۽ من ۾ ڪو صحرا، ڪو رڻ پٽ هو، جنهن ۾ مان جليس ٿي، رُليس ٿي............!!، "من جا محرم بازارن ۾ ناهن ملندا شميءَ."، ٽائيپ ڪري اهو ميسيج، بنان موڪلڻ جي ئي ڊليٽ ڪري ڇڏيم پر هن جو وري ميسيج آيو: "هاڻ ڳوٺ اچين تہ پاپيءَ ڪي گڏ وٺيو اچجانءِ جٽ!!".

"نہ ايندس.......... ڪڏهن پي مان رحمان ۽ رحيم جي نگريءَ ۾............!!!."، مون رڙ ڪئي ۽ سِيٽ تي پر ۾ وينل پائيءَ ڊڄي ويو، هُوءَ حيرانيءَ مان مون ڪي ڏسڻ لڳو، ڊڄي تہ مان پي ويو هئس جو ميسيج پڙهندي ئي هلڪي رڙ ڪري جواب ڏنو هئم جڻ شميءَ منهنجي سامهون هُجي!!.

گهڻا مسافر تعجب وچان مون ڪي نهارڻ لڳا ۽ مان بئگ ڪڇي بس جي گيٽ تي هليو آيس، بس روڪرائي لهي پيم، آسمان ڏي ڏسي هڪ آرس پچيم، جڻ آڪاش جي وشال وسعتن ۾ اڏامڻ ٿي چاهيو مون پر زوڪاٽن ڪن تي ڪاڏا، ڏنم هِتان جون گاڏيون هوڏانهن ۽ هُتان جون گاڏيون هيڏانهن ڀڳيون ٿيون وڃن، رستو نهي رهيو آهي، رستو ڊهي رهيو آهي، مان نهي رهيو هئس، مان ڊهي رهيو آهيان!!.

پڳل ۽ ٽُٽل رستي تي بدحواس ڀڄندڙ گاڏين مِٽيءَ جا طوفان اٿاري ڇڏيا آهن، نهندڙ رستي جي، ڊهندڙ رستي جي مان ڪناري ئي بيٺو آهيان، ڌوڙ ۾، ڌُڌڙ ۾، ڌُنڌ ۾........... مان جڻ گُم ٿيندو پيو وڃان!!!.

# گُذري ويل رات جي رهجي ويل لمحي ۾

11 مئي جو سج سويرڪو لهي ويو آهي ۽ اڄ ڏينهن سان گڏ هن رات جو ڪجھ حصو بہ سوچن جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي پر اجان تاريخ ساڳي آهي 11 مئي 2013.

تاريخ جي مٽجڻ ۾ اجان ڪجھ دير آهي، 11 مئي کي 12 مئي ٿيڻ ۾ اجان ڪجھ منٽ گهرجن ٿا پر وڏي رئيساڻي جام ٿڪي پئي آهي، سڄي ڏينهن جي منظرن تي سوچي سوچي ذهن جڻ ساڻو ٿي پيو اٿس، ٿي. وي تي مغرب کان ئي چونڊن جا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ من جي مونجهہ مِٽائڻ لاءِ هُن دالان ۾ پيل ٽي. وي تي مختلف چينل لڳائي ڏٺا آهن پر هر چينل تي اليڪشن، اليڪشن ۽ اليڪشن!!!.

پٽ تي ٽنگيل گهڙيال ڏٺائين، 11 مئي گُذري ڪونهي اجان باقي آهي!!.

وڏي رئيساڻي جيڪا رئيس جي وڏي ڌيءُ فرحت کان پورا ساڍا ست سال ننڍي آهي ۽ رئيس جي گهر واريءَ جي رضا الاهي کان پوءِ رئيس جي نڪاح ۾ آئي آهي، سا ڄمار ۾ تہ اوٽيهہ سالن جي آهي پر رئيس جي ٻيءَ ڪنهن گهرواريءَ جي نہ هُجڻ ڪري وڏي رئيساڻي آهي!!!.

وڏي رئيساڻي هڪ ڀيرو ڀيهر پٽ کي چنبڙيل گهڙيال ڏٺو آهي، ائين لڳيس ٿو جيئن گهڙيال ديوار کي چنبڙيءَ پيو آهي تيئن ئي جڻ گهڙيال جا ٽئي ڪانٽا شيشي جي اندر گهڙيءَ ۾ چنبڙيءَ پيا آهن!!!.

هُوءَ ٻي دِلي مان اُٿي ٿي، رموٽ کي صوفا تي اُڇلي، ٿڪل وِڪون کڻندي پنهنجي بيڊ روم ۾ هلي اچي ٿي ۽ پُنيان ٿي. وي کُليل ٿي رهجي وڃي، جنهن ۾ ميزبان مُلڪ جي مختلف تڪن جا چونڊ نتيجا ٻُڌائيندو ٿو رهي.

رات جا ٻارنهن ٿيڻ ۾ اجان پنج منٽ باقي آهن، وڏي رئيساڻي پنهنجي بيڊ تي اچي ليٽي نٽي پر پُنيان وهاڻو ٽيڪ ڏئي، ٽنگون ڊگهيري ويهي ٿي رهي، اکين مان ننڊ ڪوهين ڏور اٿس، ننڊ جو ڪو ڇيڙو، ڪو انت ڪو سِرو هٿ وس نہ اٿس، سندس دل، دماغ جڻ سُن ٿي پيا هُجن، هُوءَ شام ٽِپهريءَ کان انيڪ ويچارن ۾ پچرندي رهي آهي، ٽِپهريءَ کان رات جي هن پهر تائين آنڌ مانڌ کي هُوءَ پنهنجي من مان ڪڍي نہ سگهي آهي، ٻي سڪوني، ٻي چيني هُن جي حواسن تي واسو ڪري ڇُڪي آهي.

ٽِپهريءَ ڪان وٺي وڏي رئيسياڻي انيڪ ڀيرا پاڻي پيتو هو پر روح هُيس جيڪو جڻ تر جي ڪا پِٽ هو ۽ اجان تتل هو، هُن وري بيڊ روم ۾ لڳل گهڙيءَ کي نهاريو، 11 مئي گُذري چُڪي هُئي ۽ 12 مئي جا ٻارنهن لڳي ٻاويهہ منٽ ٿيا ها، هن اجان تائين ڪجهہ نہ کاڌو هو، سندس اکين ۾ ننڊ نہ هُئي، سندس پيٽ ۾ ٻُک نہ هُئي، پيٽ ۾ جڻ آڳ هُيس ۽ سندس اکين ۾ ڪِروڙ هو......... ڪِروڙ جيڪو هُن پنهنجي رڳ رڳ ۾ تي محسوس ڪيو.

هُوءَ رئيس جي انتظار ۾ نہ هُئي، ڪيس خبر آ اڄ تہ اليڪشن هُئي پر رئيس تہ اڪثر سجيءَ رات گُذرڻ ڪان پوءِ ئي گهر ايندو آهي، اڄ دير ٿيڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي ۽ اهو تہ امڪان ۾ آهي.

هُوءَ پنهنجي بيڊ تي بي جان بُت بڻي ويني رهي، سندس جسم بي حرڪت پيو رهيو، بُت ۾ جڻ ڪو ساهہ نہ هُيس، بس حواس جيڪي حرڪت ۾ هُيا تِن آڌار هُوءَ اندر ۾ ڪڙهندي رهي، وڙهندي رهي، لڙندي جهڳڙندي رهي پاڻ سان ۽ پُرندي رهي.

ڏينهن وارا واقعا سندس ذهن تي هر هر تري تي آيا، هُن جيڪي نٿي ڏسڻ چاهيو سو هر هر تي ڏنائين، ذهن جو رموٽ سندس هٿ وس نہ هو، نہ تہ جيڪر اهي منظر هُوءَ هڪ ٻٽڻ دٻائڻ سان ڪنٽرول ڪري وٺي ها پر اهي منظر نہ چاهيندي بہ هُوءَ ڏسندي رهي ۽ پچرندي رهي، اندر ئي اندر وڏجي هُوءَ ڪڙهندي رهي، ڪروڙ سندس وجود ۾ گهوماٽيون ڪائيندو رهيو ۽ هُوءَ مُنيون پيڪوڙي سوچيندي رهي!!!

بي خيالي ۾ وڏي رئيسياڻي جون نگاهون وري گهڙيال ڏي ڪجي ويون، 12 لڳي ستونجاهہ منٽ!!!.

رات گُذرندي وڃي ٿي، وڏي رئيسياڻي پنهنجي بيڊ تي ننڊ ڪان ڪوهين ڏور هيڪلي ويني آهي، سوچون جيڪي ڏينهن ڪان ڪيڏ لڳل اٿس تنهن جو رموٽ سندس وس ۾ ڪونهي!!!.

ٻُجان اچيس ٿي مرد تي، مرد ڪيئن نہ ڪنهن بيوس تي ڪاهہ ڪري ٿو!!. پاڻ ڪان هيٺي کي هيسائڻ ئي پنهنجي بهادري سمجهي ٿو نہ تہ اندر ۾ ڪيڏو ٻُزدل ۽ ياڙيو آهي اصلي....... سوچون سندس ڏگ نٿيون ڇڏين، ٻُڏندي تي وڃي لهرن ۾........ هارين نارين، غريبن ۾ نانءَ ۽ ناماچار، رُعب، دٻدٻو، نٽ نانگر ۽ ڏارين اڳيان گيدي، ڪائنر، ياجوڪڙ.........

ياجوڪڙ....................!!!

هُوءَ وڏيڪ سوچي نٿي سگهي. ياجوڪڙ تي بيهي پوي ٿي، بيهي چا اٽڪي پوي ٿي.

ڪمري ۾ نہ تڏ آهي، نہ کٽ آهي نہ بوسٽ آهي، رات جي ويلي خاموشي ۾ هُن کي ڪابہ خبر نٿي پوي، هُوءَ سوچيندي سوچيندي رات مان مُڙي ڏينهن ڏي هلي وڃي ٿي، ٽِپهريءَ جي وقت اڱڻ تي ويٺي آهي هُوءَ ۽ پنهنجي انهن خوابن جو سوچي رهي آهي جيڪي خواب ڏسڻ جي آس هُن پنهنجي دل ۾ شادي کان اڳ رکي هُئي!!!.

اڻ ڏٺل خوابن جو هُن سوچيو ٿي تہ اچانڪ ٻاهر گوڙ گهمسان ٿي پيو ۽ وڏي رئيساڻي چرڪي پئي، ٻئي پل ويڙهي جا ڪجھ ٻار ڊوڙندا آيا، جن جي واتان هُن ٻُڌو جهيڙو ٿي پيو، جهيڙو ٿي پيو!!.

ٻار تہ ڀڄي ويا اڳتي پر وڏي رئيساڻي ائين بي خيالي ۾ اُٿي ماڙيءَ تي چڙهي آئي ۽ پِٽ جي وِٿي مان ٻاهر ڏسڻ لڳي، اوپر جي ڪُنڊ ۾ اسڪول جي اڱڻ تي ڪجھ ماڻهو وڙهيا پيا آهن. ڪي ڪنهن کي لتون پيا هڻن، ڪي ڪنهن کي مُڪون پيا هڻن، ڪوئي ڪنهن کي گهِلي پيو، ڪِن جا ڪپڙا ڦاٽا پيا آهن ۽ ڪِن جا مٿا ڦاٽڙها تہ ڪِن جي نوڙنين مان رت وهي پيو!!.

پٽر تي پٽڪا، ٽوپيون ۽ جُتين جا پادر ايڪڙ ٻيڪڙ وڪريل ڪريل ۽ مُڪون، لتون ۽ گهِل گهِلان اجان تائين هلي پئي، پوليس جا ٻہ چار سپاهيءَ ڪيس ماڻهن جي انهيءَ مارا ماريءَ ۾ بيوس بيٺل نظر اچن ٿا، جيڪي اِهي ٻہ چار پوليس وارا هن ڏنا سي اسڪول جي ديوار کي ٽيڪ لڳايو خاموش بيٺا ها، اُنهن جي وس جي ڳالھ نہ هُئي.

ماڙيءَ تان تماشو ڏسندي اوچتو الاءِ ڇو ڪيس رئيس ياد آيو، رئيس سان پُنين نو مهينن ۾ هُن ڪڏهن بہ پيار جو اظهار نہ ڪيو هو پر هن ويڙھ ڪي ڏسي سندس نظرن نہ چاهيندي بہ رئيس کي ٿي ڳوليو، هن کي ياد آيو رئيس تہ ڪنهن بہ پارٽي سان گڏ نہ آهي، سين سان ياريءَ باشي اٿس پر ڪٿي هن جهيڙي ۾ رئيس ڪي..........

سندس اندر جي روايتي عورت جاڳي پئي ۽ هُوءَ بيچيني مان رئيس کي ڳولڻ لڳي، جڏهن ڪيس رئيس نظر نہ آيو تہ فڪر وڌي ويس ۽ هُوءَ ماڙيءَ تان ماڻهن ۾ رئيس جي ڇهري کي ڏسڻ لاءِ اتاولي ٿيڻ لڳي!!.

اُمالڪ سندس نظر اسڪول جي پٽر کان هٽي ڏکڻ طرف ميدان تي پئي جتي ماڻهن جو هڪ وڏو انبوھ موجود هو، جيڪو پُڻ اسڪول جي پٽر ۾ وڙهندڙن کي پري کان ڏسي رهيو هو، هِن انبوھ ۾ بيٺل ماڻهن کي جانچي جانچي نهارڻ شروع ڪيو ۽ پل ۾ ئي ڪيس رئيس نظر اچي ويو، جيڪو ميدان ۾ موجود ماڻهن جي پهرين قطار ۾ بيٺو اسڪول

جي پٽر ۾ وڙهندڙن کي ڏسي رهيو هو، هن هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ اُتي ئي ڇت تي ديوار کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي!!!.

ڪئي پل لنگهي ويا هُوءَ اتي ديوار جي اوٽ ۾ ويٺي رهي، هن جي دل نہ چاهيو اتان اٿي، ٿوري دير ۾ اسڪول جي پٽر مان اينڊڙ گوڙ گهمسان ۾ ناپُر اچي وئي، هن جو خيال گوڙ گهمسان مان هٽي ويو، سوچڻ لڳي رئيس کي ائين نہ هُجڻ گهُرجي، نعرا هڪ جا ووٽ ٻئي کي.........

”اِها منافقت آهي، مُنافقت نہ ڪرڻ گهُرجي، ساڄي ڏُر سان نہ تہ ڪابي ڏُر سان پر ڇِٽو هلڻ گهرجي، دوکو ۽ مُنافقت نہ..... قبلو دُرست رکجي، ٻن ٻيڙين ۾ تہ پير پيو.......

وڏي رئيسياڻي جي ڪنن تي ڪو آواز پيو ۽ ڇرڪي پئي، ٻئي پل سڀ خيال ڇُٽي پيس ۽ ڇت تي اُٿي بيٺي، پيرن جي پٻن تي زور ڏئي وري ٻاهر نهارڻ لڳي ۽ اڪ پيس فوجي ٽرڪن تي جيڪي ڳوٺ جي موڙ مان نڪرنديون اسڪول ڏي ويندڙ روڊ تي تڪيون تڪيون اچي رهيون هيون، هڪ، ٻہ، ٽي، چار...........

وڏي رئيسياڻي فوجي ٽرڪون تي ڳٽيون، ڪجهہ ٽرڪون اڳتي اسڪول جي پٽر ڏي هليون ويون، ٻہ ٽرڪون ڏکڻ واري ميدان ۾ لهي پيون ۽ ٽرڪن جي بيهندي ئي ٽرڪن ۾ موجود چار ئي فوجي جيئن ئي هيٺ لٿا تہ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي، هن ماڻهن کي ڀڄندي ڏٺو، سوچڻ لڳي فقط چار فوجي سپاهين کي ڏسي ڳوٺ جا ماڻهوءَ ڀڄن چو ٿا!؟؟.

فوجي تہ ڪنهن کي ٻہ ڪجهہ نہ پيا چون پر هي ماڻهوءَ هنن کي ڏسي وائڙا ۽ بدحواس ٿي گهرن ڏانهن ائين چو پيا ڀڄن ٿا؟ هنن جو تہ ڪو ڏوهہ نہ آهي پوءِ هي چو آخر.......

هي ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهي، ماڻهن کي فوجين کان ائين خوف چو؟، جڏهن تہ جهيڙو تہ اسڪول جي پٽر جي ماڻهن........ هي تہ ميدان........ اوچتو هن جي نظر رئيس تي پئي جنهن جي لُوهہ اوطاق ڏانهن هُئي.

وڏي رئيسياڻي رئيس کي ڀڄندي ڏٺو، چار فوجين جي خوف کان رئيس کي بدحواس اوطاق ڏانهن ڊوڙندو ڏٺو، هن وائڙائپ ۾ ڊوڙندڙ رئيس جي ٽوپي ميدان ۾ ڪرندي ڏٺي، هن کي جڻ چڪر اچي ويو، رئيسياڻي گوڏن تي هٿ رکي ماڙيءَ جي ڇت تي ويهي رهي، ديوار کي ٽيڪ ڏنل هئس پر ڪيس لڳو هُوءَ ٻنان ڪنهن سهاري، ٻنان ڪنهن ٽيڪ جي آهي، مٽي ۾ ڀنواٽي محسوس ڪندي هُن ٻُت کي ڍرو ڇڏي ڏنو جڻ وڪري وئي هُجي!!!.

در جي ڪڙڪي تي هن جي نگاھ در ڏي ڪجي وئي، جتي رئيس ڪي موجود ڏنائين ۽ ٻئي پل ديوار تي ٽنگيل گهڙي ڏنائين 3 لڳي چوونجاھ منٽ!!!.

هُوءَ ڏينهن وارن خيالن مان موٽي آئي، وڏي رئيساڻي سوچيو عام راتين ۾ تہ رئيس 5 بجي کان اڳ گهر نہ ايندو آهي، اڄ الاءِ ڇو جلدي......

رئيس ڻاہڙجي بيڊ روم جو در لاڪ ڪيو ۽ تيز ڪائي بيڊ جي پيرانديءَ ڪان اچي وينو، هن ڪو ڌيان نہ ڏنو، ڇاتائين تي اڄ پڻ شراب پيتل هوندس سو هيءَ ٻُت ٻڻيو ويٺي رهي اکيون ڇڻ پٽرائجي ويون هئس، هن جي اکين ۾ ڏينهن وارا منظر تي ڦٽڪيا، ڪِروڙ تي من ۾ گُهميس، فوجي ٽرڪ، چار فوجي، هيڏي ساري خلق ۽ رئيس......... ڪارندا چار........ ها چار فقط......... تن ڪي ڏسندي ئي سين جي ڀاڄ....... ڪهڙو خوف هو سين ڪي؟، ڪهڙو خوف هو رئيس ڪي؟، رئيس جي ٽوپي...........

هُوءَ سوچي رهي هُئي پر پاڇوڪڙ ڪا وڏيڪ سوچي نہ سگهي ۽ رئيس پيرانديءَ ڪان اُٿي وڏي رئيساڻي جي پيرن ڪان اچي وينو، سندس ڳاڙهيون اکيون جيڪي پل پهرين اڌ ٻوتيل لڳي رهيون هيون سي ڇڻ سڄيون کُلي پيون هينئر، رئيس کي جام پيار اچڻ لڳو پنهنجي نوخيز ونيءَ تي، رئيس پنهنجو مُنهن ويجهو ڪري وڏي رئيساڻي جو چهرو چُمڻ چاهيو پر رئيساڻي پنهنجو مُنهن پرتي ڪري ورتو، شراب جي ٻُوءَ سندس ساھ ساڙڻ لڳي!!.

رئيس هٿ وڌائي سندس چهرو پنهنجي طرف ڪيو، رئيس جو هٿ نہ هو ٿوهر جو ٿُڙ هو، هن کي لڳو سندس مُنهن ڇِلجي پيو آهي، رئيس جي هٿ ۾ انيڪ ڏِينيوءَ چنبڙيل ها جيڪي سندس چهري کي ڇڻ چُهٽي پيا!!.

هِن رئيس جو هٿ پٽي پرتي ڪيو.

“مِني ايڏي بيزاريءَ ڇو؟.”

اندر ۾ ٻڙڇي لڳي وئي هُن جي، لفظ مِنيءَ هن جي هانءُ ۾ ڪنهن ڪات ڪُهاڙي وانگر ٿُنبجي پيو، ڪروڌ ۾ ٻُجان هُن جي رڳن مان ولوڙجي اکين ۾ لٿو ۽ ٻئي پل چهري جا تاثرات هن جي نفرت جو آئينو ٿي پيا، هُوءَ وري لفظ پاڇوڪڙ تي اچي بيهي رهي پر ڪُجي ڪجھ بہ نہ.

رئيس ڇاتو تي وڏي رئيساڻي ڪجھ بہ نہ ڳالهائيندي، هُن ڪڏهن ڪجھ ڳالهايو بہ تہ نہ هو!، سدائين چُپ چُپات ۾ هُن پنهنجو ڪنڌ هميشہ هيٺ نِوائي ڇڏيو هو، هُوءَ

خاموشي مان بيبہ تان سندس پر مان اُٿيو ۽ پنهنجي قميض لاهي تنگٽي ۾ ٽنگيائين ۽ وري بيبہ جي پيرانديءَ ڏانهن لڙيو.

بيبہ جي پيرن وٽ بيهي هُوءَ آهليل وڏي رئيسياڻي کي ڪي پل ائين ڏسندو رهيو ۽ هُوءَ جيڪا ڪنهن متوقع حادثي جي منتظر، جڻ پٽر اکين سان حملي آور کي ڏسندي هجي، پرڪيندي هُجي سا حيران، وياڪل ۽ ششدر هئي!!.

ڪن رکي رئيس اڳتي وڏي رئيسياڻي جو پير جهليو پر رئيسياڻي سٽ ڏئي پنهنجو پير ڇڏائي ورتس، ڪيس لڳو رئيس ساڻس ڪو حق نہ بلڪ سندس جڻ لچ لُٽڻ پيو چاهي!!!.

رئيسياڻي پنهنجا ڏگهيريل ٻئي پير سوري ورتا ۽ پلٽي ماري بيبہ تي ويهي رهي، هُن نٽي چاهيو رئيس سندس روح سان گڏ اڄ سندس جسم پيي زخمي ڪري پر رئيس جو اڄ سرس پيتل هو ۽ رئيس چاهيو ٿي گذري ويل رات جي رهجي ويل لمحي ۾ شراب جي خمار مٿان آڳ جي تپش کي رئيسياڻي جي جوڀن پريي وجود سان ٺاري، ٺڏو ڪري سُمهجي!!

هُوءَ هڪ وار وري اڳتي وڌيو، بيبہ تي نوننين پر چڙهي هن رئيسياڻي جو پلٽي ماري هيٺ دٻايل پير وري پڪڙيو، ان ڪان اڳ جو هوءَ وڏي رئيسياڻي کي سٽ ڏئي بيبہ تي نستو ڪري ڪيرائي، رئيسياڻي امالڪ هڪ زورائتي لت ڪيس ڇاتي ۾ وهائي ڪڍي!.

جائيتي لت لڳڻ سان رئيس جي پروڻ ڇاتي وڃي وئي، تيز ڪائي بيبہ تان هيٺ ڪريو ۽ سُن ٿي ويو. وهيءَ اڳي ئي موٽيل هئس، مٿان شراب جي سختيءَ ۾ بہ سوگهو هو پر رئيسياڻي ننڍي نيٽي هُئي جنهن جي زورائتي لت سهي ڪانہ سگهيو ۽ هيٺ ڪارپيٽ تي ئي ڪِري خُمار ۾ هليو ويو.

رئيسياڻي کي ڪوبہ تعجب نہ لڳو جڻ سندس هانءُ تان ڪو وڏو بار لهي پيو. "هي ڪو حق نہ پر مون سان زوري زنا ڪندو رهيو آهي. اهو حق نہ آهي لچ لُٽڻ آهي!!".

هُوءَ بيبہ تان لهي آئي، هڪ نظر ڪارپيٽ تي ڍير پيل رئيس تي وڌائين، دل چاهيس هڪ ٻي لت سندس وڏي اوجهري واري پيٽ ۾ وهائي ڪڍي پر ٻي سٽ سان سٽ آزمائڻ هُن کي مناسب نہ لڳو، وڏي رئيسياڻي ڇپن ۾ پُڻ پُڻ ڪئي: "هن پاجوڪڙ ماڻهوءَ کي ڪو حق ڪونهي مون تي!، هيءَ جيڪو ٻن وڏيرن وٽ قيد آ ۽ چار وردي وارن ڪان ٻنان ڪنهن ڏوهہ جي خوف ڪائيندو آ ۽ ڳوٺ جي ابوجهن کي سدائين هيسائي تپائي ٿو سو ڏاڍي جي اڳيان ڳيدي آ. گهر ۾ شينهن ۽ ڏارين لاءِ گدڙ آ......"

“ها هِن ماڻهوءَ کي مون تي ڪو حق ناهي، جيڪو ڏارين اڳيان بُزدل ۽ پاڙيو آ ۽ پنهنجن لاءِ رئيس آ، پوتار آ.....!!!”، هُن نگاهہ ڪٽي گهڙيال ۾ ڏنو چار لڳي 59 منٽ!!!.

هُوءَ رئيس کي اورانگهي دالان ۾ نڪري آئي، فرج کولي ٿڌي پاڻي جي بوتل ڪڍيائين، بنان ساهيءَ اڌ بوتل پاڻي پي هُن پنهنجي پوتيءَ سان پنهنجو چهرو اُگهيو ۽ چاڙهيءَ چڙهي ماڙيءَ تي هلي آئي، اوپر واري ديوار وٽ اچي ديوار تي ئي پنهنجون ٻانهون رکي ڇڏيائين ۽ ڪُليل ٻانهن تي پنهنجو چهرو ڇڏي ڏنو هُن.

ماڙيءَ تان پريان اوپر طرف هُن ڏنو اسڪول............. ۽ اسڪول جي پريان ساوڪ ئي ساوڪ ۽ ساوڪ ۾ صُبح جي سُهائي پکڙندي ٿي وئي.

* * * * * * * * *

# بئڪ ٽائٽل رايو

ڪيترن ليکڪن ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ بنا ڪهاڻيءَ واري ڪهاڻيءَ لکي ٻوڙ هاريو آهي، پر امداد جو شُمار نئين ٿهيءَ جي اُنهن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي موجود آهي ۽ اها دلچسپ بہ آهي، بنا ڪنهن لفاظيءَ ۽ هر پيرو جي جملي بازيءَ کان سواءِ، صاف سُتري ٻوليءَ ۾ لکندڙ هن ليکڪ جي ڪهاڻين ۾ سماجي شعور بہ واضح طور تي موجود آهي تہ مقصديت بہ.

هن ڪتاب ۾ امداد جون حقيقت نگاريءَ واريون ڪهاڻيون بہ موجد آهن تہ علامتي ڪهاڻيون بہ سنڌ جي بيحد اهم مسئلن تي لکيل سندس علامتي ڪهاڻيون بہ پڙهندڙ کي مونجهاري ۾ مُبتلا نٿيون ڪن، جنهن ڪري اهي بہ ڦرهي پوريون ڪرڻ کان سواءِ اڌ ۾ نٿيون ڇڏي سگهجن.

بيشڪ تہ امداد ڪانهيو پنهنجي ٿهيءَ جو هڪ اهم ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ذڪر کان سواءِ سندس ٿهيءَ جو ڪهاڻيڪارن جو ذڪر اڌورو ٿيندو.

## زيب سنڌي